# رشتن جو رقص

ريٽا شهاڻي



# رشتن جو رقص

## ڪهاڻيون

*

## ريتا شهاڻي

*

ڪمپوزنگ : عبدالجبار شيخ

*

لي آئوٽ : محمد سليمان وسان

*

## سنڌ سلامت ڪتاب گهر

سنڌ جا سچڻو سلام .........

سنڌ سلامت سنڌي ٻوليءَ جي ڪتابن جي ذخيري کي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچائڻ لاءِ ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن متعارف ڪرائڻ جو جيڪو سسلو شروع ڪيو آهي، ان سلسلي جو پندرهون ڪتاب **رشتن جو رقص** اوهان اڳيان پيش ڪجي ٿو. هي ڪتاب هندستان جي برک سنڌي ليکڪا ريتا شهاڻي جي ڪهاڻين تي مشتمل آهي.

اسين ٿورائتا آهيون اسلاميه سائنس ڪاليج سکر جي اسٽنٽ پروفيسر محترم عبدالجبار شيخ صاحب جا جنهن هي ڪتاب ڪمپوز ڪري سنڌ سلامت تي پيش ڪرڻ لاءِ موڪلي ڏنو آهي.

اوهان سڀني دوستن، بزرگن ۽ ساٿين وٽان جي قيمتي مشورن، راين ۽ صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**

مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )

سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام

salamatsindh@gmail.com

**www.sindhsalamat.com**

ڪويتا پبليڪيشن جو ڪتاب نمبر 6

ڪتاب جو نالو: رشتن جو رقص

موضوع: ڪهاڻيون(مني ۽ ڊگهيون)

ليکڪ: ريتا شهاڻي

ڇاپو: پهريون اگسٽ 2005 ع

تعداد 1000 هڪ هزار

آرٽ : هرجي

ٽائيٽل تخليق: ڪرشما شهاڻي(پونا)

ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ: ڪيشو لال ۽ هوت ميگهواڙ

انٽيل ڪميونيڪيشن 6 ربي چيمبرس ڪورٽ روڊ

حيدر چوڪ ڳاڏي کاتو حيدرآباد فون:2721172

ڇپائيندڙ: ڪويتا پبليڪيشن حيدرآباد سنڌ

قيمت 120 روپيا

# سنڌ جي سجڻ

# جي نالي

## ريٽا شهاڻي

# اداري پاران

## رشتن جو پرم

ادبي کيتر ۾ ڪهاڻي يا آکاڻيءَ جڪ هڪ الڳ مقام رهيو آهي.ماءُ پنهنجي روئندڙ ٻار کي آکاڻي يا ڪهاڻي ٻڌائي منٺي ننڊ ڏانهن راغب ڪري ٿي.ننڍي هوندي ئي ٻار کي ڪهاڻي يا آکاڻي ٻڌائڻ جو رواج سنڌ ۾ گهڻي وقت کان هلندو اچي.جيڪو هن وقت تائين رائج آهي.ان ڏس ۾ ننڍڙن ٻارن توڙي وڏيءَ عمر جي ماڻهن تي ٻه ڪهاڻيءَ جو پنهنجو هڪ اثر ٿئي ٿو.اهو ڪيترو ٿئي ٿو؟اُهو انهي ڪهاڻيءَ تي منحصر آهي.

سچ چيو وڃي ته ته سماج جي مختلف لاڙن ۽ رخن کي ڪهاڻيءَ جي صورت ۾ قلمبند ڪيو ويندو آهي ۽ انسان جي انهن بدلجندڙ روين ڪردارن، احساسن، هلت، چلت ۽ سوچن تي لکڻ ئي ڪهاڻيءَ جي ڪاميابي آهي.تخليقي طور ان حوالي سان اسان جي سنڌ توڙي هند ۾ ڪيترائي ناليوارا ڪهاڻيڪار پيدا ٿيا.جن ۾ امر جليل ،نسيم ڪرل ،حفيظ شيخ، غلام نبي آگرو، جمال ابڙو ،علي بابا ،طارق اشرف، عبدالقادر جوڻيجو ،غلام نبي مغل ،طارق عالم ابڙو ،ڪلا پرڪاش ،موهن ڪلپنا ،وشنو ڀاٽيا ،سندري اتمچنداڻي ،ريتاشهاڻي گوبند مالهي ۽ ٻيا ڪيترا ڪهاڻيڪار شامل آهن.ان ڏس ۾ جديد سنڌي ڪهاڻي جي ارتقائي سفر ۾ جتي اسان جي پنهنجن ڪهاڻيڪارن ،پنهنجي تخليقي پورهيي وسيلي ڪردار ادا ڪيو آهي.اتي انهن جي ڪيول مختلف ٻولين جي ڪهاڻين جي ترجمن کي پڻ نظر انداز نٿو ڪري سگهجي.

ريتا شهاڻي جنهن سنڌي ادب کي ڪيترائي ڪتاب ڏنا جيڪي مختلف صنفن تي ٻڌل آهن.انهن ۾ خاص طور سندس آتم ڪٿا"ڀيهريءَ جا ٻه پل"پنهنجو مٽ پاڻ آهي.جيڪو ڪتاب اسان پنهنجي اداري پاران 2004ع ۾ ڇپائي منظر عام تي آندو جنهن کي سنڌ توڙي هند واسين پاران گهڻي پذيرائي حاصل ٿي آهي.ٻي وڪ طور هن اداري سندس ڪهاڻين جو مجموعو"رشتن جا رقص"(جيڪو اوهان جي هٿن ۾ آهي)پڻ ڇپائي

پڙرو ڪيو آهي.جنهن ۾ ليکڪ موجوده سماج ۾ ماحول جي ڪردارن کي وائکي ڪرڻ ڪانسواءِ طنز و مزاح ڀريل طرزِ تحرير وسيلي سماج جي مختلف ڪردارن ۾ سندن روين کي نهايت ئي مهارت ۽ فنائتي انداز سان قلمبند ڪيو آهي.

هڪ هنڌ ليکڪ چوي ٿي تہ ”ڪهاڻي ۽ ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٻن ماڻهن جي گهرج ٿيندي آهي.هڪ چوڻ وارو ۽ ٻيو ٻڌڻ وارو ۽ لکيل ڪهاڻي ۾ هڪ لکڻ وارو ۽ سوين ۽ هزارين پڙهڻ وارا“اها حقيقت هڪ ڪهاڻيڪار جي ڪاميابي ئي چئبي.

ويجهڙائي ۾ جيڪي پاڪ هند لاڳاپا وڌيڪ سُڌريا آهن.انهن سان اديبن ،دانشورن فنڪارن ۽ مختلف مڪتبہ فڪر جي ماڻهن جي ٻنهي ملڪن اندر اچ وڃ سبب نئون ماحول پيدا ٿيو آهي .جيڪا هڪ خوش آئند ڳلهہ آهي.هونئن بہ هتان جيءَ هندستان جي رهڻي ڪهڻي سماجي مسئلن ۽ سوچ ۾ ڪو گهڻو فرق ناهي.تنهنڪري بہ هڪجهڙائي آهي لفظن ۾ سرحد جي ٻنهي پار ،تخليقڪارن اڳيان هڪجهڙا سماجي ،اخلاقي توڙي معاشي لاڙا رويا ۽ قدر موجود آهن.جيڪي ڪين هڪٻئي جي قريب تر ڪري سندن فطري رشتن جو ڀرم رکڻ ۾ مددگار ٿيندا.

توڙي جو اڄڪلهہ اليڪٽرانڪ ميڊيا اسان جي سماجي قدرن کي بدلائي نون لاڙن ۽ روين کي جنم ڏنو آهي.جنهن جو سنئون سڌو اثر پرنٽ ميڊيا خاص طور تي ادبي تخليقي ڪتابن تي پيو آهي.۽ نتيجي طور ڪتابي کپت تي ناڪاري اثر پيا آهن پر وري بہ تخليقي ادب جي اهميت اڄ بہ سلامت آهي.ثبوت طور هن مجموعي ۾ موجود ريتا شهاڻيءَ جي مختصر ڪهاڻين تي محفوظ گرفت کي جيڪڏهن ڌيان سان نوٽ ڪيو ويو تہ پرنٽ ميڊيا جي محفوظ مستقبل بابت وشواس آوس وڌي ويندو.

هن ڪتاب جي پروفن ڏسڻ ۾ تاج جويي ۽ آسي زمينيءَ جي محنت ڪانسواءِ شري وليرام ولڀ جي مفيد مشورن کي نظر انداز نہ ٿو ڪري سگهجي.جنهن لاءِ ادارو سندن ٿورائتو رهندو.

**موهن مدهوش**

28 اگسٽ 2005ع

# مهاڳ

لکڻ هڪ اهڙو اڻ کُٽ سفر آهي جنهن جو نہ ڪو انت آهي نہ ڪا منزل بس رڳو هلندي هليو وڃڻو آهي.ريتا شهاڻي پڻ اهڙي ئي سفر تي نڪتل آهي جنهن جيتوڻيڪ لکڻ جي شروعات گهڻو دير سان ڪئي پر هاڻي جڏهن پنهنجي ڄمار جا ستر ورهيہ گذاري چڪي آهي تڏهن بہ قلم کي هٿان نہ ڇڏيو اٿس ۽ لڳاتار لکندي اچي.هن گذريل پاءُ صدي دوران مختلف موضوعن تي مشتمل ٽيهارو کن ڪتاب لکيا آهن.جن ۾ شاعري،ناول،ڪهاڻيون،سفر ناما ،ساروڻيون،ادبي مضمون،تنقيد ۽ آتم ڪٿائي ادب جون صنفون شامل آهن.هن پنهنجي شروعاتي ڄمار دوران جيڪي ڪجهہ پنهنجي ذهن جي صندوقڙيءَ ۾ سانڍي رکيو هو.اهو سمورو پنهنجي پئٽرن چاچي ۽ سنڌي زبان جي يُگ پرش دادا منگهارام ملڪاڻيءَ جي 1980 ع ۾ ديهانت کانپوءِ مختلف صنفن جي واهڻن وسيلي پنن تي پيتيو آهي.

ريتا شهاڻي جو رچنا سنسار بهو مکي ۽ مختلف ڏسائن ۾ ڦهليل آهي.هر رچنا مان سندس انيو،اپياس ۽ اندروني سُوجهي صاف بکي تي.جيڪا موضوع جي گهرج ۽ ذهني ميلان پٽاندڙ پنهنجي اظهار جي صورت پاڻ سان گڏ کڻي اچي تي.جيئن تہ پاڻ نِرت ڪلا ۽ سنگيت جي سُرن جي بہ ڄاڻ رکي تي تنهنڪري پنهنجين رچنائن کي انهن جي آهنگ سان جوڙي نهايت ئي خوبصورت اسلوب ۽ سيبتي انداز ۾ قلمبند ڪري زندگيءَ کي اتساهہ ۽ امنگ سان جيئڻ جوڳي ڪري ڏيکاريو آهي.جنهنڪري سندس رچنائون هر صورت ۾ سندس لاءِ زندگي جيئڻ جو بيو نالو آهن.

هڪ ٻوڌ ڪٿا ۾ آيل آهي تہ ڪنهن ماڻهو جي ڪهاڻي ٻڌائڻ ان ڪري ناممڪن آهي.جو وتس رڳو دک ئي دک آهن ۽ ديوتا جي انڪري جو وٽس سُک ئي سُک آهن ٻڌ پنهنجي شِش آنند کي اها ڳالهہ اڍائي هزار ورهيہ اڳ چئي هئي.ساڳي ڳالهہ بين ڪيترن ڏاهن ۽ سڄاڻ ماڻهن کان سواءِ بُلي شاهہ ڪجهہ هيئن چئي تہ ”مون پنهنجي گهر جي ڇت تي چڙهي ڏٺو تہ سيني جي گهرن ۾ دک جي باهہ دکي رهي هئي.“ ۽ اها اٽل حقيقت آهي تہ هن دور جو سک حاصل ڪيل سنسار ۾ بہ ماڻهو اوترو ئي اڪيلو ويا ڪل ۽ دکي آهي.جيترو تڏهن هو.ريتا اڄ جي دور جي اها ذهين ۽ حساس تخليقڪار آهي جنهن پنهنجي سهيوڳي دور ۾ زندگيءَ جي تتل،وڪريل،ظاهري ٺانئيڪو ٽيل پر وڪريل ۽ وڇايل ڪردارن کي سميٽي پنهنجين لکڻين جو آڌار بنايو آهي.

ريتا شهاڻيءَ جو هيءُ مجموعو”رشتن جو رقص“ 32 ڪهاڻين ۽ مني ڪهاڻين تي

مشتمل آهي جن ۾ هن پارت ۾ سنڌي سماج سان ڳنڍيل يا چنل ڪردارن جي اندر ۾ جهاتي پائي انهن جو اندر اپٽي پڙهندڙن اڳيان پڌرو ڪيو آهي.انهن ڪهاڻين جو ماحول ۽ ڪردار پارت جي شهري زندگي جي مٿين طبقي سان لاڳاپيل آهن.اهو ڏانچو جيتوڻيڪ سنڌ جي سماجي زندگيءَ ۽ ان سان لاڳاپيل آهن.ماڻهن جي مزاج ،روايتن ۽ ڪلچر کان گهڻو مختلف آهي ۽ هتي سنڌ ۾ پارت جي اسٽار پلس ۽ ان جهڙن بين چئنلن تي گليمر ۽ فيشن ايبل ماحول سان پرپور پيش ٽينڊڙ ڊراما سيريلن کان مختلف نٿو لڳي.پر انهيءَ حقيقت کان ڪو انڪار ڪيئن ٿو ڪري سگهجي ته پارت ۾ رهندڙ سنڌين جي مٿئين طبقي جون زميني حقيقتون سنڌ جي سماجي سچاين کان مختلف آهن.انهيءَ جي باوجود پارت ۾ سرجندڙ سنڌي ساهت سنڌ جي ادب وانگر هڪ اهڙو مظبوط حصو آهي جنهن ۾ موضوعن جي گوناگونيت اسلوب جي نواڻ ۽ زندگيءَ جي انهن رخن تان پردو ڪنيل آهي.

تخليقڪار نه ته رڳو ڏک جون ڪهاڻيون لکي ٿو ۽ نه وري رڳو سُک جون،جو جيون جڳت ان جي اجازت نٿو ڏئي ڏک سُک هڪ سکي جا ٻه پاسا آهن.انهيءَ جي باوجود ناول،ڪهاڻي لکڻ لاءِ ضروري نه آهي ته ڪنهن فارمولي تحت تخليقڪار کي لکڻ لاءِ مجبور ڪيو وڃي.تخليقۓ فارمولو ٻئي الڳ الڳ شيون آهن.ريتا لاءِ پنهنجي رچنائن لاءِ پهرين سرجڻ آهي ۽ پوءِ ان جي صورت گري.تنهنڪري پهريون عمل فطرت جو ڌرتيءَ سان جڙيل ٿئي ٿو ۽ ٻيو رڳو ان کي چٽو ڪري ٿو.ريتا جون هي ڪهاڻيون سرجڻ ۽ انهن کي گهاڙيٽو ڏيئي چٽو ڪرڻ جي عمل مان گذريون آهن ۽ پرتري هريءَ مطابق ته ”هوءَ هڪ سرجڻهار وانگر پنهنجين رچنائن معرفت موڪش(نجات) حاصل ڪري ٿي.جيڪو جسم ۽ چيتنا(شعور) جي حدن کان گهڻو اڳاهون ڪري انهن کي انفراديت پيش ڪري ٿو.“

ريتا جي ڪهاڻين جو هيءُ مجموعو ”رشتن جو رقص“سنڌ ۾ سري کان پهريون ڀيرو شايع ٿي رهيو آهي جنهن لاءِ پڪ اٿم ته پڙهندڙن کي پسند ايندو.

ولي رام ولڀ

24 اگسٽ 2005ع

(ليکڪ جو جنم ڏينهن)

B-44 شريف اسڪوائر حسين آباد

حيدرآباد 71000 سنڌ پاڪستان.

# خوشنصيب ريتا

ريتا شهاڻيءَ سان منهنجو سڃاڻپ جو رستو ۽ رشتو 1986ع کان آهي ۽ گذريل ويهن سالن ۾ هوءَ شخصي طرح تہ مون کي ويجهي رهي ئي آهي.پر هڪ تخليقڪار طور بنهہ ويجهي رهي آهي.ريتا جون اڪثر تصنيفون سواءِ چند ڪتابن جي منهنجي ذاتي لائبريريءَ ۾ موجود آهن.ريتا جا ناول ،ڪهاڻيون ،ادبي ۽ تنقيدي مضمون ،جائزا ۽ تبصرا ،شاعري ،مونو لاگ ،يادگيريون ،آتم ڪٿا ،جيونيون ۽ سفر ناما ڪيتري قدر پسند ڪيا ويا آهن.ان جواندازو سندس ڪتابن تي سنڌ ۽ هند جي رسالن ۾ ڇپيل جائزن ۽ برک اديبن پاران لکيل ليکن راين ۽ مهاڳن مان لڳائي سگهجي ٿو.

ريتا ،اسان سنڌ وارن لاءِ انڪري بہ فخر لائق ليکڪ آهي جو هوءَ سنڌي ٻولي جي سدا حيات عالم ۽ اديب منگها رام ملڪاڻيءَ جي پائيٽي آهي.پر ان کان وڌيڪ اسان کي فخر ان ڳالهہ جي ڪري آهي.جو هن ادب جي جنهن بہ صنف تي قلم کنيو آهيان سان مڪمل نياءُ ڪيو آهي ۽ پاڻ کي هند توڙي سنڌ ۾ لوڪ پريہ بڻايو آهي.

ريتا جي خوشنصيبن جودائرو وسيع آهي.هيءَ دادا منگهارام ملڪاڻيءَ جي پياري پائيٽي آهي.پوپٽي هيراننداڻيءَ ،ڪلا پرڪاش سندري اتمچنداڻي ،تارامير چنداڻيءَ ۽ ماهتاب محبوب جي دل گهري ساهيڙي ۽ سهيوڳي ليکڪ آهي.دادا هري دلگير ،گوبند مالهي ،ڪيرت ٻاٻاڻيءَ، دادا جشن واسواڻي ،پريو وفا ،هري موٽواڻي ستيش روهڙا ڪنيي ليکواڻي ۽ ولي رام ولپ جي دعائن آسيسن ،آشير وادنءِ محبتن جو مرڪز آهي.ريتا جي هڪ ناول”گونگن گگن جي گفتگو“جو مهورت جولاءِ 2001ع ۾ سندس ئي جنم پومي حيدرآباد سنڌ ۾ سندس پياري ساهيڙي ماهتاب محبوب جي گهر سائين محمدابراهيم جويي جي هٿان ٿيو.ٻئي مضمونن جي ڪتاب”جيون ۽ ساهت“جو مهورت سنڌي لنگئيج اٿارٽي حيدرآباد جي هال ۾ شوڪت شوري جي هٿان ٿيو.سندس ٽيون ڪتاب ”ٻيهري جا پل(آتم ڪٿا جي بہ ڀاڱا“گهنڊجاڻ رڳو“ ۽“ٻيهري جا بہ پل“گڏيل صورت ۾)ڪويتا پبليڪيشن حيدرآباد ڊسمبر 2004ع ۾“شاهہ سچل سامي امن ڪانفرنس جي موقعي تي ڇپائي پڌرو ڪيو ۽ ريتا جي ڪهاڻين ۽ مني ڪهاڻين جو نئون مجموعو ”رشتن جو رقص“هينئر پڌرو ٿي رهيو آهي.

ريتا شهاڻي جو هيءُ ڪتاب ”رشتن جو رقص“33 ڪهاڻين ۽ مني ڪهاڻين تي

مشتمل آهي.جنهن جو غور سان اڀياس ڪجي ٿو تہ معلوم ٿئي ٿو تهريتا واقعن ،وارداتن ،مشاهدن ۽ انيوئن( تجربن) کي جيئن جو تيئن پني تي اتارڻ جي ڪوشش نہ ڪئي آهي پر هن انهن واقعن وارداتن ،مشاهدن ۽ انيوءن جي نهايت فنائتي اُتت بہ ڪئي آهي.هن ڪهاڻين ۾ مني ڪهاڻين سرجڻ وقت نہ رڳو پنهنجي شعور جا در اڦتيل رکي آهن پر پنهنجي حساس من جون پيڙائون ۽ جذبا بہ ان ۾ سميٽيا آهن.جنهنڪري ئي سندس ڪهاڻيون يامني ڪهانيون اثرائتيون ۽ سماج جون حقيقي ڪهاڻيون محسوسجن ٿيون.

رشتن جو رقص مجموعي جوناڪثر ڪهاڻيون هندستاني سماج جي مٿئين ڪلاس جي فردن جون ڪهانيون آهن .جن ۾ مرد عورتون ،ٻار آيائون،ملازم سڀ اچي وڃن ٿا.اهيسمورا ڪردار هن ڪهڙيا ڪونہ آهن پر اهي سمورا سندس ماحول ۽ آسپاس ۾ آباد آهن.مٿئين طبقي ۾ انساني رشتن جا بدلجندڙ روپ ۽ رنگ جيڪي رخ ۽ جيڪا رفتار اختيار ڪن ٿا.ان جي اولڙا ۽ عڪس اهڙا چٽا ۽ واضح چٽيا ويا آهن جو رشتن جا رقص اسان پنهنجي اکين آڏو ٿيندي محسوس ڪريون ٿا.

مني ڪهاڻي جو تجربو هند توڙي سنڌ ۾ ڪيو ويو آهي.ريتا مني ڪهاڻي لکڻ جي ضرورت انڪري محسوس ڪئي يا سندس خيال ۾ مني ڪهاڻي وجود ۾ انڪري آئي آهي جو موجوده يڇ پچان ۽ ٽي وي ڪلچر واري دور ۾ ماڻهن کي پڙهڻ جو وقت گهٽ ملي ٿو.مني ڪهاڻي جو مختصرپڻو ۽ تاثر ئي آهي.جيڪو ان کي هڪ ڪامياب تخليق بنائي ٿو.ان ڏس ۾ ريتا جون ڪهاڻيون نہ رڳو ڪامياب ڪهاڻيون آهن پر ڪٿي ڪٿي ليکڪ ٻاران ڪهاڻيءَ ۾ جڏيل اٽپورائي ئي ڪهاڻي جي مڪملتا يا پورٽتا عروج يا چوٽي محسوس ٿئي ٿي.

ريتا جي هن ڪهاڻين ۾ اسان اهو چڱي ريت ڏسي سگهون ٿا تہ موجوده دور ۾ عورت ۽ مرد جي رشتن جو توازن ڪيئن بگڙي رهيو آهي؟مٿئين ڪلاس جي عورتن کي حد کان وڌيڪ حاصل ٿيل آزاديءَ جا ڪهڙا اُگرا نتيجا نڪري رهيا آهن؟ٻار ۽ اولاد جا ناتا ڪهڙو رخ اختار ڪندا رهن ٿا؟گهرو جهيڙن جو ٻارن جي ذهن تي ڪهڙو اثر پئجي رهيو آهي؟ملازمت پيشہ عورتن ۽ مردن جي ازدواجي رشتن ۾ ڪيئن ديوارون اڏجي رهيون آهن؟شهري سماج جي ظاهري معتبر ڪردارن جا اصل روپ ڪهڙاآهن؟اوچين عمارتن اندر ڏوهہ ٻرايون ۽ اوٽايون ڪيئن پلجن ٿيون؟سس ۽ ننهن جا تعلقات شاديءَ جون رسمون انساني نفسيات ۽ سوچ جا بدلاءَ ۽ ٻيا ڪوڙ سارا موضوع ريتا جي ڪهاڻين

جي تاجي پيٽي ۾ اٽيل موجود آهن.

مرچي پارٽي ۽ ڪاڪٽيل پارٽي ڪهاڻين ۾ اوچي سوسائٽيءَجا ٻه اهڙا رخ ۽ روپ اسان جي اڳيان آندا ويا آهن جن وسيلي هڪ طرف ويهين صديءَ۾ عورتن ڪي مليل آزاديءَجون حدون لتاڙيل معلوم ٿين ٿيون ته ٻئي طرف مرداني ڀروپي سماج جي معتبر ڪردارن جي چهرن تان ماسڪ لهندي محسوس ٿين ٿاهي ڪهاڻيون رڳو هندستان جي سماج جون نه آهن پر سنڌ جي شهري سوسائٽي خاص ڪري ڪاسموپوليٽين سوسائٽي جون ٻه ڪهاڻيون آهن.ڪراچي ۽ حيدرآباد جي پلازائن ۽ بنگلن جون روشن ۽ رنگين راتيون"دل دريون درپن"ڪهاڻي ڪان ڪنهن به صورت ۾ مختلف نه آهن.انسانيت ۽ تهزيب ڪان وانجهيل سوسائٽي يورپ جي هجي ،هندستان جي هجي لاهور جي هجي يا ڪراچيءَ جي هجي.ان جا ڪردار "در دريون درپن" ڪهاڻي جي ڪردارن جهڙا ٿي سگهن ٿاهيءَ ڪهاڻي هن مجموعي جي شاهڪار ڪهاڻي آهي جيڪا هڪ اهڙي نوجوان جي ڪهاڻي آهي جيڪو شولاپور مان بمبئي انٽرويو ڏيڻ اچي ٿو ۽ رستي تي ٿاٻڙجي ڪرڻ سبب ڄنگهه جو هڏو ڀڄائي ويهي ٿو ۽ ڪيس پنهنجي هڪ ويجهي عزيز جي خالي فليٽ ۾ پندرهن ڏينهن رهڻا پون ٿا هُو واندڪائيءَ ۽ ننڊ نه اچڻ جي صورت ۾ فلئٽ جي دريءَ وٽ ڪرسي وجهي سامهون واري بلڊنگ جي درين جي لڪيچ راند ڏسڻ جو هيراڪ ٿي وڃي ٿو.اهڙا نظارا پلازائن ۽ اوچين بلڊنگن جي درين مان اسان مان الائي ڪيترن ڏٺا ضرور هوندا پر ريٽا جنهن تخليقي انداز ۽ سچائي سان ڪردار جي زباني فليٽن جي ڀروپي زندگي جا عڪس چٽيا آهن.اهي سندس فن جو ڪمال آهن.مثال طور اپاهج ڪردار جي خودڪلاميءَ جا چند جملا "ناٽڪن جي ڪردار ويچارن ڪي ڪهڙي ڄاڻ ته هڪ اڻڄاڻ اپاهج ،هڪ اونداهي ڪنڊ ۾ ويهي هنن جا ڇهچٽا ڏسي رهيو هو.هنن جا اڇا ۽ ڪارا سڀ پڙدا ٿي رهيا هئا پر منهنجي ڏسڻ سان هنن تي ڪهڙو فرق پوڻو آهي؟ها منهنجي ڄاڻ ضرور وڌي رهي آهي.نوان انيوء ملي رهيا آهن.ماڻهن جا اصلي ۽ نقلي چهرا ڏسي رهيو آهيان."

"بچايو"مني ڪهاڻي هڪ اهڙي منتري جي ڪهاڻي آهي جيڪو عوام ڪي بجلي گهٽ استعمال ڪرڻ يعني بجلي بچائڻ جو پاڇڻ ڏئي ٿو پر پاڻ سان گڏ سوين اسڪوٽر ۽ ڪارون جلوس ۾ ڪٽي هلي ٿو.جن ۾ ڪيترو پيٽرول ۽ ملڪ جي ڪيتري دولت خرچ ٿيندي هوندي.ان جو ڪيس احساس نه آهي.هيءَ ڪهاڻي "رياستي ڀروپيت جو عمدو مثال آهي."مرچي پارٽي، ۾ فئشنيبل ۽ وڏ گهراڻيون عورتون (whore)

(طوائف) جي لباس ۾ آزاديءَ سان گانا ڳائي جشن ملهائي نام نهاد آزاديءَ جو اظهار ڪن ٿيون ۽ سندس اهو آزاديءَ جو غلط استعمال مردن کي مڃرائي وڃهي ٿو.

ريتا جون اڪثر ڪهاڻيون سندس لفظن ۾ ”ڪٽڪ ڪهاڻيون“(ڪن پل جون ڪهاڻيون) آهن پر انهن جي مختصرپڻي پويان طويل سماجي پس منظر ۽ دائرو موجود آهي.اهي محدود لفظن جي چار ۾ لا محدود ڪئنواس رکندڙ ڪهانيون آهن.جن ۾ گنڀيرتا ۽ سنجيدگي به آهي طنز ۽ مذاق به موجود آهي ته سماج جي ڀهروپي ۽ معتبر ڪردارن جي مڪاريءَ تي طنز به آهي.ننڍيا ننڍيا انيوء تجربا ۽ موضوع وڏيون وڏيون حقيقتن تان پردو کڻن ٿا اِن پُٽ آئوت پُٽ، نمي ڪمي نهار ،ٻه مونو لاگ(بينو ۽ بيني)،وقت جي سئي (رشتن جي حوالي سان هڪ لاجواب مني ڪهاڻي) معصوم ڪردار ،مان آهيان نه ،شادي جي پهرين رسم ،شادي جي آخري رسم،وقت جا نشان مني ڪهاڻيون ڪن پل جون ڪهاڻيون آهن پر هر ڪهاڻي انساني نفسيات (منووگيان)۽ سماج و آئينو آهي.“پرزم جا پرزا” ۾ عقيدت ۽ احترام جا جذبا هڪ جملي ۾ ڪيئن پرزا پرزا ٿين ٿا.اهو پڙهڻ سان ئي محسوس ڪري سگهجي ٿو.اهڙي طرح ڪمئيندڙ عورت ۽ ماءُ جي پيرن هينان“ڪهاڻيون انساني رشتن جي ٻيج پروڙ جو حد نشان آهن.“تاڪئون شيشو” ڪهاڻي هر ان ماءُ ۽ پيءُ کي ضرور پڙهڻ گهرجي جن جا جهيڙا ۽ رويا ٻارن جون ذهني صلاحيتون قتل ڪن ٿا.

مطلب ته هن مجموعي جي ڪا اهڙي ڪهاڻي نه آهي جيڪا تاثر نه ڇڏي ۽ سوسائٽيءَ جي ڪنهن رخ جي اڪيل نه ڪندي هجي.هن قسم جون سماجي ڪهاڻيون باوجود ان دعوي جي ته ڪهاڻيڪار جو ڪم واقعن کي پيش ڪرڻ آهي ۽ حل ڏسڻ نه آهي! سماج کي ڪونه ڪو دڳ يا رستو ضرور ڏيکارينيون.هنن ڪهاڻين ۾ سماج جي بدلاءَ جي سوچ موجود آهي.جيڪا ڳالهه ئي هنن ڪهاڻين جي ڪاميابيءَ جو ڪارڻ آهي.پر اسان جي ماهر ڪهاڻيڪار ريتا شهاڻي ڪٿي به تبليغ ،پروپگندا ۽ پرچار کان ڪم نه ورتو آهي.فن ڪلا ذات ۽ ڏانءُ ان کي ئي چئبو آهي.

24 اگسٽ 2005ع

تاج جويو

حيدرآباد سنڌ

# ريتا شهاڻيءَ جون ڪهاڻيون

شريمتي ريتا شهاڻيءَ کي سنڌي ساهت جي دنيا ۾ داخلتئي گهڻ سال ٿيا آهن .ياد نٿو پويم پر اهو ڄاڻان ٿي ته ڪافي عرصي ڪان هوءَ لڳاتار لکي رهي آهي.هن جي سنجيدگيءَ سان قلم هلايو آهي ۽ مقبوليت حاصل ڪئي آهي.

بقول پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ "ساهت اهو جو زندگي جي ترجماني ڪري،ساهتڪار جي ذميداري آهي ته سماجڪ اوڻاين جي اوگهڙ ڪري پر ساهتڪار ته سماج سڌارڪ ۽ نه سنت جو اپديش يا پروچن ڏئي.ساهتڪار کي ڪلائمڪ نموني انساني جيون جي آرسي ڏيکارڻي آهي."

ريتا جي اڪثر ڪهاڻين ۾ اڄ جي جيون جي آرسي آهي ۽ سماجڪ اوڻاين جي اوگهڙ ڪيل آهي.ڪن ڪهاڻين ۾ منوگيانڪ مسئلا به ڪنيا اٿائين.هن گهري نظر رکندڙ ۽ انيوي ليکڪ جيان پنهنجين ڪهاڻين ۾اڄ جي جيون جا چترا پاريا آهن.

ساهت نسبت ان نقطي کي ڪٽي ته "ڪلا ڪلا لاءِ يا ڪلا زندگيءَ لاءِ"گهڻو تمام گهڻو نه ختم ٿيندڙ واد وواد ٿيو آهي.پروفيسر ملڪاڻيءَ "ڪلا زندگي لاءِ "واري اصول جو پيروڪار هو اسان مان گهڻ اها مڃتا ڪٽي لکندا رهيا آهن.ڪي جديد ليکڪ ان اصول کي بلڪل ريٽين ٿا.

ليکڪ ريتا شهاڻي ڪنهن به واد(ism) ۾ نه ٻڌي آهي.هن سهج سڀاءُ اڄ جي ڪٽنبي جيون ۽ سماجڪ ماحول ۾ جيڪي اوڻايون آهن.ٽٽندڙ رشتا آهن .ملهه(values) رهيا ئي نه آهن۽ پئسو ئي پير آهي.ان قسم جون تصويرون پيش ڪيون آهن.اسين اصول کهڙو به اپنايون لکڻ مهل اهو ڪم نه ايندو آهي.ياد به نه هوندو آهي.لکڻ مهل گهرجي ته سمجهنا ۽ بي ساختگي.

ريتا جون ڪهاڻيون پڙهڻ بعد مون کي ائين لڳو "ڦت جي سئي " ،معصومڪردار ،دردريون درپن ،لننڊ چو نه ٿي اچي ۽ نمي ڪمي نهار اهي ڪهاڻيون ٻين جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ معياري آهن.

وقت جي سئي ڪهاڻيءَ ۾ ٻالڪپڻي جي ارڏاين ۽ ٻڍاپي جي بيوسين جو تضادي چتر آهي.ڪنهن وقت جيڪو پيءُ پنهنجي ٻالڪ پٽ جو پنڌ نه ڪري سگهڻ ،ٿاٻا کائڻ يا سوپ يا ڪير هارجي پوڻ جهڙيون ڳالهيون چوڻ وچان گوارا ڪيون.اهو پيءُ جڏهن ٻرڍ

اوستا(ٻڍاپڻ) ۾ پهتو آهي ته سندس پنڌ ڪندي ٿاٻڙجي پوڻ يا سوپ هارجي پوڻ انهن ڳالهين تان جوان پٽ ڏاڍو خفي ٿو ٿئي.“سياويڪ پيرسن پيءُ ڪي پٽ جي ٻالڪ اوستا دوران منظر اکين اڳيان تي ڦرن.پيءُ جو ويچارو ڪردار همدردي ٿو حاصل ڪري جيڪو ئي ليکڪ جو مقصد آهي.

معصوم ڪردار ڪهاڻي جو ننڍڙو ٻالڪ پنهنجي دنيا ۾ محو آهي پنهنجي ماءُ پيءُ جي شادي جو سهڻو فوٽو ڏيڪاريندي هو خوشيءَ وچان ڪپڙن ۾ نه ٿو ماپي.هن جي ماءُ ٻي شادي ڪئي آهي.سندس اصلي پيءُ ڪو ٻيو آهي.اهي ڳالهيون هنجي سمجھ جي دائري کان ٻاهر آهن.هن ٻالڪ جي اجهل خوشي سندس معصوميت جو پرپور احساس ڏياري ٿي.

مون کي در دريون درپن ڪهاڻي مواد ٽوٽي جڙت جي خيالن کان بهترين لڳي. وقت جا پرندڙ مسئلا رشتن ۾ ڏار ،منهن جو وجائجڻ ،چهرن مٿان چڙهيل نقاب ،اڄ جي زندگيءَ جا بدصورت پهلو.مان جي ڪردار معرفت اپاريا ويا آهن.مان جي ڪردار جي واقعاتي مجبوري ۽ تيز نظر ڪهاڻيءَ ۾ بلڪل ڦهڪيل ٿي لڳي.حقيقت ۾ ئي ٻيون ڪهاڻيون سڀ منهنجو ڏوهه ،چهري مٿان چهرا ،ڪاڪٽيل جي پارٽي ساڳين انساني ڪمزورين ۽ سماجي ڳراوٽن بابت لکيل آهن.پر هيءَ ڪهاڻي ادبي رنگ ۽ نوع جي ڪري الڳ ٿي بيٺي آهي ۽ ٻيون ئي ڪهاڻيون جڻ هن ڪهاڻيءَ ۾ سمائجي ويون آهن.

ننڍ ڇو نه ٿي اچي؟هڪ هٺڻ هار نوجوان جي ذهن ۾ الڙ عمر جي شوقن ۽ وڏڙن جي نصيحتن جا پڙاڏا گونجي رهياآهن.انهن جي ٽڪر مان تناءُ(ڇڪ) پئدا ٿو ٿئي ۽ هن کي ننڊ نٿي اچي.سڌي سادي لهجي ۾ لکيل مانسڪ(ذهني) ڪشمڪش سبب پيدا ٿيل پيڙاءُ نسبت اثرائتي ڪهاڻي آهي.

نمي ڪمي نهار مني ڪهاڻي آهي سس ننهن جي ڪتي رشتي تي گهڙيئي ڪهاڻيون لکيون ويون آهن پر هن ڪهاڻيءَ جو لطف ئي ٻيو آهي.

ڪلا پرڪاش

آديپور يارت

# اڄ جي ڪهاڻي ۽ مان

ڪهاڻي ساهت جي گهڻي ۾ گهڻي پڙهڻ واري صنف آهي.پنهنجي ننڍي قدوقامت۽ دلچسپ نوع سبب اها پاٺڪن کي پياري آهي. ڪهاڻي گهٽي پڙهي وڃي ٿي ۽ ظاهر آهي گهٽي لکي وڃي ٿي.

انساني سياءَ ۾ ڪهاڻي ٻڌڻ ۽ ٻڌائڻ جو شوق مانو جيون(انساني زندگي) جي جنم کان وٺي رهيو آهي.جڏهن کان وٺي ماڻهن هڪ ٻئي سان گفتگو ڪرڻ شروع ڪئي.چاهي اشارن ۾ ،مدرسائن ۾ ،معني خيز آوازن ۾ يا صاف اکريل لفظن ۾ ،ڪهاڻيءَ جو آغاز ٿي چڪو هو.سولن لفظن ۾ ڪنهن دلچسپ واقعي جي ورڻن کي ڪهاڻيءَ جو درجو ڏئي سگهجي ٿو.ڪهاڻيءَ ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٻن ماڻهن جي گهرج ٿيندي آهي.هڪ چوڻ وارو ۽ ٻيو ٻڌڻ وارو ۽ لکيل ڪهاڻيءَ ۾ هڪ لکڻ وارو ۽ سوين ۽ هزارين پڙهڻ وارا.

ساهت ، سماج جوآئينو آهي ۽ سماج دائمي ڦرندڙ گهرندڙ آهي.تنهنڪري ڪهاڻي ڪلا ڪيترا ئي رستا طئي ڪري مختلف حالتن مان گذري اڄ واري روپ تي پهتي آهي.

ڪاٻہ ڳالهه ننڍي هجي يا وڏي هجي ياواقعو تهذيب هجي يا ادب ناول هجي يا ڪهاڻي ننڍي ڪهاڻي هجي يا وڏي ڪهاڻي ان کي وڌائڻ ۾ رڳو هڪڙو جزو جوابدار ڪونہ هوندو آهي.ڪيترا واقعا بيشمار شخصيتون اڻ ڳڻيون ڳالهيون ان کي وڌائڻ ويجهائڻ نکارڻ ۽ سنوارڻ ۾ مدد ڪنديون آهن.رچناڪار جون رهنما ٻڻجنديون آهن .هن جي رچنا کي وسعتون خاصيتون ۽ رفتار بخشينديون آهن.هر رچنا سان ايئن ٿيندو آهي منهنجين ڪهاڻين سان بہ ايئن ٿيو.

روبندر ناٿ ٽيگور پنهنجين ڪهاڻين جي ڀيٽ هڪ هلندڙ ٻيڙيءَ جي دريءَ جي نظاري سان ڪئي آهي.چاڪاڻ تہ اها هڪ دري آهي.نظارو مڪمل ٿي ڪونہ سگهندو.اهو زندگيءَجوصرف هڪ ننڍڙو حصو هوندو چاڪاڻ تہ ٻيڙي هلي رهي آهي .اهو نظارو هر وقت تبديل ٿي رهيو هوندو.

ڪڏهن ليکڪ پنهنجي ڪهاڻي ذريعي پنهنجي اندر جي صفائي Catharsis ڪندو آهي.هتي مان روسي ليکڪ ائٽن پبلو چيخوف جي هڪڙي ڪهاڻي جو ذڪر ڪنديس.جيڪا

هن ويهين صديءَ جي شروعات ۾ لکي هئي.ان جي اصلي نالي جي مون کي ڄاڻ ناهي پر ان جي هنديءَ جي ترجمي جو نالو آهي"ايڪ ڪلارڪ کي موت"(اهاڪهاڻي سنڌيءَ ۾ "ڪلارڪ جي موت "جي عنوان سان ڪافي وقت اڳ ولي رامولپ ترجمو ڪئي هئيءِ "اندلٺ"ڊائجسٽ ۾ شائع ٿي هئي.)ناٽڪ ڏسندي مهل هڪ ڪلارڪ ڇڪ ڏني ۽ سندس ڇڪ جا ڪي ڇندا اڳيان ويٺل سندس آفيسر جي ڳنجي ٽپڻ تي پيا.بعد ۾ ليکڪ چيخوف پنهنجي دوست کي خط ۾ لکيو"ان ڪهاڻي لکڻ بعد مون کي لڳو ڄڻ ته مون پنهنجي وجود ۾ سمايل غلاميءَ جي احساس جي آخري بوند کي نپوڙي ٻاهر ڪڍي ڇڏيو""در اصل چيخوف جوڏاڏو غلام رهي چڪو هو.ليکڪ لاشعوري طور ڪهاڻي لکندي مهل پاڻ کان به لکڪ جذبا پنهنجين لکڻين ۾ وجهي پنهنجي من کي اوجل ڪري ڇڏيندو آهي ۽ پاڻ کي هلڪو محسوس ڪرڻ لڳندو آهي. ڪهاڻيڪار جي تخليقيت جي پرڪريا(Process) ڪجهه هن طرح ٿيندي آهي.

هو پنهنجي ڏنل ماضيءَ ۽ اڻ ڏنل مستقبل کان پاڻ ڇڏائي هتي ۽ هينئر جيئڻ لڳندو آهي.زبان ۽ مڪان هڪ هنڌ فريز(Freeze) ٿي ويندا آهن.۽ اهو ڪِڻ، ان تخليقڪار جو ڪِڻ ٻڌجي پوندو آهي.هو پنهنجي فن سان ان ڪڻ کي جيئاري ڇڏيندو آهي.پاڻ کي نه بچائيندي سچائيءَ سان ٻئي جي نظر(خارجي نظر)سان ڏسڻ ۽ پوڻ جي صلاحيت "اڄ جي ڪهاڻي" جي پهرين تقاضا آهي. زندگي کي جيئڻ جو تيئن ڪاغذ تي لاهڻو ناهي .اهو ڇوڙ ته مون سان ايئن ٿيو يا فلاڻي سان ايئن ٿيو ڪافي ناهي.ان ۾ ڪجهه فنائتو هئڻ لازمي آهي.ڇاڪاڻ ته ڪهاڻيءَ جو ماحول مقرر آهي."ڪٽڪ"ماحول آهي جنهن ۾ تناءُ(ڇڪ) هراس ۽ ڪامپليڪس به هجن،ته ظاهر آهي سيڪس(sex) ان جو ئي حصو آهي.پر سيڪس کي رڳو جسماني پهلو ڪونه ٿيندا آهن،ان کي منووگيانڪ پهلو به ٿي سگهن ٿا.جڏهن پنهنجي ارد گرد کا ڳالهمن کي لوڏي ئي اندر ۾ ڪو وراڪو پوي ٿو.ان وقت چيتنا جا دروازا کلن ٿا.وشواس جوڳي ڳالهه ڳولڻ وارو ڪلاڪار پنهنجي اندر ۾ پنهنجي اڏ وسريل ماضيءَ ۽ اڻ ڏنل مستقبل جي وچ ۾ ياترا ڪندو رهي ٿو.پنهنجين يادگيرين ۾ ڪجهه ڳوليندو رهي ٿو.ڪڏهن ڪڏهن هو بنا ڳولڻ جي به انهن کي پاڻ وني ٿو.ڇاڪاڻ ته چيتنا جي دروازن پنيان هر وقت پڻ پڻ ڪس ڪس جاري هوندي آهي.جنهن کي هن جا اندريان ڪن جهتي وننڊا آهن ۽ قلم پاڻهي چرڻ لڳندو آهي.هن جو انتهه ڪرڻ هڪ اهڙي ندي ٻڌجي پوندو آهي.جنهن جا ڌارا کي سچيتيءَ جو وهڪرو (stream of consciousness) جو نالو ڏنو ويندو آهي.جتي زمان ۽ مڪان جي نقطا ڳڏجي رچناڪار جاڳڻ ٻنجي پوندا آهن.ڇاهي ڪمري ۾ اڪيلا هجون ياماڻهن جي ميڙ ۾ اسان جي اندر ڪجهه نهندو ۽ جڙندو رهندو آهي.۽ اهڙي طرح ڪهاڻيءَ جو سرجڻ ٿيندو آهي.

سرجڻ ۽ شلپ(گهڙت) ڳڏجي هڪ رچنا جو نرماڻ ڪن ٿيون.ڪڏهن ٻئي ڳالهيون هڪ ئي وقت ٿين ٿيون ته ڪڏهن اڻ لکي وجوتي رهي ٿي.ڪڏهن ذهن جي به شموليت رهي ٿي ته ڪڏهن ان بنا به تخليق ٿي وڃي ٿي منهنجون ڪهاڻيون سماج جي اوچي طبقي سان وابسته

آهن پنهنجي ارد گرد ٿيندڙ معاشري جون اوٽايون پاٺهي منهنجين ڪهاڻين ۾ اچي ويندين آهن.هن ڪهاڻين ۾ گهڻي ڀاڱي انساني رشتن جون منجهائيندڙ تندون نظر اچن ٿيون ۽ گهريل مسئلن سان مڪاميلو ڪرائين ٿيون.مان مڃان ٿي ته رچناڪار جي جوابداري سماج سڌارڻ جي ناهي نه ئي ڪنهن مسئلي جو حل ڪڍڻ ئي هن جو ڪم آهي صرف حالتن سان دوبدو ٿي انهن کي پاڻڪن جي اڳيان رکڻ. اڄ جي ڀڄ ڀڄان ۽ ٿي وي ڪلچر واري دور ۾ پڙهڻ جو وقت گهٽ ملڻ سبب هڪ نئين صنف مني ڪهاڻي وجود ۾ آئي آهي مني ڪهاڻي يعني ٿوري ۾ گهڻو چوڻ ۽ سگهاري انداز سانچوڻ ايئن چوڻ جو پڙهندڙن تي پنهنجو تاثر ڇڏي سگهي.مني ڪهاڻي، ڪوتا ۽ ڪهاڻي جي وچ ۾ ڪجهه آهي.ٻنهي جو ساڳيو جزو آهي سنڌن مختصر پٽو.پر اها ڪوتا گهٽ ڪهاڻي وڌيڪ آهي.ڪجهه شوخي ڪجهه شرارت ڪجهه مبهم درد ، ڪجهه طنز ،ڪجهه انتظار ۽ اچانڪپڻو ،اهي آهن مني ڪهاڻيءَ جون علامتون مختصر هئڻ سبب ان ۾ مون پاسا پاٺهي اچي ويندي آهي يعني ڪجهه ڳالهيون اڻ چيل ڇڏيون ويندون آهن.ويهين صدي دنيا پر جي عورتن لاءِ حيرت انگيز تبديليون ڪٽي آئي ۽ اسين سڀ ان ڳالهه کان واقف آهيون.اسان جون عورتون به اڳي کان وڌيڪ سجاڳ ،خودمختيار ۽ آزاد ٿي پيون آهن.خاص ڪري شهري عورتون پر ان شفي(positive) صورتحال .اسان جي گهريلو حياتيءَ تي ڪهڙو اثر ڇڏيو آهي ڇا ان جا سڀ نتيجا خوشگوار نڪتا آهن؟منهنجين ڪن ڪهاڻين ۾ اهڙين حالتن کي به درشايو ويو آهي.مردن جي صدين کان پاڙون پڪڙيل ذهنيت ،سياءُ ۽ وهنوار ۾ اهڙو تڪڙو ڦيرو اچڻ ڇا ممڪن يا سياويڪ آهي؟ڪيئن مٽي سگهندا.هو پنهنجن ويچارن کي پنهنجين مجتائن کي؟عورت ۽ مرد جي رشتن جي ميزان ٿڻ جا ڪارڻ ڪهڙا آهن؟منهنجين گهڻين ڪهاڻين ۾ اهڙا سوال اٿاريا ويا آهن مثال طور ”سڀ منهنجو ڏوهه ،چهري مٿان چهرا“،ڪمائيندڙ زال ،در درين درپن ،مرچي پارٽي، جدا ٿي ويل جوڙن جي ٻارن جون ذهني پريسانيون ،عقوبتون بيان ڪن ٿيون.منهنجيون مني ڪهاڻيون آخر ٻارن جو ڪهڙو قصور آهي؟هنن کي ڇو ٿو ڀوڳڻو پوي؟چار ڪهاڻيون شهري اوچي طبقي جي پارٽين جا منظر پيش ڪن ٿيون.مرچي پارٽي ،در دريون درپن ،ڪاڪٽيل پارٽي ۽ چهري مٿان چهرا منهنجين ڪهاڻين ۾ نه غربت آهي نه مسڪيني نه سياست جا پيچيدا مسئلا آهن ۽ نه سماجڪ ڀيد ڀاوءِ اهي گهڻي ڀاڱي رشتن جي منووگيان سان لاڳاپا رکن ٿيون.هن مجموعي ۾ ننڍڙيون توڙي وڏيون ٻندريون توڙي ڊگهيون ڪهاڻيون شامل آهن.ڪي وڏيون ننڍيون ڪهاڻيون ته ڪي ننڍيون ننڍيون ڪهاڻيون آهن.ڪي مني ڪهاڻيون (جن کي هندي ۾ لگهو ڪٿا جو نالو ڏنو ويندو آهي) آهن ته ڪي مائڪرو مني ڪهاڻيون (جن کي هندي ۾ ڪشڪڪ سڏيو ويندو آهي ڇا اسين انهن کي ڪٽڪ(پل) ڪهاڻين جو نالو ڏيئي سگهون ٿا.) مان اڪثر سوچيندي آهيان ته ڪهاڻيءَ جي آڪار کي ڪيتري اهميت ڏيڻ گهرجي؟ڪي ڪهاڻيون ڏيل ۾ لنبيون هئڻ جي باوجود به ايترو ڪجهه ٻڌائي نه سگهنديون آهن جڏهن ته ڪي وري ننڍڙيون پتڪڙيون ڪهانيون گهڻو ڪجهه چئي ويندين آهن.مان ننڍڙين ڪهاڻين کي ”مختصر ڪهاڻيون“ سڏڻ

ڪان بہ ڪنارو ڪنديس چاڪاڻ تہ اهي ننيڙيون هونديون بہ مختصر ناهن هونديون.انهن جو دائرو لامحدود تي سگهندو آهي.اهي افق تائين پهچڻ جون صلاحيتون رکنديون آهن.انهن جون معنائون اٽميون تي سگهنديون آهن.هن مجموعي ۾ مون سيني قسمن جون ڪهاڻيون گڏي سڏي پيشآ ڪيون آهن پل پڙهندڙ اندازو لڳائين تہ ڪهڙي ڪهاڻي ڪهڙي آهي؟

موضوع ۽ نوع جي حساب سان ڪي سنجيده آهن تہ ڪن ۾ اٽلڪو مذاق آهي تہ ڪن ۾ طنزمون عورت ۽ مرد جي جي رشتن ڪي متوازن نظر سان ڏسڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ۽ صرف هڪ ڌر ڪي ڏوهہ ڏيڻ کان ڪنارو ڪيو آهي نہ Feminist ٻڄڻ جي دعوي تي ڪريان ۽ نہ مرد جو پاسو تي ڪٽان.سماج ۾ جن حقيقتن ڪي مون ڏٺو آهي ۽ محسوس ڪيو آهي اهي خود بخودمنهنجين ڪهاڻين ۾ اچي ويون آهن. مون ڪي ياد تو اچي تہ پروفيسر اي.سي.برندلي مشهور انگريز نقاد جو آڪسفورڊ ۾ ڏنل ليڪچر جو هڪ گفتو"گنڀير سنسني خيز موضوعن تي معياري رچنا جي بنسبت مبهم ۽ معمولي موضوع تي سٺي ۽ معياري رچنا لکڻ ۾ وڌيڪ قابليت ۽ ڪلا جي درڪار آهي"حاصل مطلب اهو آهي تہ موضوع ڪهڙو بہ هجي اهم سوال پيشڪش جو.اها منهنجي خوشقسمتي آهي تہ منهنجو ناول"گونگي گگن سان گفتگو" هند ۾ شايع ٿيڻ جي بدران حيدرآباد سنڌ (جولاءِ 2001ع) ۾ پڌرو ٿيو.۽ هاڻي هيءُ ڪهاڻين جو مجموعو پارت ڪان پهرين سنڌ ۾ ڇپجي رهيو آهي.جنهن لاءِ مان پنهنجي نندي ياءُ سمان موهن مدهوش جي بيحد شڪر گذار آهيان هو نهايت پيار صبر، عزت ۽ احترام وچان منهنجو هيءُ ٻيو ڪتاب ڇپائي رهيو آهي.اميد تي ڪريان تہ منهنجون هي ڪهاڻيون سنڌ جي پيارن پاٺڪن ۾ پسند پونديون آمين !

ريٽا شهاڻي

## رشتا ناچ نچن پيا

ريتا شهاڻي

رشتا
جيون کي ارٿ ڏين ٿا
سوز ڏين ٿا
هر روز ڏين ٿا
رشتا
ڏنگن ڀاڙن رستن تان
لنگهن ٿا
نقش ڇڏن ٿا
جي نهن ٿا
۽ ڊهن ٿا
جي ڀڃن ٿا
۽ ڀرن ٿا
جڙن ٿا
۽ ٽٽن ٿا
رشتا
ناتا
شيشا شيشا

پرزا پرزا

چا جنم جنم جا ناتا

يا هڪ قوم جا ناتا

رشتا ناچ نچن پيا

روحاني ناتا

جسماني ناتا

طوفاني ناتا

ڄڻ پاني پاڻي ناتا

رت جا رشتا

پاڻيءَ جا ناتا

جل تي ڄڻ ڪنهن ليڪا پاتا

نوراني ناتا

ناداني ناتا بدنامي ناتا

جگري جاني ناتا

دم دم جا ناتا

هر دم جا ناتا

شيشا شيشا

ٽڪرا ٽڪرا

رشتا ناچ نچن پيا

جيون کي غم ڏين ٿا

ماڻهوءَ کي غم ڏين ٿا

اکيون پُرنم ڏين ٿا

اُمنگ دَم دَم ڏين ٿا

رنگين ناتا

غمگين ناتا

شرميلا ناتا

زهريلا ناتا

درديلا ناتا

نيڻ نشيلا ناتا

پوءِ به هي ڪهڙا ناتا

هي ڪهڙا رشتا

شيشا شيشا

پرزا پرزا

رشتا ناچ نچن پيا

# مرچي پارٽي

مهيش آفيس وڃڻ لاءِ تيار ٿي رهيو هو.ڊريسنگ ٽيبل جي آرسيءَ سامهون ڪوٽ پهري رهيو هو ته انيتا اڳيان وڌي آئي ۽ سندس ٽاءِ جي ڳنڍ سنوارڻ لڳي.ڏانهنس پيار وچان نهارڻ لڳي

”چو ڪهڙي ڳالهه آهي“اڄ تنهنجو پيار پيو اڇلون ڏئي؟

توهان کي ٽاءِ ٻڌڻ به ڪٿي ٿي اچي پورِي؟هن نخري سان چيو

”اڄ مطلب جي ڳالهه تي !“

”ٻڌو اڄ مون تي هڪڙي مهرباني ڪندا ؟“

”مهرباني“

”ها رات جو ٿورو دير سان اچجو پليز !“

چو؟

”ڪلب مان ڊنر ڪائي ايندا ته بهتر ٿيندو“

”مان پڇان ٿو آخر چو؟“

”اڄ رات اسان جي گهر ۾ ليڊيز ڪلب جي پاران ڊنر رکيل آهي“

”سو چا ؟چا مرد ان پارٽي ۾ شامل ڪونه ٿيندا؟“

”نه نه هن ڀيري ”ليڊيز پارٽي“آهي“

”اڳئين ڀيري ته ڳڏيل سڏيل پارٽي هئي.زالون مڙسن سوڌيون آيون هيون“

”اڳئين ڀيري جي ڳالهه الڳ هئي .ان وقت اسان فئشن شو جيان ڪجهه ڪيو هو لباس لاءِ به هڪ خاص ٻنڌن رکيو هوسين.هن ڀيري به رکيون اٿئون“

”ها ،مون کي ياد آهي اها پائجاما پارٽي هئي.“

انيتا کلڻ لڳي“سيني کي رات جي ڪپڙن ۾ اچڻو هو ۽ سيني ائين ئي ڪيو .ڪيڏو مزو

آيو نہ ؟ڪي نائيٽ سوٽ ۾ ڪي زالون نائٽيز ۾ ڪي گائون ۾ ڪن تہ خاص ڪپڙا ويهي سبايا هئا.“

”ها ڪافي دلچسپ هئي اها پارٽي هن دفعي جو ٽاپڪ ڪهڙو رکيو اٿو“

”مرچي پارٽي“

”اڙي واهہ تڏهن تہ ڪافي انٽريسٽنگ ٿيندي“

تڏهن ڇا؟

”ءِ خوب لطف ايندو“

”اڙي ،توهان ڪي ٿوروئي اڇٽو آهي؟“مردن ڪي اچڻ منع آهي“

”اڙي اهڙو ظلم ڇو؟“

”ساري ،مرد اچي ڪونہ سگهندا.“

”اهڙي ڪهڙي ڳالهہ آهي جنهن ڪي توهين مردن کان لڪايو ٿيون“

”اها ڪلب زالن جي آهي زالون ئي سڀ قاعدا ناهينديون آهن قاعدن جو پالن تہ ڪرڻو ئي پوندو نہ !“

”اڙي واهہ! اسان جي ئي گهر ۾ اسان تي ئي قاعدا لاڳو ڪيا ويا وڃن؟اهو تہ سراسر انياءُ آهي!“

”بس ائين ئي آهي“

”پر اسان جو ئي گهر ڇو چونڊيو ويو آهي؟“

”مون پاڻئي تہ آڇ ڏني.ڇا مان پنهنجو گهر آفر نہ ٿي ڪري سگهان؟“

”ڪري سگهين ٿي .مگر مان بہ تہ گهر جو ڀاتي آهيان.مون ڪي تہ اچڻو پوندو ءِ اچڻ گهرجي“

نہ نہ مردن ڪي اچڻو ناهي.مان رُڪئيسٽ ٿي ڪريان اوهان تہ پليز رات جو گهر ۾ دير سان اچو“

”گهڻي بجي“

”يارهين بجي ڪانپوءِ“

”يعني تہ سياڻي گهر اچان تہ بهتر ؟اها تہ زبردستي آهي سڄي رات گهر مان نيڪالي ملي آهي مون کي“

”اڄ مهرباني ڪري منهنجي ڳالهہ مڃو نہ ! منهنجي واسطي“انيتا مهيش جي ڳلي ۾ ٻانهون وجهندي چيو

”يار اميت اڄ تنهنجو ڪهڙو پروگرام آهي“مهيش پنهنجي آفيس مان فون تي ڳالهائي رهيو هو.

”ڇو ڇو تو پڇين اهو سوال؟“

”اڄ مان آفيس ۾ دير تائين ڪم ڪندس.اٽڪل ساڍي ڇهين لڳي تائين تون ڪلب اچين سگهندين؟“

”ها ها مان فري آهيان“

”برج جا ٻہ ٽي رائونڊ کيڏنداسين ۽ پوءِ بار ۾ هلي ويهنداسين“

”اڄ اڪيلو آهين؟“

”ائين سمجهہ وقت کي ڪيئن بہ ڪِل (kill)ڪرڻو اٿم

” مون سان بہ تہ ساڳئي ويڌن آهي“

”اهو وري ڪيئن“

”پڇين ٿو ڪيئن تنهنجي گهر ۾ ئي تہ زالن جي پارٽي آهي ۽ مردن جي انٽري تي پابندي لڳائي وئي آهي.“

”مار پشپا بہ اتي ويني آهي؟عجيب ڳالهہ آهي اهڙي ڳالهہ نہ ڏني نہ ٻڌي“

”نيٺ ماجرا ڇا آهي““

”خبر پئجي ويندي ڪجھ نہ ڪجھ ڪبو ضرور“

”ڪو نہ ڪو رستو ڪڍي وٺبو“

”تون ڪلب ۾ وقت تي پھچي وڃ ڪجھ سوچي وٺبو“

طئي ٿيل پروگرام مطابق ٻئي دوست ڪلب جي برج روم ۾ ڪڏيا ڪلاڪ ڪن برج کيڏڻ بعد بار ۾ وڃي ويٺا ۽ گپ شپ ڪرڻ لڳا

”مهيش هڪڙي ڳالھ ٻڌاياڻ آهي دلچسپ پر بيحد چرڪائيندڙ“

”ها چونہ يار“

”اڄ پنھنجي بيڊ روم جي سائيڊ ٽيبل تي مون کي هڪ ڪارڊ لڌو اڄ جي ڊنر جو دعوت نامو ليڊيز ڪلب پاران“

”اڙي جلدي ٻڌاءِ ڇا لکيل آهي ان ڪارڊ ۾“

”لکيل آهي اوهان کي فئنسي پريس پارٽيءَ لاءِ نيند آهي ”مرچي پارٽي“ڪم ڊريسڊ ائز آهور(Come dressed as a whore)

”هور!“

”يعني طوائف جي پوشاڪ ۾ اچو“

”او ماءِ گاڊ هئو شاڪنگ“

”وڌيڪ لکيل آهي اُتي ڇتا پيتي ٿيندي بهترين پوشاڪ واري طوائف کي انعام ڏنو ويندو“

”ء“

”مردن جي انٽري تي بندش آهي“

”شڪر آهي“

” شڪر آهي ڇو؟“

”اڙي ڪهڙي مرد جو ٻچو چاهيندو تہ سندس زال کي ٻيو ڪو مرد اهڙي پوشاڪ ۾

ڏسي“

”واقعي سچ تو چوين“

مهيش ٿوري دير خاموش ٿي ويو هو.هن جون منيون ٿائيٺ ٿي ويون هيون ۽ سندس چهرو گلابي ٿيندو پئي ويو.جهڻ تہ هو پنهنجي ڪاوڙ کي دٻائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو.

”هي ماڊِ عورتون ڪهڙا ڪهڙا نوان شغل ايجاد ڪري رهيون آهن !“

صرف پنهجي مزي لاءِ اهڙا وندرائڻ جا ساڌن پيون ڳولهين“

”ڊسگزٽنگ !وري مزو تہ ڏسو منهجي ئي گهر ۾ منهنجي ئي اينٽريءَ تي روڪ وڌي اٿن“ هن پنهنجي بند مٺ کي ميز تي زور سان هٽندي چيو.

”شانت ٿي وڃ مهيش !جوش ۾ اچڻ مان ڪهڙو فائدو؟“

مهيش چپ

”هاڻي اسان کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟“

”اسين تہ ان کي پارٽيءَ تي هلنداسين ضرور رڳو اسين ٻئي“گهڙيال ڏانهن نهاريندي.“

”ساڍا يارنهن وڄڻ تي پارٽي پرپور جوش ۾ هوندي.اسين هلي ڏسنداسين پنهنجي ارڌانگنين کي ”ورز“ جي لباس ۾“هن جي لهجي ۾ مشڪ هئي تہ طنز بہ“

هنن اتي ئي ڊنر جو آرڊر ڏنو.اها ڪائي ساڍين يارهين وڳي ڪار ۾ ويهي مهيش جي گهر جو رُخ ورتائون.موٽر ٿوري فاصلي تي بيهاري چپ چاپ دٻيل قدمن سان بنگلي طرف وڌيا.

اندران سنگيت جو آواز اچي رهيو هو پڻ ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۽ کلڻ جو آواز .سمورو گهر برقي بتين سان روشن هو ۽ سينٽ جي سڳند ٻاهر تائين اچي رهي هئي.اوچتو هنن جي ڪنن تي زنانن ٺهڪن جو پڙلاءُ پيو.

چوڏاري ڇهل پهل متل هئي.فلمي گانو ٻاهر تائين ٻڌڻ پئي آيو اُمراءُ جان ادا فلم جو


www.sindhsalamat.com

هلي رهيو هو:

تم کو اس انجمن مين آنا هئہ بار بار

ديوار ودر کو غور سي پهچان ليجئي

دل چيز کيا هي آپ ميري جان ليجئي

هو بنگلي جي پنئين دروازي ڪچن طرف وڏيا ڪچن ۾ ايڏو تہ گوڙ متل هو جو هنن کي گهڙندي ڪنهن بہ ڪونہ ڏٺو .پهرين مهيش اندر ويو.ٿوريءَ دير بعد اميت گهڙيو.هنن جا قدم اسٽڊي طرف وڌيا.مهيش بتي ڪانہ ٻاري ڪيس پنهنجي اسٽڊي جي جاگرافيءَ جي پوري ڄاڻ هئي.فرنيچر جي بيهڪ جي پڻ.هو پاڻ هڪ ڪرسيءَ تي وينو ۽ اميت کي ڪلهن کان پڪڙي ٻي ڪرسيءَ تي ويهاريائين اسٽڊيءَ جي هڪ دري سٽنگ روم طرف تي کلي ۽ اها کليل هئي.ان دريءَ مان هنن کي هال جو سمورو نظارو نظر آيو پئي.هو پنهنجي اوداهي ڪمري مان ٻئي ڪمري جو نظارو ڏسڻ لڳا.

رنگا رنگي پوشاڪون،چلڪندڙ زيور ،سينٽ جي خوشبو ،چوڙين جي ۽ گهنگهرن جي کن کن پوري ميڪ اپ سان زالون ناز نخرا ڪري رهيون هيون.چهرن تي ميڪ اپ ايترو تہ پوتيل هو.اکين ۾ڪجل آءِ لائنر وغيره وغيره ايترو تہ مکيل هو ڪپڙا اهڙا تہ ڦريل هئا جو ٻين زالن کي تہ ڇا هنن کي پنهنجين زالن کي بہ سڃاڻڻ ۾ تڪليف ٿيڻ لڳي.اڙي ڪهڙي آ منهنجي ارڏانگني؟ٻئي هڪ ٻئي کان پڇڻ لڳا.هو هڪ هڪ جي چهري کي غور سان ڏسڻ لڳا نيٺ شڪلين مان نہ مگر آواز توڙي ڳالهائڻ جي انداز مان هنن پنهنجن ڌرم پتنين کي سڃاڻي ورتو.

انيتا پاڪيزه فلم جي مينا ڪماريءَ جي لباس ۾ هئيءَ هن وانگر ئي اداڪاري ڪري رهي هئي.پشپا هڪ فرينچ ماڊل ٻڻي هئي.ڳاڙهي لُندي فراڪ ۾ مُنيون ننگون اگهاڙيون ڳاڙهو اوچي ڪڙي وارو سئنڊل ڳاڙهي تکي لپسٽڪ وار پورا چپن تي سگريٽ چڙهيل هئس.اميت پنهنجو ڪنڌ جهڪائي ڇڏيو ۽ اکين کي بہ پنهنجن هٿن سان ڍڪي ڇڏيو.

هاڻي سڀ اسٽيج وانگر ٺهيل هڪ جڳهہ تي لائين ۾ بيٺيون هيون هر هڪ ڄڻي اڳيان وڌي اداڪاري ڪرڻ لڳي.انيتا عرف پاڪيزه ،عرف مينا ڪماري اڳيان وڌي آئي ۽ پس منظر ۾ وڄايل راڳ

”انهين لوگون ني لي ليئو دُپٽا ميرا دُپٽا ميرا هو جي دُپٽا ميرا هان هان دُپٽا ميرا“

تي اداڪاري ڪرڻ لڳي

سڀ عورتون خوب لطف وٺي رهيون هيون ۽ تاڙيون وڄائي داد ڏئي رهيون هيون

..۽ پوءِ ٻي عورت اسٽيج تي آئي

هي وڏ گهراڻيون سنن گهرن جونياڻيون ۽ ننهون ڪهڙيون واهيات حرڪتون ڪري خود ئي پاڻ کي هيٺ ڪيرائي رهيون هيون ! هي ڇا ٿي رهيو آهي.ڇو ٿي رهيو آهي ؟مهيش نونٽ هٽي اميت کي اشارو ڏنو“هل هتان نڪري هلون”

”اڄ رات مان تنهنجي گهر جي گيسٽ روم ۾ ئي گهاريندس .ٺيڪ آهي نه...“

”ها بلڪل پنهنجو ئي گهر سمجھ“

”صبوح جو سويل ئي نڪري ويندس او ڪي“

”اوڪي“

رستي تي هنن ڪجھ به ڪونه ڳالهايو.مهيش اميت جي گيسٽ روم ۾ انهن ئي ڪپڙن ۾ سمهي پيو“

مهيش صبوح جو گهر پهتو ته انيتا پڇيس.“سڄي رات ڪٿ”

”مون کي ته ڪٿ تي وڃڻ جو حڪم ڏنو ويو هو جناب جو حڪم بندي جي برچشم“ مهيش سلام ڪندي طنزيه لهجي ۾ چيو ۽ پوءِ ”انهين لوگو ني لي ليو دپٽا ميرا“جي راڳ جي طرز تي سيٽيءَ تي وڄائيندو ڏاڪڻ چڙهڻ لڳو.

انيتا عجب وچان هن ڏانهن نهاريندي رهجي وئي.

انڪانپوءِ مهيش هن سان ڳالهائڻ بند ڪري ڇڏيو.بنا ڪجھ چوڻ جي آفيس هليوويو رات جو دير سان موٽيو ۽ سمهي پيو.ساندھ تي ڏينهن ائين ئيٽيندو رهيو .نيٺ چوٿين ڏينهن انيتا کي ڳالهائڻو پيو:

”توکي ڇا ٿيو آهي ؟تنهنجو رخ بدليل بدليل ڇو آهي؟“

”ڪجھ به ته ڪونهي“


www.sindhsalamat.com

”مون سان ناراض آهين؟پر ڇو؟“

”مون چيو نہ تہ ڪجھ بہ ڪونهي“هن خفي ٿيندي چيو

”ان پارٽي جي ڪري“

توڪي جيڪي سمجھڻو هجي سمجهين سگهين ٿي“

”اڙي اها تہ صرف هڪ پارٽي هئي اوهان الائي ڇو ڳالھ مان ڳالھوڙو بڻايو آهي؟“

”مون کي ان باري ۾ ڪجھ ڳالهائڻو ئي ڪونهي“ ۽ هو ڪمرو ڇڏي ٻئي ڪمري ۾ هليو ويو

چند ڏينهن بعد مهيش انيتا کي اچي ٻڌايو ”سياڻي رات اميت جي گهر ڊنر پارٽيءَ تي هلڻو آهي“

انيتا دل ئي دل ۾ خوش ٿي شڪر آهي ڳالهائڻ تہ شروع ڪيائين“

مگر هُن جي ٻيءَ سٽ انيتا جا هوش اڏائي ڇڏيا

”ان پارٽي ۾ هڪڳائڻ واري بہ ايندي ۽ شايد ناچ بہ ڪري“

انيتا ڇرڪ پريندي چيو تہ ”ڇا چيو توهان؟اتي ڳائڻي ۽ ناچ ڪرڻ واري ايندي؟“

”ها“ مهيش مرڪڻ لڳو

”ڇا مجرو ٿيندو“

”ڪجھ ائين ئي سمجھ ....۽ ٻئي هفتي اسان جي گهر ۽ انکان پوءِ مڪيش جي گهر ۽ ان کانپوءِ...........“

”ڇا“

”مردن سان گڏ زالن کي بہ شرڪت جي اجازت آهي“ هن مرڪندي فلڪ سان چيو ڄڻ تہ هو زالن تي احسان ڪري رهيو هو.

ان خبر انيتا جي ٽاڪ لڳائي ڇڏيا هن تہ سمجهيو هو تہ ٿورن ڏينهن ۾ مهيش

پاڻهي نيڪ ٿي ويندو.هن کي وشواس هو ته هوءَ هن کي مجائڻ ۾ ڪامياب ويندي ۽ هو ساڳيو اڳئين جهڙو ٿي پوندو پر هتي ته ڳالهه ئي هڪ ٻيو موڙ وٺي رهي هئي! اهو موڙ سيني زالن لاءِ ڪيڏو هاڃيڪار ٿي سگهي ٿو ان جي ته هوءَ ڪلپنا به نه ٿي ڪري سگهي.

"لڳي ائين ٿو ته سڀ مرد گڏجي ڪجهه ڪري رهيا آهن.هن جي خلاف ڪجهه سازش سٽي رهيا آهن پر ڇو؟هنن کي پارٽيءَ جي باري ۾ خبر پئجي وئي آهي ۽ هن سان ناراض آهن" هوءَ سوچڻ لڳي.

"ڪٿي ڳالهه وڌيڪ خراب نه ٿي وڃي؟ڪٿي هنن جي گرهست جيون کي ڪو لوڏو نه اچي وڃي؟هنن جو سائو ستابو سنسار نه اجڙي وڃي" هوءَ چنتا ڪرڻ لڳي.

حقيقت ۾ اها ڌمڪي واري خبر ٻڌڻ بعد زالون لُڏي ويون هيون ۽ هڪ ٻئي کي فون ڪري رهيون هيون.

انيتا پشپا کي فون ڪرڻ جي باري ۾ سوچي رهي هئي ته پشپا جو فون اچي ويو.

"ياد ڪندي فون ڪيو اٿئي مان توکي ئي فون ڪرڻ واري هئس"

"سڀ سک ۾ "

"ها ها ..پر تنهنجو آواز ڇو اهڙو گهبرايل آهي؟"

"گهبرائڻ جي ته ڳالهه ئي آهي"

"ڇو ڇا ٿيو؟"

"هتي سڀ ڳالهيون غلط ٿي رهيون آهن"

"ڪيئن"

"ڪيترن ڏينهن کان اميت جو مُنهن چڙهيل آهي جڻ ته مون سان ناراض آهي اصل ڳالهائي ئي نه ٿو"

"ان پارٽي واري رات کان"

"ها بلڪل ان رات کانپوءِ"

” هتي بہ ساڳيو حال آهي“

”يعني“

”مهيش بہ مون سان رُسي وينو آهي“

”توسان ڇو ڳالهائي“

”مون سان ڇو ڳالهائي“

”اميت بہ چپ آهي مون سان ڪاوڙيل آهي“

”مهيش هوندي بہ خاموش آهي پر ڪجهه ڪجهه ”ديپتا ميرا ديپتا “واري راڳ جون سيٽيون پيو وڄائي“هن جو آواز روئڻهارڪو ٿي ويو.

”تنهن جي معني هنن کي پارٽي واري ڳالهه جي خبر پئجي ويئي آهي“

”خبر تہ پوڻي هئي اها ڳالهه لڪڻ جهڙي هئي بہ تہ ڪانه پر هاڻي ڇا ڪجي؟“

”ڇاڪجي“

”اڄ مس ڳالهايو اٿائين پر اهڙي ڳالهه ڇئي اٿائين جو منهنجي مٿان جنسي پهاڙ ٽٽي پيو آهي“

”ڇا چيائين؟“

.مون کي ٻڌايائين تنهنجي گهر سياڻي پارٽي آهي“

”منهنجي گهر پارٽي آهي“

”ها“

”۽ مون کي خبر ناهي“

”ڏس نہ ...خبر خبر نہ اٿئي تہ خبر پئجي ويندءِ اهو بہ ٻڌايائين تہ هڪڙي ڳائڻ واري ۽ نچڻ واري ايندي“

”ڇا پئي چوين“

”اميت توکي پاڻهي ٻڌائيندو جڏهن ٻڌائيئي ته مون کي خبر ڏج“

ٻي صبوح جو پشپا انيتا کي فون تي ٻڌايو ”اها خبر سچ آهي“اڄ رات اسان جي گهر پارٽي آهي ۽ ڪجهه مُجري جيان ٿيندو“

”پر تنهنجو آواز ڇو اهڙو ٿيو آهي؟“

”مون سڄي رات رنو آهي“

”ڇو رنو اٿيئي؟“

”روئان نه ته ڇا ڪريان؟منهنجو اميت سان ذري گهٽ جهڳڙو ٿي پيو.“

”ذري گهٽ“

”ها مون پاڻ کي روڪي ورتو نه ته وڏو جهڳڙو ٿي پوي ها“

”ڇا ٿي پوي ها“

”اها ئي ته تڪليف آهي ڪجهه به نٿو چوي“

”مرچي پارٽي جي باري ۾ ڪجهه چيائين“

”نه“

ڪو ڏوراپو ڏنائين“

”نه“

”ڪمال آهي غصو ان ڳالهه تي اٿن پر ٻڌائن نه ٿا اسان کي ٿارچر ڪرڻ جو سٺو رستو ڳولهيو اٿن.“

ان بعد انيتا جو فون شروع ٿي ويو ته بند ئي نه ٿئييني زالن جا فونس مشغول ٿي ويا.مرچي پارٽي جي ڪري سيني زالن ۾ ڄڻ ته ماتڏاڻ مچي ويو.سيني جي اڳي ڪهاڻي هئي.سيني جا مرد رنل هئا سيني جا مرد خاموش هئاۓ.ائين لڳي رهيو هو ڄڻ ته هو هنن ڪان بدلو وٺي رهيا هئا.

هاڻي زالن کي پنهنجي غلطيءَ جو احساس ٿيڻ لڳو هو.

”شايد اسان مرچي پارٽي ڪري ڀُل ڪئي“

”ڀُل تہ ڪئي اٿئون پر هڪ رواجي ڀُل جي ڪيڏي وڏي سزا ملي رهي آهي“

”تون ان کي رواجي ٿي سمجهين پر حقيقت ۾ شايد اها رواجي ڪانہ هئي“

”هاڻي ڇا ڪريون“

”هاڻي ان تڪليف جو بهادريءَ سان مقابلو ڪرڻو پوندو“

”رڳو مقابلو؟اسان کي تہ حل ڳولهڻو پوندو“

”حل تہ ڳولهي لهبو پهرين اڄ جي پارٽيءَ کي مُنهن تہ ڏيون“

پارٽِي اهڙي خراب ڪانہ هئي.جهڙي هنن سوچي هئي ڳائڻ واري بہ خراب ڪانہ هئي خراب ڇا سٺي هئي.تمام سٺي هئي سهڻي ۽ آبرودار هئي.ڪپڙا بہ سُٺا پيل هئس.ڳائڻ بہ عمدو هئس.ادائون لاجواب مگر هن جون اهي سهڻيون صفتون سڀني زالن کي ڏنگي رهيون هيون.هنن جي دل ۾ آنڌ مانڌ مچائي رهيون هيون.هوءَ ڪڏهن ٺمري ڪڏهن داداره ڪڏهن ڪجري تہ ڪڏهن غزل ڳائي رهي هئي.ادائگي بهترين هئس ۽ اچار بيمثال .مرد هُن کي ضرورت کان وڌيڪ توجہ ڏئي رهيا هئا ۽ ”واهہ واهہ“ڪري رهيا هئا.سڀ ڪجهہ سٺو هو.مردن جي وهنوار کان سواءِ.هو گهڻو پي رهيا هئا.گهڻو ڳالهائي رهيا هئا ۽ گهڻو داد ڏئي رهيا هئا.اهي ڳالهيون عورتن جي دلين ۾ سوئا ٽنبي رهيون هيون.اڄ مرد جهنگل جا بادشاهہ بڻجي پيا هئا ۽ عورتون هيسيل ڊنل هرڻيون پئي پاسيون.

شڪر آهي هن ناچ نہ ڪيو شڪر آهي هن رڳو سنگيت جي محفل مچائي ۽ ڪلاڪ ڏيڍ جي ادئگي بعد هنن کان رخصرت ورتي.

ٻئي ڏينهن ليڊيز ڪلب ڪِٽي ڪلب جي ميمبرن جي ايمرجنسي ميٽنگ ڪوٺائي وئي.

حقيقت ۾ ان ڪلب جي مکيہ ميمبر شريمتي اسميتا سنگهہ مهينو ڪن شهر کان ٻاهر وئي هئي ۽ مرچي پارٽيءَ وقت اتي موجود ڪانہ هئي.هن کي پارٽِيءَ جا تفصيل ٻڌايا ويا.پڻ مردن جو رد عمل.هوءَ پاڻ حيرت ۾ پئجي وئي تہ زالون اهڙي پارٽي جي باري ۾ سوچي بہ ڪيئن ٿي سگهيون زالن پنهنجي بچاءُ ۾ دليل پيش ڪيا پر هوءَ پنهنجي راءِ تي قائم رهي.

”سي ڪان پهرين غلطي توهان اها ڪئي جو مردن کي ان خطرناڪ پارٽيءَ جو ڀاڱيدار نہ بڻايو.گهٽ ۾ گهٽ هنن کي ٻڌايو تہ ها ۽ هضو ونڻ لاءِ دعوت ڏيو ها.توهان جوکم جو ڪم ڪيو آهي ۽ عجب ناهي تہ اوهين ان جو نتيجو ڀوڳي رهيون آهيو“

”اسان رڳو پوشاڪ ئي تہ پاتي ٻيو ڪجهہ ڪيوسين توروئي“ هڪ عورت وچ ۾ ٽوڪيو

”مون کي لڳي ٿو تہ عورت هوندي بہ اوهان سماج جي ان داغدار طبقي جي باري ۾ سوچي بہ ناهي سماج جي هڪ ڳنڀير مسئلي کي سمجهڻ جي بدران توهان ان جو مذاق اڏايو آهي“

”اسان تہ صرف فلمي راڳن تي اداڪاري ڪئي سو بہ صرف عورتن جي موجودگيءَ ۾؟“ هڪ عورت فرمايو

”انهن فلمي ڪهاڻين جي ڳجهي درد کي اوهان سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي آهي؟عورتن کان ڪهڙين مجبور حالتن هيٺ اهڙا ڪم ڪرايا ٿا وڃن؟ توهان ڪڏهن سوچيو آهي؟اوهان تہ عورت جي زندگيءَ جي ان دردناڪ پهلوءَ کي پنهنجي منورنجن جو ساڌن بڻائي ڇڏيو“

ٿوري دير لاءِ عورتون خاموش ٿي ويون

”برابر اسان غلط ڪم ڪيو آهي هاڻي ان کي ڪيئن سڌاريون؟هڪڙيءَ چيو

”اسان کي ان ڳالهہ تي سوچڻو پوندو“ٻي چيو

”توهين پلي سوچيو مان ڪلب جي پاران هڪ معافي نامو مردن کي موڪليان ٿي.سياڻي ٽائيپ ڪري توهان کي ڏيکاريندس“

”ها ها اهو بهتر خيال آهي“

”توهان سڀني کي ان خط تي دستخط ڪرڻا پوندا“

”ها ها ڪنديوسين سڀني زالن گڏجي چيو

”باقي پنهنجن مڙسن کي پوءِ پاڻهي سنڀالي ونجو اها توهان جي جوابداري آهي ..آهي قبول“

”قبـــــــــــــــــــــول آهـــــــــــــي“

# نمي ڪٽي نهار

چوڪري! توکي ڪنهن سنئين نموني پنڌ هلڻ سيکاريو ئي ڪونہ هو ڇا؟هلين ڪيئن پئي؟اڪيون آسمان ڏانهن ! تڏهن تہ ڏڪو کاڌءِ!تورو اکيون هيٺ ڪري هلندي ڪر.تورو نِمي ڪِمي هلڻ سڪُ"

سمرتيءَ جي سَسُ جو ڳالهائڻ بس اهڙو هو! سدائين پيئي نُنهن مان وڏون ڪيندي هئي.مگر اها بہ حقيقت هئي تہ سمرتيءَ جو هلڻ هو طوفان ميل جيان هيٺ تہ ڪڏهن نهاري ڪانہ هلندي هئي.تڏهن تہ ڏڪو بہ کاڌو هئائين ۽ هڪ اڌ هڏو بہ ڀڳو هئائين!

"چوڪري هيٺ نهاري هلين ها تہ ڏڪو بہ ڪونہ کائين ها"سسٽس طعنو هنيو هئس.ڏکو کائڻ بعد ۽ هڏو ڀڃائڻ بعد وجي سمرتيءَ جو دماغ ٺڪاڻي آيو هو ۽ پنهنجي هلڻ چلڻ جي رفتار گهٽائڻ جي ڪوشش ڪئي هئائين.

هڪڙو ڏينهن اهڙو بہ آيو جڏهن سس بہ ڏکو کاڌو ان وقت سمرتي پريان تماشو ڏسي ئي اندر مسڪرائيندي رهي هئي.سسٽس ٻاڏائي بہ رهي هئي تہ غصو بہ ڪري رهي هئي.

چوري اتي بيهي ڇا پئي ڪرين؟ڪيترو چيو ماڻ تہ هنفراسيءَ جو ڏاڳو ڪلي پيو آهي پير پيا اٽڪن.ڪٿي ڪو ڏکو نہ کائي.پر تون ٻڌڻ واري آهين ڇا؟هاءِ...هاٽي ڇا ڪريان؟چوري اچ تہ سهين....چورا! تون بہ صرف تماشو ڏسي رهيو آهين! ماءُ کي اٿارين بہ نہ تو"

پٽ جيئن تيئن ڪري ماءُ کي اٿاري کٽ تي ويهاريو

"اهو سڄو سمرتيءَ جو ڏوهہ آهي؟"سس شڪايت ڪندي چيو

"فراسي جو ڏاڳو جي ڪٽي ڇڏي ها تہ مان ڇو ٿابو کان ها؟هوءَ هر هر ساڳيا لفظ دهرائيندي رهي.

"امان ! تورو صبر کان ڪم وٺو!"پٽ ماءُ کي سمجهائيندي چيپ"ٿابو کائڻ لاءِ ڪو نہ ڪو بهانو ٻڌجي ايندو آهي.فراسيءَ جوڪليل ڏاڳو بہ هڪ بهانو آهي ٿابي کائڻ جو ڄاڻي ٻجهي ڪير غلطي ڪندو آهي.هيڏي عمر ۾ ايترو بہ سمجهي نٿا سگهو"

"هل......هل" جوءِ جا مجو.......هليو آهي مون کي سمجهائڻ! مون کي سڀ خير

آهي“ماڻس چيو“آيو آهين جوءِ جو پاسو ڪٽڻ! جي جوڙهين منهنجي چوڻ ڏانهن تورو به ڌيان ڏئي ها ته مان ڏکو ڪانه ڪان ها!“

پر سمرتي پريان بيهي دل ۾ چئي رهي هئي ”امي جينظر هيٺ ڪري تورو نِمي هلو ها ته نه پير ڏاڪي ۾ اٽڪي ها ۽ نه ئي هيٺ ڪرو ها!“ مگر اهي لفظ زور سان چوڻ جي همٿ سمرتيءَ ۾ ڪانه هئي.

---- *** ----

# اِن پُٽ،آئوٽ پُٽ

”مائي اڄ پتين ۽ چتين تي جيڪي ڄارا آهن نه،اتن کي ٻهاريءَ سان لاهي ونڄ“

”جي ها،بائي صاحب“

”پَٽ تي ڪارا داغ به برش ۽ صابڻ سان ڌوئي ونڄ“

”جي ها بائي صاحب“

”اڄ درين جي ڊسٽنگ به برابر ڪڄ“

”جي ها بائي صاحب“

مون عجب وچان هن ڏانهن نهاريو

اڄ ڪتان سڄ ايريو آهي؟نه ڪا ٻهاني بازي ۽ نه ئي ڪا آناڪائي ۽ نه ئي وري ڪم چوري!

”۽ پنج ڪل ڪٽڪ وني آئي آهين،سا به سوئي دٻي ۾ پري رکج“

”جي ها بائي صاحب“

”۽ اوچتو مون ڳالهه سمجهي ورتي“

هن جي هر روز ڪان نرالي نمرتا ،نرمائي ،ڦڙتيءَ ۽ چستيءَ جو سبب سمجهي ورتم.

منهنجو انومان صحيح نڪتو.جڏهن ڪلاڪ ڪانپوءِ هوءَ منهنجي سامهون اچي بيٺي.

مون مسين هلائيندي هلائيندي پنهنجا پير روڪيا ۽ منهن مٿي ڪري چيو“ها،چئو”

”بائي صاحب ،مون کي چاليهه رپيا ائڊوانس کپن.“

”وري ائڊوانس جي ڳالهه“

”منهنجي سس بيمار آهي.هن کي ڊاڪٽر وٽ وٺي وڃڻو آهي“

”توکي خبر آهي ته مون کي ائڊوانس وٺڻ جي عادت بلڪل پسند ناهي،ٻئي مهيني ۾ چا ڪندينءَ؟

تنهن هوندي به مان اتيس ۽ ڪٻٽ مان ويهه روپيا ڪڍي هن کي ڏنم هوءَ مُشڪي رهي هئي.

”ٻئي مهيني ان کان به وڌيڪ ائڊوانس وٺڻ جو ارادو اٿئي چا؟“

هوءَ ڪلندي ڪلندي پنهنجي ٻتونءَ ۾ پئسا وجهندي ٻاهر وڃي رهي هئي.

”چا هن جي سَسُ سچ پچ بيمار آهي يا اهو رڳو هڪ بهانو آهي؟.....

جهڙي ڦڙتيءَ سان پئسن وٺڻ کان اڳ هوءَ ڪم ڪري رهي هئي اهڙي ڦڙتي جيڪر هر روز جي ڪم ۾ ڪري ته ڪهڙو نه سنو ٿئي!“ مان سوچڻ لڳيس.

ان ڳالهه تي مون کي ٽيو ڏينهن واري ڳالهه ياد اچي وئي.

منوهر ٽوئر تان موٽيو هو،شام جو چوڻ لڳو“هل بازار گهمڻ هلون!“

بازار مان پنڌ ڪندي ساڙهين جي دڪان جي شوڪيس وٽان لنگهياسين.

هڪ سائي ساڙهيءَ کي جنهن تي منهنجي گهڻن ڏينهن کان نظر هئي ڏسڻ لڳيس.منهنجي حسرت ڀري نگاهه جي معني سمجهي منوهر چيو:

”توکي انهن ساڙهين مان ڪا ساڙهي پسند آهي ته وٺين چو نه ٿي؟“

مون عجبوچان هن ڏانهن نهاريو

هن ڪنڊ لوڏي چيو”ها ،وٺ نہ !“

اسين ٻئي اندر وياسين ۽ مون پنهنجي پسند جي ساڙهي ورتي مان بيحد خوش هيس.

”گهر لاءِ ٻي ڪا شيءِ وٺڻي اٿيئي؟“

مون منوهر جي ان موڊ جو فائدو وٺندي چيو”ها ٽوالن جي ضرورت آهي جهونا ٽوال وجن پيا ڦٽندا ۽ ڦاٽندا ،وٺون؟“

”ها ،ها ڇو نہ ڇو نہ“

”واھ! اڄ تہ ڪيتري عرصي ڪانپوءِ من پسند شاپنگ ڪري رهي آهيان“دل ۾ آيو

”ٻيو ڪجهہ ڪپيئي“

”پنهنجي لاءِ چمپل وٺان؟“

”اڙي پڇين ڇو ٿي؟وٺ نہ!“

۽ ان رات تڪ هوندي بہ ،نہ چاهيندي بہ مون ڪي.....................!

---- *** ----

# اصلي

ميجر پريتم داس ملٽريءَ مان رٽائر ٿيڻ بعد پونو وسايو هو.اُتي هن پاڻ ڪي ڪيترن اسڪولن ،ڪاليجن ۽ ٻين سنستاٿن(جماعتن) سان جڙيل رکيو هو.هو هلندي پڄنديءَ وارو شخص هو،نہ رڳو ايترو پر هو ٻين جا ڪم ڪاريون ڪرڻ ڪان بہ ڪونہ ڪيٻائيندو هو.وس آهر ٻين جي مدد ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويندو هو.مگر هن جو سڀاءُ رُکو هوندو هو.هو چڙڪ جواب ڏيڻ ۾ استاد هو.ڳالهائڻ مهل ٻئي ڪنهن جيجذابت جي پرواھ ئي ڪونہ ڪندو هو.

”ميجر صاحب اوهان منهنجي پٽ کي ڪاليج ۾ داخلا وني ڏني آهي.اسان تي مهرباني ڪئي آهي.اسين اوهان جا شڪر گذار آهيون“

”شڪر گذاري اوهين مالڪ جي ادا ڪريو“هو رکو جواب ڏيندو هو.

”ميجر صاحب اسان دلي خواهش آهي ته اوهين اسان جي گهر پير پريو.اسان وٽ روٽي کائڻ اچو“

”مهرباني! مون کي فرصت ناهي“

”ميجر صاحب،توهان کيترن ورهين جو منهنجي پي ايف بئنڪ مان ڪڍائي ڏنو آهي توهان جا احسان ڪيئن مجون؟“

”بس،بس،گهڻو تيو احسان مڃڻ جي ڪا ضرورت ناهي“

ڪير هن جا ٿورا مڃيندو هو ته هن چڙ لڳندي هئي.

”پوءِ ميجر صاحب“

”توهان جو ڪم پورو ٿيو؟هاڻي توهين وڃي سگهو ٿا“

هن جا هاڙا خشڪ جواب ٻڌي ماڻهو سمجهي ويندا هئا ۽ هن کي هن سان ڳالهائڻ جي ڪوشش ڪرڻ کان اڳ سوچڻو پوندو هو.

ٻيا هن جي گهر اچن ته پلي اچن پر هو ڪنهن جي گهر ڪونه ويندو هو.ماڻهو هن جي گهر ايندا هئا صرف ڪم سان سو به پهرين گڏجاڻيءَ جو وقت وٺي.

هو پاڻ ميٽنگن وغيره تي ٻاهر ويندو رهندو هو ۽ ڏينهن جي وقت مشغول رهندو هو.هن کي پنهنجي گارڊن سان خاصو لڳاءُ هو.صبوح جو ڪلاڪ هو باغبانيءَ کي ڏيندو هو جيڪو هن جو دلپسند شُغل هو.هو پنهنجن هٿن سان وٽن ۽ ٻوٽن کي پاڻ ۽ پاڻي ڏيندو هو.انهن کي ڪپيندو ڪوريندو هو.آڪار ڏيندو هو،جيئن اهي وڏيڪ قلدائڪ ڦولدائڪ ٿين.هو هرطرح طرح جا پائوڊر،يوريا،روزمڪس،ٻوٽن کي ڪيڙن ۽ ماڪوڙن ۽ ٻين بيمارين کان بچائڻ واريون دوائون،بازار مان خريد ڪري ايندو هو.نتيجي طور هن جو باغ سدائين ٽِپ ٽاپ رهندو هو ۽ اکين کي فرحت بخشيندو هو.شام جو هو به ڪلاڪ پنڌ ڪرڻ ويندو هو.هو پنهنجن روزاني نيمن جو سنو پالن ڪندو هو.

مگر هو ڪنهن جي گهر وڃڻ کان وَنءُ ويندو هو.ڪنهن جي شادي مرادي يا ٻي ڪنهن پارٽيءَ تي ڪنهن به هُن کي ڪونه ڏنو هو.ماڻهن هن کي نوتا(دعوت)ڏئي ڏئي ٿڪجي پيا .مگر مجال جو هو اهاي قبول ڪري.جيڪڏهن پاڻ ڪنهن جي گهر نه ويندو ته ظاهر آهي

ماڻهن به هنوت اچڻ بند ڪري ڇڏيو.

هن جو پوٽو دهليءَ مان هنوت ڪجهه ڏينهن لاءِ آيو هو ”امر“.هو چوڏهن سالن جو هو.پريتمداس هن کي خاص پائيندو هو ۽ هن سان دير تائين رهاڻيون ڪندو رهندو هو.جيڪا هن لاءِ غير معمولي ڳالهه هئي.هڪڙي شام هو امر کي پاڻ سان گڏ پنڌ ڪرڻ وٺي ويو واپس موٽڻ مهل ميجر هڪ ننڍڙي گهر طرف پنهنجا پير وڌايا.ان گهر جي اڱڻ جو دروازو کولي اندر وڃڻ جي تياري ڪرڻ لڳو.

”بابا هي توهين ڪنهن جي گهر وڃي رهيا آهيو؟“

”هتي منهنجو دوست رهندو آهي،سيٺ ڪندن مل“

”توهان جو دوست؟ پر توپهين ته ڪنهن جي گهر ويندا ئي ڪونه آهيو؟“

”ها اهو سچ آهي پر هيءُ خاص گهر آهي هتي مان هفتي جا ٽي ڏينهن نيم سان ايندو آهيان“

”امر بابا ڏانهن نهاريو.

ان وقت هن جي چهري جا پاوء ڦريويا هئا.منهن تي رونق اچي وئي هئس.چپن تي هئي مُرڪ ۽ اکين ۾ عجيب چمڪ چهرو هڪدم رليڪس ٿيل.اندر گهڙندي ئي هن زور سان چيو

”سيٺ ڪندنمل آهيو ته چڱا ڀلا؟طبيعت نيڪ ناڪ؟“

”ها ديوان صاحب بلڪل دُرست اچي ويا اوهين ڀلي آيا جيءُ آيا“

”اڙي بابا ديوان صاحب ڪڏهن کان ٿي ويو.هو ته ميجر آهيءِ سڀ کو هن کي ايئن سڏيندو آهي.اهڙي ٻولي ته مون ڪڏهن به ڪانه ٻڌي آهي،امر ويهو سائين“

اندران سيٺ ڪندنمل جي زال ٻاهر آئي.عجيب ڪپڙا پهريل هئس.هڪ طرح جوپائجامو ،مٿان چولو ،ان مٿان صدري ۽ مٿان وري رئو

هن جي هٿن ۾ ڳاڙهي رنگ جي پاڻيءَ جا به گلاس هئا.

”اچو پائو!مون توهان لاءِ اڳ ۾ ئي شربت ناهي رکيو هو“

”پاجائي هي اٽيئي منهنجو صدورو پوٽو امر دهليءَ ۾ رهندو آهي تورا ڏينهن مون وٽ آيو آهي.“

”اچ پٽڙا ،ويهه،شل ،جڳ جڳ جيئين! شل خوشيون ماڻين ۽ جوڙين وجان توتان گهوري گهوري!“ٻئي هٿ امر جي متي تي رکي اهي ابتا ڪري پنهنجن ٻنهي ڪنن سان چهي گهور وجهڻ لڳي.

هي امان ڇا پئي ڪري؟امر سوچڻ لڳو

”هان پٽڙا پهرين هي شربت پي وٺ“

”ڇا هيءُ شربت گلاب جو آهي؟“ميجر واڪو ڪري پڇيو

”ها ها ابا هيءُ اصلي گلاب جل مان نهيل اٿو اسان پاڻ ڪديو آهي گلاب جي پنکڙين مان شڌ جل“

”واهه واهه مزو اچي ويوتازن گلابن جي خوشبوءِ فرحت بخش آهي“

”پٽڙا! پهرين پاپڙ ڪائي پوءِ شربت پيءُ هوءَ امر کي چئي رهي هئي.

”ابا چهر ڪٽي اچان“

چهر ٻهر چڏيو هتي ويهي ڪائبو تہ باقي پنڌ ڪرڻ مان فائدو ئي ڪهڙو؟“ميجر زوردار ٺهڪ ڏيندي چيو.

”يلا چلم مان سوتا تہ پريندين نہ يار“

”هائو سيٺ واهه جي ڳالهه ڪئي اٽئي!نيڪي پيو ڪرين ۽ پيو پڇين؟“

”آڻ هتي چلم تيار آهي نہ؟“

”ها سائين توهان لاءِ تيار رکي اٿم سب حاضر آهي!“ هن چلم هن کي وڏائي ڏني.

هيءُ تہ ڪجهہ حقي جهڙو آهي ..امر سوچي رهيو هو.

”هان ونو هيءُ نڙ ۾ لڳايو سوتا“

ميجر چلم مان سوتا پرڻ لڳو.

”واه ٻيلي چا ته لطف ونايو اٿئي!“(گڙ گڙ گڙ گڙ)

”اڳ ته سڪل آهن نه ديوان“

”هائو سائين هائو“(گڙ گڙ گڙ)

”اڇي پيو نه لطف ديوان“

”هائو سائين ڪهڙي ڳالهه ڪجي“

امر واري وَٽيءَ سان انهن ٻن ٻيڙن کي حيرت وچان تڪي رهيو هو جيڪي انهن لمحن جو خوب آنند وٺي رهيا هئا.

نيٽ ميجر نڙ پاسيرو رکيو ۽ چوڻ لڳو”هاٽي موڪل ڏيو ته هلون“

”ٻڌو پرينهن توهان لاءِ ڪُٽ جي وٽيءَ ۾ دسي دارون تيار رکندس وٺندا نه چشڪيون ان جون“

”ها سائين اهڙيون مخمور چيزون آڇيندا ته صدقي صدقي“

”ديوان توهين خوش ته اسين اول خوش“

”توهين ته مون کي ٻالڪپڻ جون يادگيريون تازيون ٽا ڪرائي ڇڏيو جڏهن اسان جا وڏا سنڌ جي اڱڻن ۾ هر شام ڪُٽ جي وٽين يا تسرين مان داروڻ جا مزا ماڻيندا هئا ۽ اسان ٻارنکي آڱر چٽائي چشڪو ڏياريندا هئا“

”ها ديوان اسين ته تڏهن هئاسين ننڍڙا ٻارڙا هاڻي ته آهيون وقت جي ٻلهاري“

”اها چوس وري ٽا ڏيارو مون کي“

”ادا جو هوندو حڪم“

”هاٽي موڪلايان تو اول خير پرينهن ملنداسين.ڀاڃائي آسرو گروءَ جو“

”آسرو گُروءَ جو ابا“

”سدائين گڏ سيٺ“

”سدائين گڏ ديوان“

ميجر ۽ امر ڀاهر نڪتا

”بابا اڄ ته توهان جو بنهه نرالو روپ ڏٺو آهي“

”پٽ هتي اچي مان ڪجهه ٻيو ٿي ويندو آهيان.هت اچي مان اصلي ٻڻجي پوندو آهيان تو ڏٺو نه!“

”ها بابا “

ٻن ڏينهن بعد جڏهن شام جو پنڌ ڪرڻ واسطي ميجر ٻاهر نڪتو ته گيٽ وٽ امر به تيار بيٺو هو.

”اڄ تنهنجي ڪٿي جي تياري آهي“

”ڪاڪي ڪندن مل جي گهر“

ڇو بابا ڪِلو ڇو ٿا؟“

”جهٽ ڪاڪو ٻڌائي ڇڏيس“

”ڇو نه بابا؟“

”ها ڇو نه ڇو نه“

---- *** ----

## نِڌڪڻي

سمنڊ ۾ اُٿل پُٿل متل هئي.ساموندي طوفان ايترو خطرناڪ ٿي سگهي ٿو تيز هوا ستر ڪلوميٽر في ڪلاڪ جي رفتار سان جُهلي هئي.وچ جون چلڪائون ۽ ڪڪرن جي گجگوڙ ديجاري رهي هئي.ساگر جون لهرون متي متي ايري هاهاڪار مچائي رهيون هيون.جهاز ڇُٽڻ وارو هو.اوچتو وڏ ڦڙو مينهن پوڻ شروع ٿيو.ماڻهن جي پيهه ڌڪا ڌوڪيءَ سان جهاز تي چڙهڻ جي ڪوششڪري رهي هئي.اڙي جهاز ڇُٽي نه وڃي؟ماڻهنجي مٿن تي ڳنڙيون هيون.ٻاسڻ جا ٽوڪرا هئا.چئني پاسي بد انتظامي جهازپنهنجو ٽوتارو وڄايو ۽ ماڻهن جو شور وڌي ويو.مان به ان گوڙ ۾ هڪڙي هئس.مان به هنن کي ڌڪا ڏيندي ،ٿاٻا کائيندي اڳتي وڌي رهي هئسءَ نيٺ جهاز جي اندر پهچي

ويس.جهاز ۾ ڇُر پر تيڻ لڳي ۽ اهو هلڻ لڳو.مان جيئن تيئن ماڻهن کي ٺونٺيون هڻندي ڌڪا ڏيندي ڏاڪڻ طرف وڌيس.ائين ڪندي منهنجا پير چپيا ويا ،بدن چيپاٽيو ويو پر مان ڏاڪڻ طرف وڌيس.۽ پوءِ مٿي پهتيس.اتي به گوڙ هو پر هيٺ کان گهٽ مان جهاز جي لوڙهي کي پڪڙي آسمان ڏانهن نهارڻ لڳيس.بندرگاهه اوجهل ٿيندو پئي ويو.اتي ڪوڙيل تختي نظر آئي.اتي لکيل هو "ڪاچي" "ڪاچي" کهڙو نه عجيب نالو آهي ان شهر جو نيپالي ٻوليءَ ۾ ڪاچي جوان ڇوڪريءَ کي چوندا آهن."ڪاچي ڙي ڪاچي پريت منهنجي ساڃي" گانو ذهن ۾ گونجڻ لڳو.اوچتو جهاز کي زبردست لوڏو آيو.مان پٽ تي ڪري پيس ۽ لڙهڪڻ لڳيس.ماڻهن جي پيرن هيٺان لتاڙجڻ لڳيس.هي سڀ مون کي ماري ڇڏيندا اڙي بچايو بچايو مان واڪا ڪرڻ لڳيس. ديگڙا ٻاتيون لڙهڪندا آواز ڪندا منهنجي مٿان پوڻ لڳا ۽ مان انهن جي بوجهه هيٺيان دٻجڻ لڳيس.

"بچايو بچايو"

بادلن جي گجگوڙن جهاز جو ٽوٽارو منهنجا واڪا ،هراس ،شور ۽ پوءِ هڪدم خاموشي!سڀ آواز شانت ٿي ويا.منهنجن اکين جي پنبڻين ۾ لرزش آئي.منهنجي بيڊ روم جون ڏنڌليون ديوارون ڏڌڻ لڳيون.

"ته اهو سڀ سپنو هو! شڪر آهي مان ان گوڙ ۾ ڪانه هئس.مون اجا پنهنجون اکيون کوليون به ڪونه هيون ته وري ننڊ جي ڇيپٽ ۾ اچي ويس.

اهو درشيه(ڏيک)منهنجي چيتن(لاشعور) من جي پردي تي ان وقت به اڪريل هئا.طوفان شانت هو.جهاز تڪڙو تڪڙو هلي رهيو هو.

ڇا اهو اسٽيمر هو؟ٻاڦ تي هلي رهيو هو يا پيٽرول تي؟منهنجي من ۾ جڳياسا(اڻ تڻ) جاڳي! مان هيٺ لٿس ۽ ڪئپٽن جي ڪئبن طرف وڌيس.اڙي ڪئبن ۾ ڪير به ڪونه هو.اسٽيمر کي ڪير هلائي رهيو هو؟اهو ته پاڻهي هلي رهيو هو.ها انجڻ هلڻ جو جهيڻو جهيڻو آواز اچي رهيو هو.

ان جهاز کي دِشا(رخ) ڪير ڏيندو؟ان جي اسٽيئرنگ کي ڪير ڦيرائيندو؟ان کي پيانڪ چين ۽ پهاڙن کان ڪير بچائيندو؟اهو بنا ڪنهن نظرداريءَ جي هيٺ هلي رهيوآهي،هن جهاز جو ڪو اوهي آهي نه واهي؟ڪو ڪاهٺوارو آهي ئي ڪونه؟هن جو الله بيلي آهي! هڪ بندرگاهه نظر آيو.جهاز پاڻهي بيهجي ويو ڪيئن؟بندر جي تختي تي لکيل هو تام بواءِ کهڙو انوکو نالو آهي؟ڪاچيءَ کان تام بواءِ تائين مسافر هيٺ لهڻ

لڳا.پنهنجي سامان سوڌا ،باسڻن ،ديڳڙن ۽ ڳنڙين سوڌا.

پر مان ڪانہ لٿس.مان سڀ منظر ڏسندي رهيس.

اتان ٻيامسافر چڙهيا پر هاڻي پيهہ ڪانہ هئي.

جهاز هاڻي آرام سان هلي رهيو آهي.الڳ الڳ بندرگاهن تي بيٺو تي هليو تي پن پن مسافر چڙهيا پئي لٿا پئي.نوان چهرا نوان لباس جتي جتي جهاز بيٺو پئي.ان پرديس جا ماڻهو لوڪ گيت ڳائي رهيا هئا.

لوڪ ناچ ڪري رهيا هئا.ڪيڏي ينتا هئي سنسڪريتن ۾ اتي جي ياسا ٻڌڻ ۾ آئي پئي،اتي جو لباس ڏسڻ ۾ آيو پئي.اچانڪ اهي ساڳيا جهونا مسافر جيڪي اول اول پهرين بندرگاهہ کان مون سان گڏ جهاز ۾ چڙهيا هئا. هڪ بندر کان چڙهڻ لڳا.

وقت وڏي ويو هو شايد هو ڦاٽل لباس ۽ خستہ حال سان ڪاچي بندرگاهہ تان چڙهيا هئا.مگر هاڻي هو سٺيا ستابا لڳي رهيا هئا.اُڇا ڪپرا سندر ڳهڻا پهري خوشحال ياسي رهيا هئا.مون هنن کي سڃاتي ورتو.هي سڀ منهنجا هم وطني آهن.هو مون سان گڏ ڪاچي بندرگاهہ تان چڙهيا هئا.مون هنن سان پنهنجي ياشا ۾ ڳالهايو ۽ سوال پڇيا.پر هو سمجهي نہ سگهيا جواب نہ ڏئي سگهيا .مان هنن کي چڱي طرح سان سڃاڻان.پر هو مون کي نہ ٿا سڃاڻن.سچ پچ نہ ٿا سڃاڻن يا نہ سڃاڻن جو ناٽڪ ڪري رهيا آهن؟چو مون کي ڪير بہ چو نہ ٿو سڃاڻي؟چو؟مان نڌڪٽي آهيان؟منهنجي ياشا نہ ٿي ڳالهائي وڃي؟منهنجي پوشاڪ نہ ٿي پهري وڃي؟مون کي پنهنجي ڪا پڇاڻ ناهي؟مون کي پنهنجي ڪا يومي ناهي! مان هن جهاز ۾ رُلي رهي آهيان در در جا ڌڪا ڪائي رهي آهيان.منهنجي نصيب ۾ صرف ڌڪا ئي ڌڪا آهن.مان هن آڪاش ۽ سمنڊ جي وچ ۾ هڪ لغڙ جيان لٽڪي رهي آهيان.مون کي پنهنجون پاڙون کوڙڻ لاءِ ڌرتيءَ تي جڳهہ ناهي؟

مان يتيم آهيان..........مان نڌڪٽي آهيان مان زور زور سان واڪا ڪري روئڻ لڳان ٿي.....مان ٻاڏائڻ لڳان ٿي...........مان بي آسري آهيان ،بي سهاري آهيان مان نڌڪٽي آهيان!

جهاز مان توتارو وڄڻ لڳي ٿو جهاز جي چمنيءَ مان دونهون متي اٿڻ لڳي ٿو ۽ طرح طرح جا آواز منهنجي آواز سان گڏجي وڃن ٿا.مان نڌڪٽي آهيان! ان جوپڙاڏو چو طرف گونجڻ لڳي ٿو.

اوچتو آواز بند ٿي ويا.هڪ سناٽو ! ۽ منهنجو ڪمرو منهنجي اکين سامهون اچي وڃي ٿو.

---- *** ----

## جهنجهلائٽ

چندرا کي تيار ٿيڻ ۾ پنج منٽ وڌيڪ لڳا هئا.

جيسين هوءِ گهر جون دريون دروازا بند ڪري ٻاهر نڪري.سندس گهوٽ اُتمچند گهٽيءَ ۾ ،گاڏيءَ کي ٽيڪ ڏئي بيٺو هو.چندرا کي ٻاهر ايندو ڏسي هو ڪڙو ٿي بيٺو ۽ تڪڙا تڪڙا قدم کڻي وجي ڪيس ٻانهن کان جهليائين ۽ چيائين "سنپال ڊارلنگ آهستي"

چندرا ٿابو کائيندي پاڻ کي بچائي ورتو.

اتمچند وک وڌائي موٽر جو اڳيون دروازو پتني لاءِ کولي بيٺو.چندرا پنهنجي سيٽ تي ٺهي وينوته هن دروازو بند ڪيو ۽ وڃي ڊرائيور واريءَ سيٽ تي وينو ۽ موٽر اسٽارٽ ڪيائين.

جڏهن موٽر رستي تي هلڻ لڳي ته پتنيءَ ڏانهن نهاري پيار ڀريئي ڏوراپي سان چيائين "مون توکي ڪيڏو چيو سويٽي ٻانهن ڪانسواءِ (sleeve less) بلائوز نه پاءِ هوا ٿڌي پئي لڳي.ٿڌ لڳي ويندءِ زڪام ٿي پوندءِ...هاٽي ڳالهه سمجهيئه نه؟آئيندي لاءِ اها ڳالهه خيال ۾ رکج."

ٻن منٽن جي خاموشيءَ کان پوءِ وري چيائين "مين اسٽريٽ ۾ جيڪي شيون خريد ڪرڻيون آهنانهن جي لسٽ ناهي اٿيئي نه؟"

"ها" چندرا صرف ايترو چيو.

"چمپلن جي دڪان تي به هلڻو آهي.پنهنجي لاءِ هڪ فلئٽ بنا ڪڙيءَ وارو چمپل وٺي ڇڏج.ڪڙي پائڻ پير لاءِ سٺي ناهي.ڊارلنگ توکي پيرن ۾ سور ٿي پوندو."

ٿورو ترسي ”ڊاڪٽر وٽ ھلنداسين رات پوري ننڊ ئي ڪانہ ڪئي اٿئي.ڏاڍو پئي ٿڪجين.ڊاڪٽر سان صلاح ڪر شايد ڪا دوا ڏي.“

”تون رات جو پاڻي ڪانہ پي سمھندي آھين نہ؟ائين نہ ڪندي ڪر پنھنجي صحت جو خيال رکندي ڪر.نيراڻي پاڻي پيئڻ جي عادت سٺي ھوندي آھي.ھاضمو ٺيڪ رھندو آھي.ڊارلنگ! انھن ڳالھين تي ھميشہ عمل ڪندي ڪر.ٻيءَ حالت ۾ لاچار ٿي نون ڪي توکي پاڻي جو گلاس پري ڏيٺو پوندو.“

چندرا ڪوبہ جواب نہ ڏنو.

”ڳالھ ڪھڙي آھي؟اڄ چوخاموش آھين؟طبيعت تہ ٺيڪ آھي نہ؟مٿي ۾ سور تہ ڪونہ اٿئي؟“ئين چوندي اتمچند پيار مان مٿي تي ھٿ ڦيريس ٿو.

”اکين تي ڪارو چشمو چو نہ پاتو اٿيئي؟اکيون پئي چنيين؟نرڙ تي گھنج پئجي ويندءِ ...پرس مان عينڪ ڪڍي چو نہ ٿو پائين؟“

چندرا ھئنڊ بيگ کولي ڪارو چشمو ڪڍي اکين تي چاڙھي ٿي.

اھڙي نموني ڳالھائيندي ڳالھائيندي مين اسٽريٽ اچي ٿي وڃي.

موٽر پارڪ ڪري وري اتمچند تڪڙو زال جو در کولڻ آيو پر چندرا جلدي پاڻھي در کولي ٻاھر لھي آئي.

چندرا جو ھٿ پڪڙڻ جي اتمچند ڪوشش ڪري ٿو.پر ھوءَ ڌيري سان ھٿ ڇڏائي ٿي وٺي.

ٻئي رستو ڪراس ڪرڻ لڳن ٿا.اتمچند چندرا جي نونٺ پڪڙڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.چندرا پاڻ کي ڇڏائڻ خاطر بيخياليءَ وچان ڪيس ڌڪو ڏئي ٿي......ھو نوڪر ڪائي ڪرندي ڪرندي پاڻ کي بچائي ٿو وٺي.

بريڪسن لڳڻ جو چيچڙاٽ وارو آواز!

ٻن وڪن جي دوريءَ تي ھڪ موٽر بيھي وڃي ٿي ۽ پنيان موٽرن جي ڊگھي قطار!

پٽي اکيون ڦاڙي وائڙن وانگر پتنيءَ ڏانھن نھاري ٿو.پتني وٺي ٿي اکيون ھيٺ ڪري.ٻئي اڳتي وڌي رستو ڪراس ڪن ٿا ٻنھي مان ڪير ڪنھن سان ڪونہ ٿو

ڳالهائي،.........چمپل جي دڪان تي چڙهن ٿا.چندرا چمپل وٺي ٿي.....ٻين دڪانن تي چڙهي گهر جون شيون خريد ڪن ٿا.....۽ ٻئي چپ!

وري واپس پنڌ ڪري موٽر ۾ ويهن ٿا.اتمچند خاموشيءَ سان موٽر هلائيندي گهر جو رخ وٺي ٿو.

گهر پهچڻ وارا ئي آهن.

”ڊارلنگ هڪ ڳالهه ٻڌاءِ ڇا تون مون کي پيار نه ٿي ڪرين؟ڇا ماون توکي نه ٿو وڻان“

چندرا ٿورو ترسي چوي ٿي

”توهن جو گهٽو پيار مون کي اصل خفي ڪري ٿ ڇڏي“

اُتمچند موٽر بيهاري زال ڏانهن وات ڦاڙي نهاري ٿو.

◈

## در ،دريون ،درپن

مان مُمبئيءَ جي فلئٽ جي دريءَ مان سامهون چئني طرف اُڀيون ٿيل عمارتون ڏسي رهيو هوس.اوچيون اوچيون عمارتون،ڪي ڏهه منزليون ڪي سترنهن منزليون ته ڪي ست منزليون ڪي وري بلڪل بندريون ٻن ٽن منزلن واريون هيون.مان پنهنجي عمارت جي ستين منزل تي هوس.شام جا ست لڳا هئا.انڌيرو ڏيري ڏيري وڌندو پئي ويو ۽ چوڪنڊيون ڪڙڪيون ڏيري ڏيري روشن ٿينديون پئي ويون.پهرين هڪ ،پوءِ ٻه ،پوءِ چار ،ڏهه پنجاهه ،سو دريون ٻهڪڻ لڳيون ۽ نَو وڄندي وڄندي هزارن ۾ چونڪ برڻ لڳا.اها واردن روڊ جي ايراضيءَ جي پٺ هئي.جتان ممبئيءَ جا گگن(آسمان) چمندڙ اسڪاءِ اسڪريپرسن(Sky scrapers) نظر اچي رهيا هئا.

مان شولاپور مان انٽرويو ڏيڻ واسطي ممبئي نگريءَ ۾ آيو هوس رستي تي هلندي هلندي ٿابو ڪاڌم ۽ ٽنگ جو هڏو ڀڄي پيو.پرديس ۾ خرچ ۾ پيس ۽ تڪليف ٻئي پاسي.ٽنگ تي پلئسٽر چاڙهيو ويو. خوشقسمتيءَ سان منهنجي هڪ ويجهي مائٽ جو واردن روڊ تي فلئٽ خالي پيو هو.هن مون پندرهن ڏينهن لاءِ رهڻ جي آڇ قبول

ڪري ورتي.انٽرويو ته مان اڳيئي ڏيئي آيو هوس ۽ پندرهن ڏينهن ۾ نتيجو به ظاهر ٿيڻو هو مون کي نوڪري ملڻ جي گهڻي اميد هئي.

نئون شهر نه دوست نه دڙو سرير جڏو ۽ پئسي جي محدودگيءَ مون کي سڄو وقت ڪمري ۾ ئي گهارڻو پيو.هڪ چوڪرو ملي ويو هوم جو منجهند جي ماني ۽ رات جو کاڌو هوٽل مان آڻي ڏيندو هوم.توڙي ڪمري جي صفائي به ڪندو هو.مان ويساڪين جي مدد سان رنڌڻي ۾ پنهنجي چانهه ناهي ويندو هوس ۽ جهڙو تهڙو سنان ڪري ويندو هوس.وقت ڪاٽڻ تمام ڏکيو ٿي پيو هو.سڄو ڏينهن اخبارون پڙهڻ ،ڪتاب پڙهڻ ۽ ليٽر لکڻ ۾ توڙي سمهڻ ۽ ليٽڻ ۾ گهاريندو هوس.باقي رات ڪاٽڻ ڏکي ٿي پوندي هئي.ڏينهن جو ننڊون ڪرڻ ۽ ڪنهن ڪم ڪار جي عدم موجودگيءَ جي ڪارڻ ،رات جو ننڊ اچڻ ڪان نابري واري بيهندي هئي.اول ته هن کي ريجهائڻ جي ڪوشش ڪندو هوس.پر پوءِ چڙي ڏنم.نه ٿي اچي ته پلي نه اچي.مان پنهنجي دريءَ جي پرسان ڪُرسي رکي ويهي رهندو هوس.نوين ۽ ڏهين بجي رات جي وقت پيڪ(peak) ٽائيم هوندو هو.جڏهن گهڻي ۾ گهڻيون دريون روشن هونديون هيون ۽ ڪمرن اندر چهل پهل متل هوندي هئي.ٿي ويءَ جا رنگين پردا منهنجي سامهون اچي ويندا هئا.مان جيئرن جاڳندڙن انسانن کي هڪ ڪمري کان ٻئي ڪمري ۾ ويندو ڏسندو هوس ۽ پنهنجي ڪلپنا ۾ عجيب ڪم ڪندو ڏسندو هوس.ڪڏهن لڳندو هوم ته ڪي اڪيچار اکين وارا راڪاس مون ڏانهن نهاري رهيا آهن ته ڪڏهن وري لڳندو هوم ته آسمان هيٺ لڙڪي ايو آهي.ڌرتيءَ تي اُيو ٿيو بينو آهيءِ اهي آسمان جا چلڪندڙ تارا هئا.جيڪي ٻرڪي رهيا هئا.واندڪائيءَ ۾ منهنجي ڪلپنا مون کي الائي ڪٿي جو ڪٿي پهچائيندي هئي.وقت پوندي دريون گل ٿي وينديون هيون ۽ پوءِ ايڪڙ ٻيڪڙ اکيون وڃي ٻچنديون هيون.

منهنجو فليٽ منهنجي بلڊنگ جي ستينءَ ماڙيءَ تي هو ۽ ٻنهه سامهون واري بلڊنگ اسان جي بلڊنگ کان اٽڪل ٽيهن چاليهن فوٽن جي دوريءَ تي هئي.ان بلڊنگ جي ڇهين ستين ۽ اٺين ماڙ جا منظر مان آسانيءَ سان ڏسي سگهندو هوس،جيڪي مون کان هيٺ هئا.انهن جون ڪجهه جهلڪيون ڏسڻ ۾ ايندڀون هيون.پر مٿين ماڙين جي ڪجهه به خبر ڪانه پوندي هئي.بلڊنگ چڱي خاصي وڏي هئي. انڪري گهڻين ئي درين جو ديدار ڪري سگهندو هوس.

ڏيري ڏيري مون کي درين جي اندر ٿيندڙ ڪارنامن کي ڏسڻ جي عادت پئجي وئي.جيئن پڪچر ڏسڻ جي عادت ٿيندي آهي.چانهه پيئڻ جي علت پوندي آهي.هر رات

نون ناٽڪن پسڻ جو مرض لڳي ويو.ڪنهن رات ڪو ناٽڪ ڏسڻ جو وجهه نه به ملندو هو پر مان پنهنجي دريءَ جي پر ۾ رکيل ڪُرسيءَ تي آرام سان ويهي انتظار ڪندو رهندو هوس.ڪڏهن ويني ويني اک لڳي به ويندي هئم ۽ اوچتو ئي اوچتو ڪجھ ڏسڻ جو موقعو ملي ويندو هوم.

هڪ رات سامهون واري بلڊنگ جي ستين ماڙ جي هڪ فلئٽ ۾ پارٽي هئي.انڊيري ٿيڻ ڪان جهٽ پوءِ انگريزي ميوزڪ وڄڻ شروع ٿي ويو ۽ جيئڻ جو تيئن ان جو واليوموڏندو ويو.جوانن ۽ جوانڙين جي پارٽي هئي.دور ڪان هنن جي ڳالهائڻ ،کلڻ ۽ ٽهڪن جو پڙلاءُ ڪنن تي پوڻ لڳوهو.اهو ڪنڊ وارو فلئٽ هو .جنهن جي ڪنڊ ۾ ، هڪ ٽيرس به هئي،جا منهنجي دريءَ جي بلڪل سامهون ته ڪانه هئي پر مان ان جو ڪجھ حصو ڏسي سگهيس ٿي.ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي هٿن ۾ گلاس ڪن گلاسن ۾ شراب هوندو،ڪن ۾ ڪولڊ ڊرنڪس يا ڪجھ ٻيو ،ان جو مان اندازو لڳائي ڪونه ٿي سگهيس.پر منهنجي ناسُن ۾ وسڪيءَ جي خوشبوءِ گهڙي وئي.گڏوگڏ سگريٽ جو ڌُونهون به جڻ ته ويڙهي ويو پر اها منهنجي صرف ڪلپنا ئي هئي.

ٿوري دير بعد انگريزي ڊانس به شروع ٿي وئي ،ڪي جوڙا ڊانس ڪري رهيا هئا ته ڪي وري لوهه جي بني ڪي جهلي هڪ ٻئي سان ڳالهيون ڪري رهيا هئا ۽ گلاسن مان ڪجھ پي رهيا هئا.رات جا ساڍا ٻارنهن اچي لڳا هئا.پر ڪاڏي جو نالو نشان ڪونه هو.اوچتو پر واري ڪمري جي بتي ٻري ۽ منهنجي سامهون هڪ ڇوڪري ۽ ڇوڪريءَ جو هڪ ٻئي جو ٻانهن ۾ جڪڙيل نظارو اچي ويو.ڇا ڪري رهيا هئا؟ان جي تفصيلن جي مون کي ڄاڻ ڪانهي.پر گهڻو ڪجھ ڪري رهيا هئا.اصل هڪ ٻئي کي چنبڙيا پيا هئا.ٿوري دير ڪانپوءِ بتي گُل ٿي وئي ۽ مان بُت بڻيو ويٺو رهيس.

هاڻي بالڪنيءَ ۾ ڪاڏو لڳي ويو هو.ڇمڇن ڪاٽن جي ڇن ڇن ۽ پليٽن جي ٽڪرائڻ جو جهيڻو آواز ڪنن تي پيو.جنهن وقت سڀ ڪاڏو کائڻ ۾ محو هئا.ان وقت وري اها ساڳي دري ٻرڻ لڳي.اهو ساڳيو ڇوڪرو سندس ٻيهڪ وارن ۽ ڪپڙن مان اهوئي پيئي لڳو ٻي ڇوڪريءَ سان اندرگهڙيو ۽ وري ساڳئي درشيه جو دهراءُ ٿيو.ڄڻ ته ساڳي سين replay ٿي رهي هئيءَ هيءَ ڇوڪري جينس ۾.پهرين جا وار ڊگها هئا ته ٻيءَ جا ڪٽ وار.مان اچرج وچان ڏسندو رهيس.اڌ ڪلاڪ اندر ڇوڪري مٽي ورتائين! پائي.هيءَ سڀ ڇا ٿي رهيو آهي منهنجي ناقص سمجھ کان ٻاهر!

ان بعد هڪ به رات دلچسپ ڪونه ٿيو.ساڳيا روزمره ج گهريلو منظر ۽ ٿي ويءَ

جا درشيہ.

هڪ رات ڪجھ دلچسپ تي گذريو.رات جا ٻہ لڳا هئا.مان ٿوري ننڊ ڪري اٿيو هوس.ٿائليٽ جو خيال ٿيو پوءِ اچي ڪرسيءَ تي ويٺس.ڏائي پاسي واري ڳڙڪيءَ مان چاليهن واٽس جهڙي بلب جي روشني اچي رهي هئي.مون ڏٺو تہ پلنگ تي ڪو مريض ليٽيو پيو هو.شايد ڪو ٻار هو.پاسي ۾ ڊرپ جو اسٽينڊ رکيل هو ۽ نليءَمان سلائين يا ٻي ڪا دوا ٻار جي جسم جي اندر وڃي رهي هوندي.يونيفارم پهريل هڪ نرس پنهنجيءَ ٽوپيءَ سميت ڪجھ وقت اتي ويٺي هئي.پوءِ اتان ٻئي ڪمري ۾ ويئي هلي ۽ اتي جو چونڪ روشن ٿي اٿيو.اُهو ڪچن هو.نرس گئس جي اسٽووَ وٽ ڪجھ ڪري رهي هئي.شايد پنهنجي لاءِ چانھ ناهي رهي هئي.پوءِ آرام ڪرسيءَ تي ويهي ڪوپ هٿن ۾ جهلي چانھ پيئڻ لڳي.ڪيترو وقت ڪرسيءَ تي ويٺي رهي.سامهون واري اسٽول تي پنهنجون ٽنگون ٽيڙي ويٺي رهي.شايد اُتي ننڊ بہ ڪجي ويس.هُتي ٻار اڪيلو پيو هو.مان بہ ويٺي ويٺي جهوٽا کائڻ لڳس اوچتو هڪ چيخ جو آواز ٿيو.مان ڇرڪ ڀري اٿيس.نرس پنهنجي ڪُرسي ڇڏي ڪمري ۾ پهچي وئي.ان ڪان اڳ ٻئي پاسي واري ڪمري ۾ بہ لائيٽ ٻرڻ لڳي هئي.ماحول ۾ چڱي گهٻراهٽ هئي.ٽينشن هو.گهر جو مالڪ نرس تي ٻگڙجي رهيو هو .مالڪياڻي ٻار جي مٿي تي هٿ رکي .هن جي مٿان جهُڪيل هئي نرس ٿرماميٽر سان ٻار جو ٽيمپريچر ڏسي رهي هئي.ڪمري ۾ چڱي ڳڙ ٻڙ متل هئي.ٻار جي نرڙ تي پٽيون رکيو پئي ويون.اڌ ڪلاڪ اندر هڪ ڪار بلڊنگ جي ٻاهران بيٺي.مپن ڪي لڳو تہ ڊاڪٽر اچي ويو هو.ڊاڪٽر ٻار کي سئي هڻئي هوندي.نئين دوا ڏني هوندي.ڏيڍ ڪلاڪ ڪمري ۾ ڪجھ ٿيندو رهيو ۽ پوءِ ڏسندي ڏسندي صبوح جي روشني ڦهلجي ويئي مان پنهنجي بستري تي وڃي سمهي پيس.

مون کي اڻ تڻ هئي ڄاڻڻ جي تہ ٻار کي رات جو ڇا ٿيوهو؟مان رات جو انتظار ڪرڻ لڳس.

رات آئي تہ مون هنن جي ڪمري اندر جهانڪيو.ڏٺم تہ نرس بدلجي چڪي هئي.ڪالھ واري ٿلهي ۽ دمٻڙي نرس بدران سنهي ڊگهي نرس ويٺي هئي.ٻاڻ ٻار جي ماءُ رکي رکي اچ وڃ ڪريرهي هئي.چند ڏينهن ڪانپوءِ مون ٻار کي هلندو چلندو ڏٺو.بالڪنيءَ تائين بہ آيو ۽ مان سمجهي ويس تہ ٻار بهتر ٿيڻ لڳو هو.

هڪ ٻي ڪهاڻيءَ نہ نہ ڪهاڻي نہ ناٽڪ لاءِ مون کي ٻن ڏينهن جو انتظار ڪرڻو پيو.ٻہ ڏينهن وچ ۾ اهڙو ڪجھ انوکو واقعو ڪونہ ٿيو.اهي ناٽڪ رات جو نوين ڪان

شروع ٿيوءِ ناٽڪ مئچ هو.منهنجي بلڪل سامهون واري بلڊنگ جو بئنڪ جو ڪمرو ۽ سمهڻ جو ڪمرو.ڊرائنگ روم جو وڏو دراوازو منهنجي سامهون کليل هو ۽ روشنيءَ ۾ مون کي گهڻو ڪجهه ۽ بلڪل چٽو نظر اچي رهيو هو.درين جي حالت ۾ رڳو ڪردارن جو مٿيون اڌ سرير نظر ايندو هو.دروازي مان ته ننهن کان چوٽيءَ تائين سڀ ڏسڻ آيو پئي.هڪ سُوٽيڊ بُوٽيڊ مرد عمر اٽڪل ٽيهه پنجٽيهه سال ۽ هڪ بيحد اسمارٽ عورت لڳ ڀڳ ان ئي عمر جي يا گهٽ هوندي.ان عورت بار جي پنيان ٻاٿليءَ جو بوچ کوليو ۽ ٻن گلاسن ۾ سوم رس اوتيو.اهو ڇا هو؟ وسڪي زم جن يا بيئر؟منهنجو اندازو لڳائڻ ممڪن نہ هو.ٻنهي گلاسن سان گلاس ٽڪرايا ۽ مون پنهنجي ڪلپنا ۾ ٻنهي کي cheer چوندو ٻڌوپوءِ تہ ناٽڪ شروع ٿي ويو.لپٽا لپٽي ۾ چما چمي.جڻ تہ مان ڪا انگريزي فلم ڏسي رهيو هوس.اٽڪل اڌ ڪلاڪ ائين ٿيندو رهيو.وچ ۾ وچ ۾ هو گلاسن مان ڍُڪ بہ ڀريندا پئي ويا.پوءِ عورت ڪِڇن مان ڪاڏو ڪٽي آئي ۽ ميز تي ڪاڏو بروسيو ويو.ٻنهي گڏجي ڪاڏو ڪاڌو.ان کان پوءِ ڊرائنگ روم جي بتي گل ٿي وئي ۽ بيڊ روم جي بتي ٻري وئي.ائڪٽ نمبر ٽُو شروع ٿيو.مرد پنهنجي ٽاءِ لاٿي ،شرٽ لاٿي مان سندن دريءَ مان رڳو بسٽ سائيز ڏسي سگهيس ٿي يعني سرير جو مٿيون اڌ عورت باٿ روم ۾ ويئي. جو جو باٿ روم جي بتي ٻري ۽ پنهنجا ڪپڙا مٽائي يا لاهي بيڊروم ۾ گهڙي.عين ان وقت بيڊ روم جي بتي بہ گُل ٿي چڪي هئي.هنن ڪمري ۾ ڪٿي جهيٽي ٽيبل ليمپ ٻاري رکي هئي.ان جي روشني ڪجهه اهڙي نموني پئجي رهي هئي جو دريءَ جي سنهڙن سفيد پردن تي مون کي شئڊو پلي نظر آيو.لڳي ٿو تہ بتي بند ڪرڻ کان اڳ هنن پردا ڇڪي ورتا هئا.جن اُلٽو هڪ اسڪرين جو ڪم ڪيو.هنن اهو اصل بہ ڪونہ سوچيو هوندو تہ پاڻ هنن جو ڪرم ڪاڻڊ ڇتوئي ڇٽو پردن تي ڇٽجي رهيو هو.ڇڻ تہ اجنتا ايلورا جو ڪلائمڪ تصويرون هيون.ڪڏهن مرد جو مٿو زال مٿان جهڪيل تہ ڪڏهن عورت جو مٿو مرد مٿان جهڪيل بس.ڪلابازيون ٿي رهيون هيون.گهڻو ڪجهه منهنجي ڪلپنا تي بہ ڇڏيل هو.ڪيترو وقت ايئن گذري ويو.شايد چاليهہ منٽ يا پنجيتاليهہ اهو کيل جاري هو.

اوچتو ڪمپائونڊ ۾ هڪ موٽر گهڙي موٽرون تہ ائين بہ آيون پئي.ويون پئي.حالانڪ رات جي ان وقت آمد و رفت گهٽ هئي.پر ان موٽر جو آواز عورت سڃاڻي ورتو.هارن بہ شايد وڳو اها عورت ٽپو ڏئي اٿي ڪڙي تي پردي کي هٽائي هيٺ نهاريائين.ڪمري جي بتي ٻري وئي.سٽنگ روم جي بتي بہ ٻري وئي.مرد تڪڙو تڪڙو خميس پائي رهيو هو.ڪوٽ پائي رهيو هو.عورت هن کي ٽاءِ ٻڌڻ بہ ڪانہ ڏني. هوءَ اهڙي

گهبرايل حالت ۾ هئي جو مرد جو بريف ڪيس هٿن ۾ ڏئي ٻاهر ڪڍي ڇڏيائينس.هاڻي هال ۾ بيڊ روم جون بتيون بند ٿي ويون.ٻن منٽن بعد هال جي لائيٽ ٻيهر ٻري ۽ اها ٻاري هڪ ٻئي مرد جيڪو ان گهر جو مالڪ هوندو ۽ ان عورت جو پتي(ائين منهنجي عقل مون کي ٻڌايو)ها ،هن جي موٽر جو آواز سجاڳي ئي پتني ۽ پنهنجي پريميءَ کي گهر مان ڌڪو ڏئي ڪڍيو هو ۽ پاڻ مِڪر ڪري پنهنجي پلنگ تي ڪمبل اوڙهي ڪوڙي ننڊ ۾ غلطان ٿي وئي هئي.

ايترو ڏسڻ منهنجي لاءِ ڪافي هو.مان دريءَ ڪان پري ٿي ويس.هيءُ ممبئي نگريءَ جي رات جي لائيف ڪهڙي عجيب غريب آهي؟يا ائين ته ڪونهي ته سيني شهرن ۾ سيني ججھن تي ائين ٿيندو رهندو آهي؟رشتا متجندا رهندا آهنپتني پنهنجي پتيءَ کي ڌوڪو ڏئي رهي آهي يا پتي پنهنجي پتنيءَ کي ؟اهو مرد ٻئي شهر مان آيو هو يا ساڳئي ئي شهر ۾ هو؟اهو ظاهر هو ته پتنيءَ جي اميدن جي برعڪس هو وقت ڪان اڳ گهر آيو هو.پتنيءَ کي هُن جي اچڻ جي اميد ئي ڪانه هئي.ان وقت رات جا ٻارنهن لڳا هئا.

ها ،ياد آيو وڏن شهرن ۾ مرد ۽ زالون ڪلبن ۾ پتي راند ڪندا آهن.زمي يا برج ،شراب نوشيءَ ٻه ٿيندي آهي.اها هڪ رواجي ڳالھ آهي شايد اهو پتي هر رات هڪ يا ٻين ٻڄي اچڻ جو عادي هوندو.ان رات هو جلدي گهر اچي ويو هو.ڇا عورت پنهنجي مڙس جي اکين ۾ ڌوڙ وجهي رهي هئي؟ائين ٻه ممڪن آهي ته اهو پتي پڻ ٻين عورتن سان لاڳاپا رکي وينو هجي ۽ پهريون مرد جيڪو ان عورت وٽ وينو هو.سو ٻه ڇا شادي شده هو؟گهڻيئي سوال من ۾ اٿي رهيا هئا.جن جا جواب مون وٽ ڪونه هئا.

ناٽڪن جي ڪردار ويچارن کي ڪهڙي ڄاڻ ته هڪ اڻڄاڻ اپاهج هڪ اُونداهي ڪنڊ ۾ ويهي هنن جا ڇڪچتا ڏسي رهيو هو.هنن جا اڇا ڪارا سڀ پڌرا ٿي رهيا هئا.پر منهنجي ڏسڻ سان هن تي ڪهڙو فرق پوڻو آهي؟ها ،منهنجي ڄاڻ ضرور وڌي رهي آهي.نوان انيو(تجربا) ملي رهيا آهن.ماڻهن جا اصلي ۽ نقلي چهرا ڏسي رهيو آهيان.اهو ته مون چند روشن درين دروازن مان ڪجھ نظارا ڏٺا.پر هن وقت رات جو ٻين لڳي هي جيڪي منهنجي چئني پاسي اونداهيون دريون آهن.انهن پنيان ڪهڙا کيل ٿي رهيا آهن؟ضرور ڪجھ ته ٿيندو هوندو.ايڪڙ ٻيڪڙ باٿ رومس جي جهيٽڻ بتين ڪانسواءِ چوطرف انڌيرو هو.مان اٿي پنهنجي هنڌ طرف وڌيس.

منهنجو پندرهن ڏينهن جو مدو هاڻي پورو ٿيڻ تي هو.هر شام بتيون ٻرڻ شروع ٿينديون هيون ۽ دريون اشارا ڪري مون کي نيون نيون ڪهاڻيون ٻڌائڻ لاءِ

آڪرشت(تيار ڪرڻ)ڪنديون هيون.مان واندڪائي ۽ اڪيلائي ۾ انهن ڪهاڻين ۾ ڪوهجي ويندو هوس.انهن ڪهاڻين ۾ ڪجهه جوڙي،ڪجهه ڪاٽي ،نيون ڪهاڻيون اڻڻ لڳندو هوس.

رات ته غضب جو ناٽڪ ٿيو ! رات جي اچا شروعات ٿي هئي.هڪ پريوار ۾ جهڳڙو ٿي پيو.ناٽڪ مئچ هو.سامهون واري بلڊنگ جي ڇهين منزل وارو فلئٽ ،ٽيليويزن جي پردي تي ڪا ديسي پڪچر هلي رهي هئي.اوچتو ئي اوچتو چئنل مٽجي ويو.اسٽار ٽي وي جو نيوز چئنل شروع ٿي ويو.پڪ ئي پڪ گهر جي مالڪ ائين ڪيو هوندو.رموٽ ڪنٽرول جو بٽڻ دٻايو هوندو چاڪاڻ ته هڪ جوان ڇوڪري جوش ۾ اٿي پيءُ جي هٿن مان رموٽ ڪنٽرول ڪسي ورتو ۽ پردي تي وري پڪچر اچي ويئي.

هاڻي مرد جوش ۾ اچي ويو.هو اٿي ڪڙو ٿيو.هن جي جسم جي حرڪتن مان مون کي ائين لڳو جڻ ڪن ڪاوڙ پريل گفتن جو ڪنن تي پڙلاءُ پيو.پردي تي وري نيوز آئٽم اچي ويو.ڇوڪرو به گهٽ ضدي ڪونه هو هن وري بٽڻ دٻايو ۽ پڪچر اچي وئي.هاڻي پيءُ اُلر ڪري پُٽ تي اچي ڪڙڪيو.جڻ ته ڏڪ تي هنيائينس.ان وقت ڪا مائي يعني پٽ جي ماءُ اچي ٻنهي جي وچ ۾ پئي.هوءَ ڪنهن جو پاسو ڪٽي رهي هئي.ان جو علم مون کي ناهي.گهر جا ٻيا ياتي به ان جهڳڙي ۾ شامل ٿي ويا.عين ان وقت سڀ پاڙي جون بتيون گل ٿي ويون.پاور بند ته ٽي وي به بند چئني طرف انڌيري جو راڄ ٿي ويو.

مون کان ڪل ڇُٽي نڪتي.هي پڙهيل ڳڙهيل وڏا ماڻهو ڪهڙين تڇ ڳالهين تي هڪ ٻئي سان وڙهي رهيا هئا.گهر جي اندر ئي اندر پر جي ڏسجي ويهي ته جهڳڙا تڇ ڳالهين تي ئي ٿيندا آهن.ٻاهران سڀ نيڪ ناڪ لڳندو آهي.

پندرهن ڏينهن ڏسندي ڏسندي نبري ويا اڄ مان تنگ تان پلسٽر ڪولائڻ وڃي رهيو آهيان ۽ جلدي پنهنجي گهر هليو ويندس.

فلئٽ ڇڏڻ مهل مون پنهنجي دريءَ وٽ بيهي چئني طرف نظر ڊوڙائي مون کي لڳو جڻ ته درين جي پٺيان گهر جي رهواسين سان منهنجي گهٽي وقت سڃاڻپ هئي.جڻ ته هنن سان منهنجو ڪو ناتو هو.هو مون کي ٻنهه ڪونه سڃاڻن پر مان هنن کي سڃاڻڻ لڳو آهيان.شايد ضرورت کان وڌيڪ .پر انهن ڳالهين کي اُتي ئي ڇڏڻ واجب آهي.مون کي ته پنهنجي زندگيءَ جي شروعات ڪرڻي آهي.

مون پنهنجي ناٽڪ گهرن جي ياترن کان موڪلايو۽ انهن درن ۽ درين کي هٿ جوڙي الوداع چئي.جن مون کي اٽڃاٽائيءَ ۾ پنهنجن ڳجهن رهسين(خوشين) ۾ جهانڪڻ جو توڙي انساني چهرن مٿان چڙهيل نقلي چهرن کي ڏيکارڻ جو وجهه ڏنو هو.

مون هلندي هلندي هنن کان معافي جڻ گهري چاڪاڻ ته مون بنا اجازت جي هنن جي شخصي جيون ۾ نهاريو هو.حالتون ڪجهه نراليون هيون.جن مون کي ائين ڪرڻ لاءِ مجبور ڪيو هو.

---- *** ---

## ننڊ چو نہ ٿي اچي

توڪي انجنيئر بڻجڻو آهي.توڪي پڙهڻو آهي.توڪي ڪمائڻو آهي...............وڏو ماڻهو بڻجڻو آهي.ماءُ کي سُک ڏيڻا آهن تنهنجا وڏا پائر پينر سڀ محنت ڪن پيا.توڪي بہ ڪوشش ڪرڻي پوندي.نہ تہ مون کي ڪوشش ڪانہ ڪرڻي آهي.چوڪريان ؟مون کي تہ راڳ پسند آهن.مون کي دليپ ڪمار جي پڪچر ڏسڻي آهي.هلي پيئي واهہ واهہ ”تُو اگر جيون پر مين گيت سناتا جائون مين بين بجاتا جائون“پر ٽڪيٽ جا پئسا ڪٿان ايندا؟بندوبست ڪري ونبو“ توڪي پڙهڻو آهي پڙهڻو آهي ها ها پڙهڻو آهي پڙهندس پائي پڙهندس منهنجو مٿو نہ ڪپايو.

مون کي ميران بيحد وڻندي آهي.هوءَ بہ مون کي پسند ڪري ٿي.مون ڏانهن نهاري مشڪي ٿو.اشارا ڪري ٿي.مان هن سان گڏجندس.

الا ڪهڙي قتل ننڊ آهي.چا پيو ڏسان ننڊ ۾ ؟ميران ڪاڏي گم ٿي ويئي؟ڪيڏا ڏينهن ٿيا آهن ڏني بہ ڪانهي چون ٿا تہ شادي ڪري ويئي! پر ايئن ڪيئن ڪيائين؟مون کي اشارا چو ڪيائين؟هوءَ مون کي دوکو ڏئي وئي! مون کي چڏي ويئي الا ريڊيو تي راڳ پيو اچي.“دوست دوست نہ رها پيار پيار نہ رها“مون کي روئڻ پيو اچي.زندگيءَ تي اعتبار نہ رهيو هاڻي چا ڪريان ؟ويئي هلي ويئي هلي.

توڪي انجنيئر بڻجڻو آهي.توڪي پڙهڻو آهي بيحد پڙهڻو آهي.زندگيءَ ۾ چڙهڻو آهي.ڪمائڻو آهي وڏو ماڻهو بڻجڻو ..ها پڙهندس پڙهندس.

بي ايس سي جي رزلٽ آئوٽ ٿي آهي.سيڪنڊ ڪلاس ۾ پاس ٿيو آهيان.مون کي تہ وڏيڪ مارڪون ملڻيون هيون سڀ بي ايمان آهن.هي پروفيسر پاسخاطري ٿا ڪن.مون

ڪان گهڻ هوشيار ڇوڪرا وڏيڪ مارڪون کڻي ويا.سڀ چور بدمعاش آهن.

ڪافي هائوس ۾ دوستن سان گپ شپ ..ڪيڏو مزو آهي واهه جو ڏونهون آهي.نڪ ۾ وات ۾ اکين اڳيان ڏونهون ڪافيءَ جي لذيذ سڳنڌ.واهه واهه وات مان ڏونهين جا ڇلا ڪڍڻ وٽن تا .نڪ مان به ڏونهون پيوگ نڪري.اسٽائيل اهوئي ڪپي مون ڪي سگريٽ وات ۾ بيئر جو گلاس سامهون ميز تي گجي متي پيئي اچي.اڙي هيٺ پيئي ڪري بيئر جو سڳنڌ ناسن ۾ گهڙي ويئي آهي.مون ڪي وڏو ماٿهو بڻجڻو آهي.مان ڪمائيندس ڪمائيندس.

هي گرم گرم منائيءَ جو ٿالهه موهن ٿال منائيءَ جون چڪيون هي ڪنهن ناهيون آهن؟چڪيون سڏيون چو نه آهن؟مان تو ناهي رکان اڙي وچ ۾ کهڙيون گهٽيون آهن سوڙهيون گهٽيون ويڪريون گهٽيون! هنن گهٽين مون ڪي منجهائي ڇڏيو آهي مون ڪي ڪٿي پهچڻو آهي؟

هيءَ ننڊ پوري چو نه ٿي اچي؟وچ وچ ۾ ڦِٽي ٿي پوي! هي کهڙا عجيب عجيب خيال آهن؟کهڙيون تصويرون پيون اچن اکين آڏو! مان منجهي پيو آهيان....مون ڪي ڪٿي پهچڻو آهي؟

موٽر جي بيهجي وڃڻ جا چيچڙاٽ ڪنهن زور سان بريڪ دٻائي آهي ....اوندهه هيءَ ڪنهن جو جسم موٽر جي اڳيان پيو آهي؟اڙي موٽر جون ٻتيون ٻاريو...اڙي هيءُ مان آهيان...اڙي مون ڪي چا ٿيو؟

اسپتال ۾ نرسون ،ڊاڪٽر ،سيون ،دوائون ،پاٽ اوندهه هي چلڪندڙ بلب ،هي چا ٿي رهيو آهي.مون ڪي چا ٿي رهيو آهي؟

توکي وڏو ماٿهو جو بڻجڻو آهي....وڏو آفيسر .آفيس مان خط ڪونه آيو آهي....ڪيڏا مهينا ٿي ويا آهن...خط آيو يا نه؟پگهار آئي يا نه؟ نوڪري آهي يا نه؟ ڪير مون ڪي ٻڌائي؟

مان چا ڪريان؟ اوندهه اوندهه مون ڪي ننڊ چو نه ٿي اچي؟....مون ڪي ننڊ جي گوري ڏيو! ننڊ،اچ اچ پليز.

گهري ننڊ ئي مون ڪي آرام پهچائي سگهندي.

◈

# نہ، بابا ،نہ !

”يار ،ڪامپيوٽر ڪمال جي چيز آهي! ڪيترين ڳالهيون هڪ وقت ڪري سگهجن ٿيون!!“

”نہ بابا، منهنجي وس جي ڳالهہ ناهي.مان تہ سياڻي ڪان وٺي ڪامپيوٽر ڪلاس تي ڪونہ هلندس“

”چو ،توڪي ڇا ٿيو آهي؟هيءُ تہ ڪامپيوٽر جو زمانو آهي.انٽر نيٽ جي جيتري ساراهہ ڪجي ٿوري آهي.e.mail ذريعي اسين اڪ ڇنپ ۾ دنيا جي ڪهڙي بہ ڪُنڊ ۾ پهچي سگهون ٿا.“

”نہ پائي ،مون کي ڊپ ٿو لڳي.“

”ڊپ ڇا جو.“

”هڪرو تہ ڪوئو گهڙي گهڙي پيو ترڪي وڃي“

”ڇا پيو چوين ؟ڪوئو؟“

اڙي مائوس پيو وري ڇا؟

دوست کلڻ ٿو لڳي“تون بہ حد ٿو ڪرين“

”پهريون تہ ترڪندو ئي ،جيسين تنهنجي قابوءَ ۾ اچي.مون سان بہ ائين ٿيندو هو.سيني سان ايئن ٿيندو آهي بس نہ!“

”نہ نہ مون کي پسند ناهي.الائي ڪهڙا حڪم پيا اچن.اندران اندران.“هي ڪر ،هي نہ ڪر ،دٻاءِ ،هڪ دفعو دٻاءِ بہ دفعا دٻاءِ ۽ مان هلان حڪم جي تعميل ڪندو.واهہ الائي سمجهي ڇا ٿو پاڻ کي“

”ڪير پائي ڪير!“

”ڪڏهن غلطي ٿي وڃي تہ مان پيو منجهان.پيو هبڪان هٿڪان ۽ شرمسار ٿيان“

”چوين چا پيو؟ڪنهن سان شرمسار ٿين“

”اڙي هو جيڪو اندر وينو آهي!“

”ڪير اندر وينو آهي“

”اڙي هو جيڪو حڪم پيو ڏئي اندران ئي اندران ان لکت ۾ ۽ مان پيو نهاريان هيڏانهن هوڏانهن ۽ هن کي ڳولهيان؟“

”مون کي تنهنجي ڳالهه سمجهه ۾ نٿي اچي.“

”سچي ڳالهه ٻڌايانءِ دوست ،شايد مون ۾ ئي ڪا ڪمي آهي.مان ڪامپيوٽر تي ويهان ته مون کي ڪنهن جي موجودگيءَ جو احساس ٿئي ٿو جڻ ته ڪو مون کي ڏسي رهيو آهي.پرکي رهيو آهي،جاچي رهيو آهي ۽ ڪري رهيو آهي ٽيڪا ٽپڻي! گهڙي چوي ته اِررڪئي آهي! اها ٻه ڪا ڳالهه ٿي! مون کي نٿو وڻي.“

”اڙي اها ته رڳو مشين آهي اليڪٽرانڪس مشين“

”پر مشين کي ڪيئن ٿي خبر پوي ۽ منهنجيون غلطيون پيو جهٽي!“

”توسان ته ڳالهائڻ ئي اجايو آهي.“

”هي ته ڪو خُدا آهي جو نظر نٿو اچي.پوءِ ٻه اسان ڪان ڪم پيو ڪرائي.“

”ڏاڍيون عجيب ڳالهيون پيو ڪرين!' ڪامپيوٽر يگ ۾ رهڻو اٿيئي ته ڪلاس ۾ ته وجهڻو ئي پوندءِ“

”نه بابا، نه “

تون ته پتر يگ ۾ رهڻ جي لائق آهين!“

”ائين ئي سهين“

◈

# وقت جي سئي .ائنٽي ڪلاڪ وائيز

## (رشتن جي حوالي سان)

چوڌاري بلبن جي تکي روشنيءَ منهنجين اکين کي چکا چوند ڪري ڇڏيو.ڊرائيور موٽر جو دروازو کولي بيٺو هو.مان سنيالي سنيالي هيٺ لٿس.وڻن ۾ رنگين بلب ،ساوا ،پيلا ،نيلا جهرمر ڪري رهيا هئا ۽ فضا کي جڳمڳائي رهيا هئا.ڄڻ ته مان ڪنهن پرستان ۾ پهتو هوس.ڪيڏي عرصي بعد مون ايڏي رونق ڏٺي هئي.

”بابا،هلڻ شروع ته ڪريو ،بيبهجي جو ويا آهيو؟“مون ديپڪ جو آواز ٻڌو .جو پنهنجن ڊيئن پنڪيءَ ۽ ڊاليءَ سان گڏ اڳتي وڌڻ جون تياريون ڪري رهيو هو.مان به هلڻ لڳس.مون کي لڳو ته منهنجا قدم لڙڪڙائي رهيا هئا.مون ڪوشش ڪئي ته ٻين کي ان ڳالهه جي لکا نه پوي.ثابت قدمن،پر ڍيان سان پُنيءَ کي سٽو ڪري هلڻ لڳس.

پر هنن جي رفتار سان پُڄڻ سولو ڪونه هو.

”بابا پاڻ سان لَڪڻ چو نه تا کڻو؟“هاڻي ديپڪ جي لهجي ۾ توري تکاڻ اچي ويئي هئي.

”نه نه مان نيڪ آهيان ،لڪڻ جي ڪهڙي ضرورت؟“

مون پنهنجي رفتار کي تورو تيز ڪيوپر …پاڻ کي سنيالٽو به ته هوم.“

لان تي ڪرسيون ۽ ميزون رکيون هيون .چوڪرا ۽ چوڪريون ،زالون ۽ مرد ،سهڻن لباسن ۾ بينا هئا،ڳالهائي رهيا هئا ۽ کلي رهيا هئا .....هوا ۾ توري ٺڏڪار توري نمي..سگريٽن جو دونهون،سينٽ جي خوشبوءِ.......

وردي ۾ پهريل دربان اندرين ريستارنٽ جو دروازو کوليو.مون نرم ڪارپيٽ تي پير رکيو.....روشني هڪدم ڌيمي ٿي ويئي هئي.ڪٿي اکين کي آزاريندڙ ٻاهريون تکيون بتيون ۽ ڪٿي هي دم لائيٽ وارو ماحول ننڍي پاور وارا بلب ،لائيٽ فتنگس ۾ ٻري رهيا هئا ۽ ميزن تي ميڻ بتين جون لاٽون روشن هيون ۽ هلڪو هلڪو نور ڦهليل هو.

هاڻي منهنجي هلڻ جي رفتار وڏيڪ ڍري ٿي ويئي هئي پر..پوءِ به مون ڪنهن کي پتو پوڻ نه ڏنو...مون کي ڏسڻ ۾ به تڪليف ٿي رهي هئي...پر هلڻو ته هو ئي ..نه ته وري.......!

ديپڪ اڄا نئون نئون هلڻ سکيو هو.هن جا پير لڙکڙائيندا هئا...بدن ۾ ايڏي سگهه نه هئس،قدم پُختا ڪونه هئس،هلندي هلندي ڪِري پوندو هو پوءِ به مون سان ۽ ماءُ سان ضد ڪندو هو ۽ پنڌ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو هو.مان يا ماءُ هن کي هنج ۾ کڻندا هئاسين ته زور ڏئي هيٺ لهڻ جي ڪوشش ڪندو هو.هنج ۾ ڦٿ ڦٿ ڪندو هو.اسين هن جي بي آراميءَ تي کلندا هئاسين.هن جي جُريت تي ناز ڪندا هئاسين.هڪڙو پيرو اهڙي ئي نموني اسين ٻاهر ڊنر ڪائڻ ويا هئاسين.ان وقت اهڙين پيڪيدار هوٽلن ۾ وڃڻ جو ته سوال ئي ڪونه هو.پنهنجي وت آهر نانڊيڙي ڪنهن ريسٽارنٽ ۾ ويا هئاسين.هو لڙکڙائيندي،لرزندڙ قدمن سان هلي رهيو هو.ٿاٻا کائي رهيو هو پوءِ به اسان جو هٿ پڪڙڻ کان انڪار ڪري رهيو هو.نه ئي هنج ۾ چڙهڻ لاءِ تيار هو.ٿوري خفگي ٿي رهي هئي پر ان کان وڌيڪ هُن تي پيار اچي رهيو هو.هن جي همت ۽ پاڻهي پنڌ ڪرڻ جي سندس ڪوشش تي اسين ٻلهار وڃي رهيا هئاسين.هڪٻئي کي اشارا ڪري رهيا هئاسين ۽ هن جي ڪاميابيءَ تي فخر ڪرڻ لڳا هئاسين.جڏهن ڪجهه قدم پاڻ ڪٽي سگهيو ته هن کي هنج م ڪٽي خوب پيار ڪيو هوسين...۽ اڄ؟

منهنجا پير لڙکڙائڻ لاءِ آماده آهن....پر مان ان حقيقت کي لڪائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهيان.....ڪٿي مون کي لَٺ هٿ ۾ نه ڏني وڃي...ڪٿي مون کي ٻين جي هٿ کي پڪڙڻو نه پوي.ڪٿي مون کي ٻين جي نظرن ۾ پنهنجي لاءِ رحم ڏسڻ ۾ نه اچي...ڪٿي ڪو کهرو اکر نه ٻڌڻو پوي،ڪٿي ڪو دل تي چوٽ نه ڪري، چاڪاڻ ته زخمن تي مرهم لڳڻ وارو ته ڪو هوئي ڪونه...جيسين پنهنجي طاقت تي هلي سگهان ٿو.هلندو ايندس..پوءِ ..پوءِ جي چنتا مان هينئر ڇو ڪريان؟

”بابا ،مينيو ڪارڊ ڏسي ٻڌايو ته توهين ڇا کائيندا؟“

مون پنهنجو چشمو کيسي مان ڪڍيو ۽ مينيو ڪارڊ اکيان ڪري ڏيان سان پڙهڻ لڳس:

”ڪوبه سوپ گهراءِ“

”ڪوبه معني ڪهڙو“

”مکسڊ ويجيٽيبل سوپ“

”۽ پيو؟“

”توهين جيڪي گهرائندا ان مان ڪٽي ڪجهه ڪائندس“

”بس، توهان جون اهڙيون ئي ڳالهيون آهن!“ ديپڪ شڪل ٺاهيندي چيو

ٿوري دير بعد سوپ ميز تي اچي ويو ۽ هاڻي اهو منهنجي سامهون هو.مون سوپ جوچمچو هٿ ۾ کنيو.پوءِ الائي ڇا ٿيو؟ شايد ڪٽورو پوري طرح رکيل ڪونه هو.مون نه ڪجهه ڪيو ئي ڪونه .ٿورو سوپ ميز تي هارجي پيو.گهڻو نه ٿورو ،سوپ جا ٿورا ڇنڊا ميز پوش تي به ڪريا ۽ ٿورا منهنجي ڪوٽ جي پانهن تي ڪريا.ويٽر ڊوڙندو آيو.

”بابا ! توهين سنڀاليو جو نه ٿا؟.....توهان کي ٿيو ڇا آهي؟“

نڊڙو ديپڪ ميز تي چڙهڻ جو ضد ڪري رهيو آهي...هوٽل جي ميز ...ڪاٽا چمچا هٿن ۾ اٿس.اسين هن کي روڪڻ جي ڪوششڪري رهيا آهيون...هو ٻڌي ئي نه ٿو...اوچتو پاڻيءَ جو سڄو ڀريل گلاس ميز تي هارجي پيو نه رڳو ميز تي پر اسان جي مهمان جي ڪپڙن تي پڻ.مِس روزي گهبرائجي اٿي کڙي ٿي ۽ پنهنجي سڙهي ڇنڊڻ لڳي،هوءَ اسان جي گيسٽ هئي.

ديپڪ گلو ڦاڙي روئڻ لڳو.

”نيور مائينڊ ماءِ بواءِ ڊيڊونٽ ڪراءِ“ اسان جي مهمان مروت وچان چئي رهي هئي.

مان روئندڙ ديپڪ کي هنج ۾ کڻي ٻاهر وٺي وڃان ٿو .هن جو روئڻ بند ئي نه ٿو ٿئي.هن کي ريجهائڻ لاءِ ڪئڊبري چاڪليٽ جو سلئب وٺي ٿو ڏيان.....روئڻ بند ٿي ٿو وڃي.

................

”بابا، توهين منهنجي لاءِ ڪئڊبري چاڪليٽ ڪونه وٺي آيا نه؟.......ماءِ فيورائيٽ چاڪليٽ“ پنڪي چئي رهي هئي.

”اڙي تنهنجي لاءِ چاڪليٽ وٺڻ ڪيئن وساريندس؟“ ديپڪ جي لهجي ۾ نرمي اچي ويئي هئي.نه رڳو تنهنجي لاءِ ،پر ڊاليءَ لاءِ به آندا اٿم“هن پابوهه وچان چيو،“هن ڪيسي

مان به وڏا چاڪليٽ ڪڍيا ۽ ٻنهي ڄڻين کي ڏنا.

”او ٿئنڪ يو پاپا ،ٿئنڪ يو لو پاپا!“

مان ميزپوش جي آلي ٽڪري کي پنهنجي رومال سان سُڪائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هوس.

◈

## معصوم ڪردار

مون اڄ پاڻ کي آجو ڪيو آهي.ذهني طرح سان نه به ڪٽي پر جسماني طرح سان مان سيني ڪان بلڪل الڳ ٿلڳ ويٺي آهيان.پنهنجن سڳن سنبڌن کان ،دوستن مترن کان ،نوڪرن چاڪرن کان ،پنهنجي گهر کان دور ٿي وئي آهيان.برابر ذهني طرح سان مڪمل طرح ڇٽل ناهيان ۽ نه ئي ٿي سگهنديس. پر پوءِ به ...الڳ ٿلڳ آهيان.ائين اڪثر مان ڪندي آهيان.مان ٽرين ۾ سفر ڪري رهي آهيان ۽ جڏهن مان ائين ڪندي آهيان ڪجهه ساڪارتمڪ(سڦلائتي تخليق) سرجڻ ٿيندو آهي.اڄ به ڪجهه پختو ڪجهه الڳ ڪرڻ جو ارادو اٿم.

ڇا لکان ؟ ڇا لکان؟ها اڄ ڪهاڻي لکنديس.اڄ مون کي هڪ ڪهاڻيءَ جي تلاش آهي.منهنجي چو طرف ڪهاڻيون ۽ ڪهاڻيون آهن.ڪهڙي ڪهاڻي ڪٿان؟ڪٿان ڪٿان؟ڪهڙو ڪردار ڪٿان؟هتي منهنجي چوڌاري مسافر وينا آهن.ڪي اخبار پڙهي رهيا آهن؟ڪي اڪيون پوري رلئڪس ڪري رهيا آهن.هنن جي اندر پنهنجون پنهنجون اڪيچار ڪهاڻيون آهن.ڪي آشائون ،ڪي نراشائون ،ڪي آڪانڪشائون ،ڪي سمسيائون ،ڪي پريشانيون ،رشتن ناتن جا مونجهارا ،ننڍيون خوشيون ننڍا غم ،سڀ ڪجهه من اندر دٻائي جيون جو سفر طئي ڪري رهيا آهن.

مان پنهنجي ڪهاڻي ڪٿان ڪٿان؟ڪنهن جي ڪٿان؟ڪنهن جي اندر جهاتي پايان؟

اوچتو هڪ ننڍو بار عمر اٽڪل پنج سال ڪاريڊور مان پنهنجي رانديڪي واري پوليس ڪار پئسيج جي فرش تان ”زون زون“جي آواز سان هلائيندو ڊوڙندو آيو.هن جي

موٽر منهنجي ساڙهيءَ جي بارڊر ۾ اٽڪي بيهجي ويئي ۽ ابتي ٿي ويئي.

”اڙي آنٽي توهان منهنجي موٽر جو ايڪسيڊنٽ ڪرائي ڇڏيو ڪار ڊار ٿي ويئي“

”ساري سَن! موٽر خراب ڪونہ ٿي!“

”ها آنٽي ٿوري خراب ٿي مان رپيئر ڪرائيندس“هن ناٽڪ ڪندي چيو

هو وري زون زون ڪندو موٽر هلائيندو نڪري ويو.

هو وري موٽي آيو ۽ اڳين سيٽ تي ويهي رهيو.وري اٿيو ۽ منهنجي پرسان اچي بيٺو.

”تنهنجو نالو ڇا آهي؟“مون ڪائنس سوال پڇيو

”پنڪج“

”توسان گڏ ٻيو ڪير آهي؟“

”منهنجي ديدي“

هن اڳينءَ سيٽ تي وينل ڇوڪريءَ ڏانهن اشارو ڪيو.

اها ”ديدي“ڏسڻ ۾ هڪ ”آيا“پئي لڳي

”پنڪج آنٽي ڪو تنگ نمت ڪرنا“ديديءَ چيو

”اوڪي ديدي! ديدي ميرا فوٽو آلبم دينا پليز!“

ديديءَ هن کي هڪ ننڍڙو آلبم ڏنو.

”آنٽي هي ڏسو! منهنجي ممي ڊيڊي جي شاديءَ جو فوٽو ممي ڪيڏي سئيٽ آهي نہ“

مون آلبم کوليو.پهريون فوٽو هڪ شادي ڪيل جوڙي جو شاديءَ وقت نڪتل فوٽو هو.ڪنوار ڳاڙهي ساڙهيءَ ۾ ۽ گهوٽ شيرواني ڪرتي ۾ هو.هيٺ پٽ تي پنڪج پاڻ وينو هو.

”ها تمام سندر“ مون چيو

”هي ڏسو آنٽي هي ممي هي ڊيڊي ۽ هي مان! آهي نہ سنو فوٽو“

”ها ها ويري گڊ هي فوٽو ڪڏهن جو آهي؟“

”شادي ڪالهه ٿي.آنٽي مون کي اسڪول وجهڻو آهي ته ان ڪري مان ديديءَ سان واپس گهر وڃي رهيو آهيان“

”ءِ ممي ديدي“

”هو ايندا نه؟ سياڻي مون سان ديدي آهي نه“

”آءِ سي“ هاڻي مان ٻار کان ڇا پڇان؟ته هو پنهنجي ممي ديدي جي شاديءَ ۾ ڪيئن شريڪ ٿيو؟هو ڪيڏو خوش آهي! ڪيڏو معصوم آهي“

”پنڪج چپ چاپ آگي آڪر بيٺو“آيا پنڪج ڪيچڙبيندي چيو

...ءِ هو اڳيان وڃي وينو.ٿوريءَ دير بعد وري اٿي بيٺو

”ديدي باٿ روم“

هو ديدي جو هٿ جهلي ٽائليٽ طرف وڌيو.

منهنجي هٿ ۾ البم هو منهنجي پاسي واري ليڊيءَ مون کي چيو

”مان هي آلبم ڏسي سگهان ٿي!“

”ها ها ڇو نه“

هن فوٽي جاچيندي چيو“اڙي هيءَ ته مسز ياٽيا آهي“

”مسز ياٽيا؟“

”ها هيءُ ڪئپٽن ياٽيا آهي؟“

”نه نه هي ڪئپٽن ياٽيا ڪونهي“

”توهان کي پڪ آهي ته توهين هن کي سڃاڻو؟“ مون فوٽي واري عورت ڏانهن اشارو ڪندي چيو

”او سو سيڪڙو پڪ! هو ديولائي ڪيمپ ۾ اسان جي پرسان رهندا هئا منهنجو پتي به آرمي آفيسر آهي.

”اها ڪڏهن جي ڳالهه آهي“

”اٽڪل ڇهه سال اڳ ها ان وقت مسز پاٽيا پرگننٽ هئي.مون کي چڱي طرح سان ياد آهي.“

مون پنڪج ۾ آيا کي ايندو ڏٺو ۽ ڏيري چيو”بهتر ٿيندو ته ان باري ۾ وڌيڪ نه ڳالهايون“

”ها ها مان سمجهي سگهان ٿي.“

پنڪج پنهنجي سيٽ تي وينو.وري اٿي بينو“آنٽي آلبم واپس ڏيو منهنجي ممي ڊئڊي جي شاديءَ جو آلبم“

مون هن ڏي آلبم وڌايو

”آنٽي سهڻا فوٽا آهن نه ممي ڊئڊيءَ جا“

”ها بيحد سهڻا“

مون ان ٻار جي مٿي تي هٿ ڦيريندي چيو

مون کي الائي ڇو دل تي رهي هئي ته ان معصوم ٻار کي گهڻو گهڻو پيار ڪريان!

◈

## ويچارو ٻار

”اها سني ڳالهه آهي ته پنڪج تو کي اصلي ڊئڊي ڪري قبوليو آهي توکي ڊئڊي ڪري ڪوني تو ۾ پيار نه ڪري تو“

”مان نه ته هن کي اوترو ئي پيار ڪريان ٿو“

”گهٽ ۾ گهٽ اهڙو ڪجهه ڏيکاري نه ٿو ڏئي.“

”پنجن سالن جي عمر ۾ ادائي سال اڳ واري يادگيري ڀلا ڪيئن رهندي.“ اوچتو پنڪج ڪمري ۾ ڊوڙندو آيو.

” مما مما ڏس ! ستيش جو پاءُ مون کي بال نہ ٿو ڏئي.چئينس نہ تہ مون کي ڏي“

”ہ چوکرا راند کندا کمري مان ٻاهر نکري ويا.مما کي کجهہ چوڻ جي ضرورت ئي کانہ پيئي“

”هيءُ ستيش جو پاءُ،ستيش جو پاءُ چو پيو کري؟آخر هن چوکري جو نالو چا آهي؟تنهن ڏينهن بہ چيائين تہ ستيش جو پاءُ“

”پشپا“پنهنجي نوکرياڻيءَ کي سڏ کندي ”پشپا پنهنجن ٻن پٽن جا نالا تہ ٻڌاءُ هکڙو تہ آهي ستيش ۽ ٻئي جو نالو چا آهي؟“

”مئڊم ٻئي جو نالو رميش“

”چا ؟رميش ......چڱو تون پلي وڃ“

مما ٿبيءَ ۾ پئجي وئي.

”تنهنجي معني هن جي اچيتن من ۾ اصلي پتا آهي.هن جو نالو

ہ......۽ اهو اسان جي اڳيان ڳهڻ نٿو چاهي“

”ان جو مطلب چا؟“ڊئڊي سوچڻ لڳو هو

”ان جو مطلب چا؟.....تنهن جي معني تہ.....!“

”تنهن جي معني تہ شايد هو اسان جي اڳيان خوش رهڻ جو ناٽک کري رهيو آهي.....“

”ناٽک ۽ پنجن ورهين جو ٻار“

”اهو هو لاشعوري طور کري رهيو آهي لڳي ٿو تہ هن جي من ۾ مونجهارا آهن.“

”او ماءِ پوئر بواءُ! Oh my poor boy ويچارو ٻار“

# ڪاڪٽيل پارٽي

”هيلو منهنجو نالو ڪپل ورما آهي“

” هاءِ آءِ ايم روهت سپي! توهان سان گڏجي خوشي ٿي.“

”مون لي بہ ٿي...رميش سپيءَ سان ڪو ڪنيڪشن؟“

”او نو! الائي جو پهريون سوال اڪثر مون کين اهوئي پڇيو ويندو آهي؟“

”اهڙو ئي شايد دنيا جو نيم آهي.مون کان بہ پڇيو ويندو آهي تہ مان ديون ورما جو مٽ تہ ڪونہ آهيان.“

ٻئي زور زور سان کلڻ لڳن ٿا.

.توهين جاچيندا تہ فلمي هستيون ماڻهن جي دلين ۽ دماغن تي ڇانيل هونديون آهن.“

”رڳو فلمي هستيون ڇو؟تئگور ۽ گانڌيءَ جهڙن نالن سان بہ تہ رشتا جوڙيا ويندا آهن...اها سٺي ڳالهہ آهي.“

”۽ سپاويڪ پڻ ....توهان ٻڌايو پنهنجي باري ۾.“

”مون ڪي پنهنج پرائيويٽ فرم آهي.منهنجو بزنيس آهي امپورٽ ايڪسپورٽ جو.“

”آءِ سي،مان هندستان لورس ۾ آفيسر آهيان.حقيقت ۾ تعارف ڪرائڻ تہ اسان جي ميزبان جو فرض آهي مگر اسين پاڻ هي هڪ ٻئي سان پنهنجي پنهنجي واقفيت ڪرائي رهيا آهيون.پاڻ تہ پائي گپ شپ ۾ غلطان آهي.“

”اسان جو هوست مسٽر پڳت ڪمال جو ماڻهو آهي.سچ پچ پڳت ماڻهو آهي.“

”پڳت ماءِ نوٽ..................ڏسو هڪهت ۾ گلاس اتس ۽ بغل ۾ ڇوڪري ..........ها ها ها ..پر توهان جو گلاس ڪٿي آهي.“

”مان شراب ڪونہ پيئندو آهيان.مسٽر ورما آءِ ائم ٽيٽوٽالر Teetotaler “

”ڊونٽ ٽيل مي ! اڄ جي زماني ۾ اهڙين پارٽين تي ........ريئل پڳت“اڇي تو

ٿهڪن ۾ ڇٽڪي.

”نہ نہ اهڙي ڪا ڳالهہ ڪانهي .منهنجي پڳت تيڻ جو تہ سوال ئي نٿو اُٿي.“روهت ٿورو شرمائي رهيو هو ۽ ٿورو مسڪرائي.

”اڙي،توهين تہ ڇوڪرين وانگر بلش(Blush) ڪرڻ لڳا آهيو.مان تہ صرف مذاق ڪري رهيو هوس.مون کي حقيقت ۾ ڏيو افسوس ٿيندو آهي جڏهن مان خُدا جي بخشايل هن نعمت کي ڪنهن کي نڪرائيندو ڏسندو آهيان ...او هو ،......آب حيات.......سوم رس..!“ڪپل پنهنجو گلاس مٿي ڪري پيار جي نظرن سان ڏسڻ لڳو.پوءِ پاڻ کي سنڀاليندي ائين نہ“ سمجهجو تہ مان اوهان کي بگاڙي رهيو آهيان.“

”نہ نہ مان توهان جو مذاق سمجهي رهيو آهيان .توهين ڪافي دلچسپ شخصيت جا مالڪ آهيو“

”توهين بہ تہ گهٽ ڪونہ آهيو.ٽال ،هئنڊسم ،ويل ڊريسڊ ائينڊ آ پر توهان جون عادتون توهان جي شخصيت سان ٽال ميل نہ ٿيون رکن.“

”يعني“

”اها...هٿ ۾ گلاس نہ هئڻ جي ڳالهہ“وريڪلڻ تو لڳي“هڪ شاعر آهي جنهن جو نالو آهي خاموش غازيپوري ڇوي ٿو:

مئخـاني ۾ آئي زاهـد

ان ڪو پي انسان بنادو

اهو غزل جگجيت سنگهہ جو ڳايل آهي.

”زاهد لفظ جو مطلب تہ سمجهايو“

”زاهد معني جيڪو شراب کان پرهيز ڪندو هجي.ساڌو يا پڳت جيئن توهين آهيو“

”ان ڪو پي انسان بندو ...توهان جو مطلب آهي تہ جيڪي شراب نہ پيئندا آهن اهي انسان ڪونہ آهن.“

”نہ نهن پائي مان ائين ٿوريئي ٿو چوان؟اهو تہ شاعر ٿو فرمائي.هو وڌيڪچوي ٿو:

دير و حرم مين بسني والو

مئخارون مين قوت نہ ڈالو

واهہ واهہ ڇا تہ شاعري آهي!" ڪپل پنهنجي ئي ڌُن ۾ چوندو پئي ويو.

"پر ان جي معني ڇا آهي؟"

"ان جي معني اها آهي تہ توهين ڀلي شرافت جي مڪان ۾ رهو پر يارو اسان جي محفل ۾ اچو تہ اسان جو مزو نہ خراب ڪريو.اسان شراب نوشي ڪندڙن ۾ تہ نہ قوت وجهو.جهڳڙا نہ ڪرايو.پاڻ اچو تہ اسين توهان کي سڏاريون"هو ٺهڪ ڏيڻ تو لڳي.

"پر ڀائي صاحب مون تہ توهان کي ڪجهہ چيو ئي ڪونہ نہ ليڪچربازي ڪئي. نہ روڪيو نہ ٽوڪيو" روهت پاڻ کي بچائي رهيو هو.

"توهان برابر ڪجهہ چيو ڪونهي پر توهان کي انسان بڻجڻ جو ڪو ارادو بہ تہ ڪونهي." هنڪيس گلاس آڇيندي چيو.

"اها انسانيت اوهان کي ئي مبارڪ هجي"

"اڙي يار ناراض نہ ٿيو.هٿ ۾ گلاس تہ ڪٿو پوءِ ڀلي تہ ان ۾ ڪجهہ بہ هجي."

روهت هڪ ويٽر کي اشارو ڏئي تو ۽ ڪولڊ ڊرنڪ جو گلاس کڻي تو وٺي.

"هاڻي تہ خوش"

"ها ففٽي پرسينٽ خوش"

"هڪڙي ڳالهہ مون کي سمجهہ ۾ ڪانہ ايندي آهي."

"ڪهڙي ڳالهہ"

"پيئڻ وارن کي ٻين کي پيئارڻ ۾لطف ڇو ايندو آهي؟"

"گڊ ڪسچن"

"جواب ڏيو"

"ٻہ ڇڙا نشي ۾ سٺا لڳندا آهن هڪ ٻئي کي سهارو ڏيندا آهن"

”مان سمجهان ٿو ته هڪ ڇٽي جو نشي ۾ هجڻ ڪافي آهي گهٽ ۾ گهٽ ٻيو ته هوش ۾ هوندو“

”ڏاڍو سنو جواب آهي پر ويري لاجيڪل توهان جهڙن سياڻن ماڻهن وٽان اهڙي ئي جواب جي اميد آهي.“

”ڇا توهين وري منهنجي مذاق اڏائي رهيا آهيو؟“

”نه نه مان ته توهان کي ڪامپليمينٽ ڏئي رهيو آهيان“

”ٿئنڪ يو“

”ڇڱو هني ٻڌايو توهان ج بيٽر هاف ڪٿي آهي؟منهنجو مطلب توهان جي ڌرم پتني سان آهي؟“

”مان بيچلر آهيان“

”او ڳاڍ واءِ واءِ شراب به ڪونه پيئو مٿان وري شادي به ڪانه ڪئي اٿو“

”ان ۾ تعجب جي ڪهڙيڳالهه آهي؟اهڙا مون جهڙا ماڻهو توهان کي گهڻا ئي ملندا.“

”سچي ڳالهه ٻڌايانوَ مون کي توهان تي رشڪ ٿيڻ لڳو آهي.“

”ائين ڇو چئي رهيا آهيو؟“

”توهين بلڪل آزاد آهيو ۽ اسان کي ڏسو زنجيرن ۾ جڪڙيل.“

هاڻي روهت کل روڪي نه ٿو سگهي“جناب سنياليو ڪٿي اوهان جي پتني نه ٻڌي وٺي.“

”پتني هتي موجود ناهي تڏهن ته کلي طرح سان ڳالهائي رهيو آهيان.هوءَ هتي هجي ها ته منهنجي ڇا مجال جو اهڙي آزادي سان پي سگهان ۽ جي سگهان ۽ کلي ڳالهائي سگهان.“

”مون کي پڪ آهي تهتوهين وڏاءُ ڪري رهيا آهيو“

”اڙي توهين شادي شده ڪونه آهيو ان ڪري توهان کي پتو ئي ڪونهي تهويچارن پتين جو پتو ئي ڪتيل آهي.هو سڀ شاديءَ جي پهرين رات ڪانوني ”جورو جا غلام“ ٿي ويندا آهن.“

”توهين واقعي ڏاڍا خوش مزاج آهيو“

”اڙي مان مذاق ڪونہ ڪري رهيو آهيان.مان گنڀير آهيان.هن پارٽيءَ ۾ ايل ڪنهن بہ شادي شده مرد کان پڇي ڏسو منهنجي ڳالهہ جي تصديق اوهان کي ملي ويندي.

هو روهت جو هٿ پڪڙي اڳيان وڌي ٿو.

هڪڙو شخص هن سان ڳالهائڻ شروع ڪريٿو ۽ روهت وري پنهنجي پرواري هڪ ٻئي شخص سان ڳالهائڻ ۾ محو ٿي وڃي ٿو.پارٽي چڱي متل هئي ۽ جام ماڻهو هڪ ٻئي سان ڳالهائي رهيا هئا.

”مسٽر ڪپل ورما،ڪيتري عرصي بعد ملاقات ٿي آهي. سڀ خيريت آهي نہ؟“

”ها بلڪل سڀ نيڪ آهي توهين ٻڌايو مسٽر بئنر جي؟“

”مسز ڪپل ڏسڻ ۾ نہ ٿي اچي؟“

”هوءَ USA ويئي آهي تڏهن تہ مان انجاءِ ڪري رهيو آهيان“

تيسيتائين روهت اڳيان وڌي ويو هو.

ان وقت هڪ ٻئي شخص اچي مسٽر بئنر جي سان ڳالهائڻ شروع ڪيو.

”توهان ۾ هڪ ڪم اٿم“

”ها ها چئو مسٽر ڊيسائي ڪپل ورما جي پارٽيءَ ۾ اسان خوب انجاءِ ڪيو.هرشيءِ ٽاپ ڪوالٽيءَ جي هئي.اهو ٻڌايو تہ امپورٽڊ وسڪي اوهين ڪٿان خريد ڪندا آهيو؟“

”توهان جو مطلب بلئڪ ليبل وسڪيءَ سان آهي.“

”ها ها اها يا ان کان بہ بهتر“

”هڪ شخص آهي جنهن کان مان ولايتي سمگلڊ شيون خريد ڪندو آهيان.هڪ مزي جي ڳالهہ ٻڌايانو اهو ساڳيو شخص چوڪريون بہ سپلاءِ ڪندو آهي“

وات تي آڱر رکي“هُش هُش ذرا ڌيري سان ڳالهايو.منهنجي وائيف هتي ئي ڪٿي آهياها ٻڌي نہ وني“


www.sindhsalamat.com

ڪلندي پٺڪي ”پائي اسين سڀ ساڳئي ٻيڙي ۾ سفر ڪري رهيا آهيون سيني جي ساڳي حالت آهي“

”مهرباني ڪري ان ماڻهو جو فون نمبر ڏيئي ڇڏيو“

ها ها چو نہ ....پر تورو ترسو..اهو شخص هن پارٽيءَ ۾ ئي موجود آهي.“

”سچ هو ڪٿي آهي؟ائين تہ منهنجو ڪم سولو ٿي پوندو“

”هو ڏسو پريان گري سوٽ ۾ ٿال ۽ هئنڊسم ينگ مئن ! اهو ئي شخص آهي جيڪو women & wine سپلاءِ ڪندو آهي پر اها ڳالهہ ڳجهي رکڻي آهي بلڪل بند دائري ۾ صرف اسان جي وچ ۾“

ڪپلڏانهن نهاريندي ”مسٽر ڪپل توهين بہ ذرا احتياط کان ڪم ونجو؟“

”توهين ڪا چنتا نہ ڪريو“

ڪپل ڊيسائي جي آڱر جي نشانيءَ جي پٺيان نظر ڊوڙائي تو ۽ هن ڪان چرڪ نڪري تو وجي چو تہ هو روهت سپيءَ ڏانهن اشارو ڪري رهيو هو.

”توهان جو اشارو روهت سپيءَ ڏانهن آهي نہ جيڪو توري دير اڳ مون سان ڳالهائي رهيو هو“هو ڊيسائي کان پڇيو

”ها ها اهوئي مسٽر سپي آهي“

”پر سپي تہ امپورٽ ۽ ايڪسپورٽ جوڌنڌو ڪندو آهي مون کي اجا هاڻي ٻڌايائين“

ڊيسائي ٺهڪ ڏيڻ لڳو“اڙي يار امپورٽ ايڪسپورٽ اهو ئي ٿيو تہ هتي جو مال هتي ۽ هُتي جو مال هِتي“

”او نو! شراب ۽ ڇوڪريون ....۽ هيءُ پيگت ....روهت سپي“

◈

# مان آهيان نہ !

ممي ممي تون ڇو وينئين روئين؟ پليز روءُ نہ!“

”ڪيئن ڇا پيو چوين؟ مان ڪٿي ويني روئان؟“ممي ٻئي پاسي مُنهن ڦيريندي چيو.

”مون کي خبر آهي تہ تون مون کان لڪائي لڪائي روئندين آهين“

”اڙي ڇو لڪائيندي؟ مميءَ ڪلندي چيو

”ان ڪري تہ مون کي ڏک ٿيندو.“

”نہ نہ ائين ڪونهي“

”ڏس ڏس تنهنجون اکيون اجا بہ آليون آهن.“مميءَ جي اکين تي هٿ ڦيريندي“ڏس ڏس ! منهنجي آڱر مميءَ کي ڏيکاريندي.

”ڇڏ مون کي تنگ نہ ڪر منهنجي آڱر بہ آلي آهي مان ڇو روئنديس؟“

”ممي مون کي خبر آهي تون ڏئڊيءَ کي ياد ڪري روئندي آهين.مون کي نہ تي ٻڌائين ڇو تہ مان ننڍڙو آهيان.مان ننڍڙو؟“ پنهنجي پيرن تي بيهي تو.“ڏس ڏس ڪيڏو تال آهيان،ڏس ڏس ! منهنجا مسلس!“ پنهنجون ٻئي ٻانهون ٻيٽيون ڪري تو ۽ انهن کي سيٽي تو ۽ مُشڪون تاني تو.“ڏس ڏس منهنجا مسلس ڪيڏا مظبوط آهن.مان ڪيڏو قداوار آهيان.تنهنجي سنڀال مان ڪندس.تون اصل بہ اونو نہ ڪر“

”اڙي ڇا پيو چوين ؟!اجائي بڪ بڪ لڳائي اٿئي.مون کي ڪو اونو ڪونهي.جلد تيار ٿي وڃ.اسڪول ۾ دير پئي ٿيئي!“

”ممي توکي مون کي پنهنجي سئد اسٽوري ٻڌائڻي پوندي.ڏئڊي ڪٿي آهي؟هتي ڇو نہ آهي؟سيني جا ڏئڊي هتي آهن منهنجو ڇو نہ آهي؟“

”هل هل مون کي بہ ڪم ڪرڻ ڏي اڙي اسڪول جي بس اچي ويئي آهي.جلدي هيٺ لهہ چڱو مان ئي تو سان تي گڏ لهان.“

”پوءِ ٻڌائيندين؟“

”ها ها“

رات جو سمهڻ مهل ”ممي تو چيو هو تون ٻڌائيندينءَ ڪٿي آهي منهنجو ڊئڊي؟هو ڪڏهن ايندو؟“

”تنهنجو ڊئڊي ولايت ۾ آهي هن کي اچڻ ۾ اجا وقت آهي.“

”ڪيترو وقت“

”جام وقت“

”ممي مان تنهنجي سنيپال ڪندس.پرامس! مان تنهنجو ڊئڊي ٿيندس نه نه (ڪلندي) ڊئڊي نه تنهنجو هسبنڊ ٿيندس(ڪلندي) نه نه هسبنڊ نه (پنهنجي مٿي تي ڌڪ هڻندي)هسبنڊ ڪيئن ٿيندس؟(کلڻ لڳي ٿو) مان تنهنجو وڏو ڀاءُ ....نه نه وڏو ڀاءُ ڪيئن...(وري پاڻ کي ڌڪ هڻي ٿو) چا پيو چوان مان؟مان تنهنجو فرينڊ ٿيندس....فرينڊ ٺيڪ آهي نه؟مان تنهنجي سنڀال ڪندس ...ڊونٽ ڪراءِ ممي ڊونٽ ڪراءِ .... مان آهيان نه.“

◈

## ٻه مونو لاڳ

مونو لاڳ..1

<u>ٻبلُو</u>

”مما تون اهڙي چپ چپ ڇو رهندي آهين؟تون کلي ڇونه ٿي!“

”ڇا پيئي چئين؟تون خوش آهين؟ڪوڙ بلڪل ڪوڙ تون روئندي آهين مون کي خبر آهيمون ڪان لڪائي لڪائي روئندين آهين“

”اڙي پنهنجو چهرو هن پاسي ته ڪر...مما مما توکي کهڙو ڏک آهي مون کي ٻڌاء نه! مان توکي کلائيندس! کِل کِل ڏس مان ٻه پيو کلان! نه تو وٺي مون کي تنهنجو اهڙو

سئڊ سئڊ چهرو!“

.سچي ڳالهه ٻڌاءِ مما تون ڊئڊي کي ياد پئي ڪرين نه؟ڪٿي آهي منهنجو ڊئڊي ڪڏهن ايندو؟سڀ ٻار ته پنهنجن ڊئڊين سان رهيا پيا آهن! مون کي ڊئڊي ڇو نه آهي؟

”مما مون کي پنهنجي ڊئڊي کپي.ڪير مون سان گڏ ڦٽاڪا ٻاريندو؟نه نه رڳو تون ڪيئن ٻاريندينءَ؟ وڏا وڏا بلب پئراشوٽس؟نه نه توکي ٻارڻ ڪونه ايندا رڳو تون ۽ مان ڏياري ڪيئن ملهائينداسين؟مون کي ڊئڊي کپي“

”نه نه فرينڊس ڇا ڪندس؟مون کي فرينڊس نه کپن مون کي ڊئڊي کپي!کپي!“

مونو لاگ..2

ببلي

”مما بابا ولايت مان ڪڏهن ايندو؟مون کي ڏاڍو تو ياد اچي؟“

”ڪيترن ڏينهن کان فون به ڪونه ڪيو اٿس“

”مما بابا مون کي پيار ڪندو آهي نه“

”ها ڪندو آهي مون کي خبر آهي“

”توکي ڇو نه ٿو فون ڪري تون ئي ڪرينس نه ڇو نه ٿي فون ڪرينس؟ٻڌاءِ نه مما“

”او آءِ مس ماءِ بابا پليز مون کي آٽي ڏي آني ڏي نه“

”مما ڇا ڇيو تو؟بابا جو پارسل آيو آهي!منهنجي برٿ ڊي لاءِ گفٽ موڪليو اٿس.مان پارسل کي ڇا ڪريان؟مون کي برٿ ڊي لاءِ منهنجو بابا کپي.ڇا ڇيو تو؟مون کي فون ڪندو؟نه نه فون مان ڇا ٿيندو؟پليز مما چئينس ته منهنجي برٿ ڊي تي مون وٽ اچي.چئينس نه مما پليز او هو آءِ وانٽ ماءِ پا پا“

◈

# ڪمائيندڙ زال

”رتنا اڄ تون ڏاڍي منجهيل سُنجهيل پئي لڳين!“ نرملا پنهنجي ساهيڙيءَ کي چيو

”منجهنديس نہ تہ ٻيو ڇا ڪنديس؟“

”ڇو پيڻ ڇا ٿيو؟“

”پهرين تون هن ڪرسيءَ تي ويهہ تہ ٻڌايان توکي“

نرملا ڪرسيءَ تي ويهي رهي.“هاڻي ٻڌاءِ!“

”هي ڇوڪريون ڇتيءَ ذات جون الائي ڇا پيون ڪن؟“

”ڀائي،هيل تائين ڇوڪرا ڇتيءَ ذات جا مڃيا ويندا هئا.تون تہ نئين ڳالھ پيئي ڪرين!“

”هاڻي ڇوڪريون بہ ڇڪرن ڪان گهٽ ناهن“

”سڌي ڳالھ ٻڌاءِ نہ نيٺ بہ ٿيو ڇا آهي؟“

”بس زمانو ئي ابتو ٿي پيو آهي.هر وقت اٿن گهر ڪان ٻاهر پير .نوڪري ڪن ٿيون.سو تہ چڱو پر موڪل ڏينهن بہ ڪنهن نهڪنهن بهاني گهر ڪان ٻاهر نڪريو وڃن.گهر ۾ ڇڻ تہ پير ٽڪن ئي ڪونہ ٿا هنن جا.ڪڏهن ميٽنگ، ڪڏهن شاپنگ، ڪڏهن پارٽي، مٽان وري بيوٽي پارلر جا ڪليا آهن! هر وقت پيون ناهہ نوهہ ڪن.گهر گهوڙن کي چُلھ چورن کي.واري ڳالھ ٿي پئي آهي!“

”ڪمال آهي عورتن جي حقن جي فائدي ۾ تحريڪ جي سرگرم ٻانيڪار وٽان اهڙيون ڳالهيون سُنهن تہ ڪونہ ٿيون“

”حالتون ئي اهڙيون اڃي ٿيون آهن جن مون کي سوچڻ لاءِ مجبور ڪيو آهي.“

”ڪهڙيون حالتون“

”ڇوڪريون ڏس تہ وهلور پيون وڃن.اصل هٿ ئي نہ ٿيون اچن.اڄ هتي طلاق، اڄ هُتي طلاق ڪوبہ گهر چٽل ناهي.“

”سچ ٿي چوين.گهر گهر ۾ ڪَهِپي ۽ ڪِلڪل لڳي پئي آهي.شهري گهرو زندگي کي

دوزخ ٻڄندي پئي وڃي.

”مسئلو وڏيڪ گنڀير ٿيندو پيو وڃي“

”پر تنهنجي ان موڊ جو ڪو ته سبب هوندو نه!“

”ها ڪالهه ڪان وٺي اهڙيون ڳالهيون ڏٺيون اٿم ٻڌيون اٿم جو من پريشان ٿي پيو اٿم.“

”نيٺ ٿيو ڇا آهي؟“

”ڪالهه مان ڪولابا وئي هئس اُتان بس ۾ موٽي رهي هئس.ٻپهريءَ جو وقت هو.بس ۾ پيهه هئي ڪانه.منهنجي اڳينءَ سيٽ تي ٻه عورتون ويٺيون هيون.اٽڪل پنجويهه ٽيهه سالن جي عمر هوندي سندن ۽ هيون سنڌيانيون.سنڌيءَ ۾ ڳالهائي رهيون هيون.هنن سمجهيو هوندو ته سندن ڀاشا ڪير سمجهندو،سو بنا ويچار جي ڳالهائي رهيون هيون.ٻين سيٽن تي غير سنڌي مرد ويٺا هئا.“

هڪ عورت چيو”منوج پاڻ ڪي الائي سمجهي ڇا ٿو؟ڪالهه آفيس مان دير سان موٽيس ته منهن سُڄائي ويٺو هو.مان ٿڪي ٽُٽي آئي هئس.اڃا هٿ منهن به ڪونه ڌوتو هوم ته حُڪماڻي لهجي ۾ فرمان ڪيندي چيائين”هڪ چانهه جو ڪوپ ناهي اچ“

مون نرميءَ سان چيو”پاڻي پيئڻ ڏي.ٿورو فريش ٿي اچڻ ڏي ته رنڌڻي ۾ گهڙان ٿي“

”واهه هڪڙو ته دير سان آئي آهين! مان ترسي ويٺو آهيان مٿان وري بهانا ٿي ڪرين!“

”منوج ياد ڪر! مان نوڪريءَ تان موٽي آهيان.گهمڻ ته ڪانه وئي هئس.تون مون سان اهڙيءَ طرح ڇو ٿو ڳالهائين؟ٿيڻ ته ائين کپندو هو ته تون مون کي چانهه جو ڪوپ ناهي ڏين.“

هو طنز وچان چوڻ لڳو”واهه واهه ڪهڙي ڳالهه ڪجي.“۽ پوءِ ڪاوڙ ۾ پرچي ”توهين زالون نوڪريون ڪريو ٿيون ته ڄڻ ته اسان تي ٿورو ڪري رهيون آهيو.پاڻ کي گهر جون مالڪيانيون سمجهڻ لڳيون آهيو.“

”ها مالڪياڻيون ته آهيون.ان ۾ ڪو شڪ آهي ڇا؟تون به ٿو ڪمائين ته مان به ٿي ڪمايان.گهر جو گاڏو گڏجي پيا هلايون.توکي مون تي حڪم هلائڻ جو حق ڪنهن ڏنو آهي؟“

”پوءِ ڇا ٿيو؟“سندس ساهيڙيءَ ڪائنس پڇيو.

”ٿيندو وري ڇا ؟رڳو هڪڙي ڏينهن نوڪرياڻي نه آئي ته گهر وني متي تي ڪنيائين.اهو ته مون پاڻ تي ڪنٽرول ڪري ورتو.ڇاڪاڻ ته ٻنهي ٻارن وني روئڻ شروع ڪيو.وڏيڪ ڪچان ها ته ڏڪن ٻُجن جي نوبتاچي وڃي ها.“

ايتري ۾ سندن بس اسٽاپ اچي ويو ۽ ٻه ئي ساهيڙيون بس مان لهي ويون.

”پر مان پڇان ٿي رتنا ته ان ۾ ڇوڪريءَ جو ڪهڙو ڏوهه هو؟ واهيات ته مڙس ڳالهائي رهيو هو.تون زالن کي اجايو پئي الزام هڻين“

”ڀائي مرد ته اڳي به ائين ئي هئا.اڄ به ائين ئي آهن.هو ٿورڙي اهڙو سولو باز ايندا؟ٿيو ائين آهي جو ڇوڪرين ڪمائڻ شروع ڪيو آهي ته جواب ڏيڻ به شروع ڪيو آهي.ان جو نتيجو ڇا ٿيندو؟بس مان ته ان چنتا ۾ آهيان..ها ٻي ڳالهه به ٻُڌ....“

”ڇا ٿيو وري!“

”اڄ صبح جو پنڌ تي نڪتي هئس.پنهنجا به رائونڊ پورا ڪري بينچ تي وڃي وينيس.پرواري بينچ تي وري ٻيون زالون وينيون هيون ۽ پاڻ ۾ ڳالهائي رهيون هيون.“

هڪڙي چئي رهي هئي ”ڪالهه رات جو هو دير سان ايو هو. اصل نشي ۾ ڌُت هو.“

”ڇا هو پيئڻ لڳو آهي؟“ٻيءَ پڇيو.

”ها ڇاڪاڻ ته مون کي آفيس ۾ يار آهن.“هن طنزيه لهجي ۾ چيو پر هن جي آواز ۾ هڪ سڏڪو به هو.

”ڇا پئي چوين؟“

”سچ ٿي چوان.توکي ته خبر آهي ته ڪجهه غلط ٿيڻ جي حالت ۾ مرد آدجڳاد کان زالن جي مٿان ئي الزام مڙهيندا آهن.هو چوي ٿو ته ڇاڪاڻ ته منهنجو وهنوار غلط آهي.انڪري پنهنجو غم غلط ڪرڻ لاءِ هن شراب پيئڻ شروع ڪيو آهي.“

”پر تنهنجووهنوار غلط ڪيئن آهي؟“

”هو تمام شڪي ٿي پيو آهي.ڪنهن به مرد سان ڳالهايان ٿي ته هو منهنجو يار ٿي ٿو پوي...هن وقت منهنجو يار آهي......ديپڪ شاهه.وقت بوقت منهنجا يار متجندا رهندا

آهن."هن جو لهجو تيز ٿيندو ويو."پائي آفيس ۾ ڪم ڪريون ٿيون.مردن سان لهه وچڙ ۾ ته اچبو ئي ....ڪڏهن گهر ۾ ڪنهن جو فون اچي وڃي يا پُل ۾ ڪنهن جو ذڪر ڪريان ته منهنجو يار ٿي پيو."

هن جي ساهيڙيءَڪي الائي ڪهڙي ڪُنيءَ ڪنيو جو چئي ويني "توڪي گهٽو ٿو پائني نه ان ڪري حسد ٿو ٿئيس."

"ان کي پائڻ چئبو آهي؟"هن جو آواز اوچو ٿيندو ويو.اوچتو هن کي گهٽو ان ڳالهه جو احساس ٿيو ته ڪين ٻيا به ٻڌي رهيا هئا.پوءِ هيٺين سُرن ۾ چوڻ لڳي"هو شڪ جو شڪار آهي.اصل شڪ ۾ پاڳل ٿي پيو آهي.الائي ڇا پيو چوي؟مان ڇو برداشت ڪري ويني آهيان؟هڪڙو نوڪريڪجي مٿان وري طعنا تنڪا سَهجن."

رتنا چپ ٿي ويئي.نرملا به سانت ۾ هئي.ٿورو ترسي چوڻ لڳي "ڪالهه کان اهڙيون ڳالهيون ٻڌي من ڏاڍو خراب ٿي پيو اٿم."

.پر ٻين جون ڳالهيون؟ سماج جي ڪهڙي دُرگتي ٿي رهي آهي!مرد زالون ٻار سيني جي حالت خراب ٿي رهي آهي.گهر گهر ۾ اهي ڳالهيون!آخر ٻارن ڪهڙو ڏوهه ڪيو؟گهر ۾ جهيڙا جهٽا ڦٽندا ڏسي.هنن جو ڪهڙو حال ٿيندو؟"

ٻئي ساهيڙيون سوچ ۾ پئجي ويون.

اوچتو ڊور بيل وڳي.رتنا دروازو کولي"سروج؟تون هتي هن وقت؟رتنا جي ڏيءَ سروج اندر گهڙي آئي.هن جي هٿن ۾ سوٽ ڪيس هو.وار ٿڙيل پکڙيل اکيون سڄيل چهري تي پريساني‌ءَ جون لڪيرون.

"اڙي توکي ڇا ٿيو؟ڇا ڪنهن سان جهڳڙو ٿي اٿيئي؟"

سروج اچي اوچنگارن ۾ پيئي.پهرين ته ماءُ کي چنبڙي پئي ۽ پوءِ پنهنجو چهرو پنهنجن هٿن ۾ پڪڙي ورتائين."ممي مان ڪانه ويندس واپس هُن وٽ.هو پاڻ کي سمجهي ڇا ٿو؟ ...ٽِپ ٽپ تي گاريون.ٽپ ٽپ تي شڪ ڪانه سهنديس هي سڀ؟ڇو سهان؟آخر مان به ڪمائي سگهان ٿي."

رتنا بيوسيءَ وچان لاچار اکين سان.پهرين نرملا ڏانهن نهاريو ۽ پوءِ هن جون اکيون پنهنجي سڏڪندڙ ڌيءَ جي آڪار(صورت) ۾ کُپي ويون.

# شاديءَ جي پهرين رسم

”اڙي آنٽي توهين هتي ڪُنڊ ۾ ڇو وينا آهيو؟“

”بس ايئن ئي “

”هلو هلو هيڏو شاديءَ جو گوڙ ۽ مزو لڳو پيو آهي.“

”نہ نہ مان نيڪ آهيان“

”اڙي ريشما هتي اسين تنهنجي لاءِ ترسيا ويٺا آهيون“ڪنوار ماءُ واڪو ڪندي چيو،“ستن سهاڳڻين جا ساٿ تيٺا آهن.اسين هتي رڳو ڇهہ آهيون اچ اچ جلدي اچ“

”ممي آنٽي هتي ويٺي آهي هن کي سڏيو ها نہ؟“ ريشما چيو

”هاڻي تون اچي ويٺي آهين؟جلد اچ.“

ريشما ڇهن سهاڳڻين سان وڃي شامل ٿي.

”پر آنٽيءَ کي بہ تہ ڪوٺيو نہ“

ممي هن کي شوڪيندي چيو“هاڻي ماٺ ڪر! توکي سهاڳڻين جي مطلب جي سُڌ آهي نہ؟“

”پرممي منهنجي شاديءَ مهل بہ تہ آنٽي ساٿ سوڻ ۾ شريڪ ٿي هئي نہ؟“

”تنهنجي سمجهہ کي ڇا ٿيو آهي؟ان وقت انڪل هئا نہ!“

ريشما وات تي هٿ رکندي چيو“اڙي ها ...پر سو ڇا ٿيو؟“

”چپ ڪر!....مان گهر هلي سمجهائيندي سانءِ.“

”مون کي هتي سمجهاءِ“ريشما ضد ڪندي چيو

تڏهن ڏاڏيءَ ٻوڪ ڏنو“مان ٿي توکي سمجهايان...شاديءَ جي ساٿ سنوڻن مهل نئين نويليءَ مٿان ڌهاڳڻ جو پاڇو بہ نہ پوڻ گهرجي.اهو اُپسون آهي!“

”اهي سهاڳڻ ڏهاڳڻ ڇا ٿينديون آهن؟“ريشما ڪان زور سان وات مان نڪري ويو.سڀ زالون سهمجي ويون ۽ ان جڳهه ڏانهن نهارڻ لڳيون جتي آنٽي ويٺي هئي.

اها جڳهه خالي هئي!

◈

# شاديءَ جي آخري رسم

ٻانيڻ:وواهه (شادي) جون لڳ ڀڳ سڀ رسمون سمايت(پوريون) ٿيون آهن.هاڻي توهين ٻئي پتي پتني اهيو.هاڻي صرف لوڻ مٺڻ جي رسم ادا ڪرڻي آهي.ڪنوار! مان توکي لوڻ جو ٻڪ ڀري ڏيندس.اهو ٻڪ ٻنهي هٿن ۾ جهلي توکي واري وٽيءَ سان گهر جي ياتين کي پنج پنج دفعا ڏيڻو آهي.پهرين تون سهري کي ڏيندينءَ سهورو توکي ڏيندو تون سهري کي ڏيندينءَ اهڙي نموني پنج دفعا ...نيڪ؟“

ڪنوار ”ها نيڪ“

ٻانيڻ:“۽ مان جيڪو چوندو ويندس.سو تون ان کي دهرائيندينءَ نيڪ؟“

”نيڪ“

”ها تہ هي وٺ لوڻ! هاڻي چڏيو.“

”مان سدائين پتيءَ جي آگيا هيٺ رهنديس“

”مان سدائين پتيءَ جي آگيا هيٺ رهنديس“

”پنهنجي سَسُ سهري جي شيوا ڪنديس“

”پنهنجي سس سهري جي شيوا ڪنديس“

”هنن سان عزت وچان پيش ايينديس“

”هنن سان عزت وچان پيش ايينديس“

”ڪڏهن جواب سوال ڪانہ ڪنديس“

”ڪڏهن جواب سوال ڪانہ ڪنديس“

”هن گهر جي عزت ساهہ سان سانديينديس“

”هن گهر جي عزت ساهہ سان سانديينديس“

”پريوار کي پتر سنتان پردان ڪنديس“

ڪنوار چپ ٿي ويئي.

”چو پٽ چئو نہ“

”مهراج هوءَ شرمائجي ويئي آهي“گهوٽ چيو

”چڱو مان انت ۾ آسيرواد ڏيڻ مهل ائين چوندس.“

۽ ٻانيڻ آشيرواد ڏيندي چيو“هي جوڙو سدائين خوش آباد رهي.گهر جا پندار پريل هجن پريوار ۾ سک شانتي رهي.شل ڪنوار ستن پُٽن جي ماتا بڻجي“

تڏهن ڪنوار اڪيون متي ڪري سوال پڇيو“مهراج ست پٽ چو؟“

۽ سندس پيڻ ريشما کيس سُر ونائيندي چيو“ها ها ڏيئر چونہ؟“

”ڏيئڙيون! آسيرواد اهڙي نموني ئي ڏني ويندي آهي.اهڙي اسان جي پراڻي پرمپرا آهي.“

ريشما ”مهاراج هاڻي پراڻيون ڳالهيون ڇڏيو زمانو ڦري ويو آهي.....“

ٻانيڻ هن کي نظر انداز ڪندي پنهنجي آسيرواد جاري رکي.

”شل اوهان جو گهر سڻڀو ستابو رهي !شل پُتر سنتان سان توهان جي پريوار جي شويا وڌي.

◈

# هڪ هو رشتو

نيليما ساري رات پاسا ورائيندي ڪاتي.ڪوشش ڪرڻ جي باوجود هوءَ ننڊ نہ ڪري سگھي .اڄ هوءَ ايتري پريشان ڇو آهي؟جنهن ڳالھ جي تياري هوءَ ٻارهن سالن کان مسلسل ڪري رهي آهي.اها ڪرڻ جي ويل اچي ويئي آهي.پوءِ ڇا جو فڪر ڇا جي چنتا؟تي وچي ختم تي وڃي هڪ هڪاڻي.سچ اڃا اپريو ڪونہ هو پر پورب ڪان اُجالوڦهلجي رهيو هو ۽ روشني رات جي سياهيءَتي غالب پوڻ لڳي هئي.هُن اُٿي دريءَ جا پردا پري ڪيا ۽ پنهنجي ڊيسڪ پرڪرسيءَ تي ويهي ڊائري ڪولي لکڻ لڳي.

اڄ جو سورج پنهنجي ڏينهن جو سفر پورو ڪرڻ کان اڳ مون کي هڪ اهم رشتي کام مُڪت ڪندو ۽ اڄ منهنجي ۽ هن جي رشتي جو سفر بہ پورو ٿيندو.رشتو ڪهڙو رشتو؟ڇا جو رشتو؟اهو هڪ مصنوعي رشتو هو.ان رشتي ۾ دم هوئي ڪتي؟اهو هڪ مرٽينگ رشتو هو.اڌ مئل يا شايد اڌ کان بہ وڌيڪ مئل.اهو بيجان رشتو هو!ڪيئن مون ويھ سال نہ نہ ٻاويھ سال ان رشتي سان گڏ گهاريا ڏهن سالن تائين جيئن تيئن سُکيا سهنجا مگر پويانٻارهنسال بيحد ڏکيا ۽ اهنجا!! اڄ ان جي پڄاڻي ٿيڻي آهي، بس نڪتو ساهُ اجهو ڇاڻ نڪتو!!.

مان ائين ڇو محسوس ڪري رهي آهيان تہ هيءَ دنيا سورن جي محور تي گهمي رهي آهي ۽ دنيا جا واسي طرح طرح جي سُورن ۾ مبتلا آهن.ڪن کي تورا،ڪن کي گهڻا ڪن کي هلڪا تہ ڪن کي شديد سُر پر اُهي آهن ضرور.هر وقت هر آهن،هر هنڌ آهن.گهٽي انداز ۾ ،سور رشتن جي ئي پ4يدائش آهن يا ائين تہ ناهي تہ رشتا سُرن جي پيدائش؟ائين تہ ناهي تہ رشتا سورن جي پاڙن تي بينا آهن؟ماتا ۽ اولاد جو مقدس ناتو بہ تہ سورن سان شروع ٿئي ٿو.ٻنهي طرفن کان ۽ مختلف دورن مان گذري ٿو .ڇوندا آهن تہ رشتا انسان کي راحت بخشيندا آهن.مگر منهنجي خيال ۾ منهنجيءَ حالت ۾ يامنهنجي نظر ۾ ڳالھ ئي ڪجھ ابتڙ آهي.سُورن منهنجا جهوليريجڏيا آهن.مگر مان ائين ڇو سوچي رهي آهيان؟منهنجي سوچ هڪ طرفي ڇو ٿي پيئي آهي؟ڇا مون کي ڪن رشتن سُک ڪونہ ڏنو آهي؟پنهنجي ماتا پتا پنهنجن سڳن سنبڌن پنهنجن ٻارن وٽان مون کي سک جون گهڙيون ڪونہ مليون آهن؟مليون آهن.بيشڪ مليون آهن! ليڪن اڄ منهنجي نظر ئي نراشاوادي آهي.مون کي هر هنڌ صرف سور نظر اچي رهيا آهن مان هڪڙي رشتي جي سورن جي ستايل آهيان.مان انهن کي ٻاهر ڪڍي ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ چاهيان ٿي ها اڄ هڪ اهم سور جو انت ٿيڻو آهي.هڪ رشتي

جو انت ٿيڻو آهي؟اج مان پنهنجي زندگيءَ جي ان زخميل حصي کي ڪپي ڌار ڪري ڇڏيندس ۽ سور کان نجات حاصل ڪنديس.طلاقنامو تيار آهي.اسين ٻه تيار آهيون.بس رڳو دستخط پوڻ جي دير آهي.ڇا اهو سولو ٿيندو؟سالن جا سال تياري ڪئي اٿم.مگر اڄ مان بلڪل تيار آهيان.اڄ مان شريمتيءَ مان ڪماري ياطلاق شده ٻڌجي پونديس.

ها،ڪيڏو ڏکيو رهيو آهي! ڪنهنجاتو هو تهايڏو ڪئڻ ٿيندو آهي؟هڪ ڏک سان ٻاويهن سالن جي رشتي کي ٽوڙڻ ! شاديءَ جا ست ڦيرا پوڻ ۾ گهڻو وقت لڳندو آهي؟قسم واعدا ڪرڻ ۾ ڪنهن جي گهران ڇا ٿو وڃي؟ڪيڏيءَ آسانيءَ سان سڀ ڪجهه وساري سگهجن ٿا ؟پل ڪن ۾ جذبا ڦري سگهجن ٿا.سياءُ ،ويچار ،ڦري وڃن ٿا ،ڦري وڃن ٿيون پاوناٿون!! پر مان ڀُلائي نه سگهي آهيان.هيل تائين سنسڪارن جي اڻڏٺل زنجيرن سان جڪڙيل رهي آهيان.وساري نه سگهي آهيان پنهنجي شادي شده هئڻ جي احساس کي! مان دوزخ جي باهين مان گذري آهيان منهنجي لاءِ هيءُ رشتو ڪيڏو مُلهائتو هو! مونڪيڏي ڪوشش ڪئي ان ۾ جان ڦوڪڻ جي .پر سڀ بيسود ثابت ٿيو توکي مون وٽان صرف مليو مليو ۽ مون کي موٽ ۾ تو وٽان ڇا مليو آهي؟ذلت ،نوڪرون ،اپمان ،بيپرواهيءَ پريو وهنوار ۽ غير ذميندارانه هلت!! مگر اڄ مان پاڻ تي رحم چو ڪائي رهي آهيان؟پورو ٿيو اهو دور روئڻ ڌوئڻ وارو پاڻ تي قياس ڪرڻ وارو پاڻ کي الزام ڏيڻ وارو .اڄ کان منهنجي نئين زندگي شروع ٿيندي ۽ خود اعتماديءَ سان ڪنديس.مان ان کي شروع ! ها شروعات ۾ ٻنهه شروعات ۾ تون مون تي اکن چکن هئين.پوءِ توکي الائي ڇا ٿيو؟شاديءَ جي ٽن چئن سالن کان پوءِ تنهنجو ڌيان ٻئي طرف وڃڻ لڳو.

مون کي هن جي مون ڏانهن بيپرواهيءَ ۽ احساس جي سرديءَ جي ڄاڻ تڏهن پئي جڏهن مون هڪ رات گهبرايل حالت ۾ پنهنجي موٽر جي حادثي جي خبر هن کي ٻئي شهر ۾ جتي هو هئو ڏني هئي.منهنجو موٽر هلائيندي ائڪسيڊنٽ ٿي پيو هو.مون کي هن مان الائي ڪهڙي رد عمل جي اميد هئي؟

مون هن کي ٻڌايو ٻُڌ منهنجي ڪار جو ائڪسيڊنٽ ٿي پيو....“منهنجي آواز ۾ گهبراهٽ بيچيني ڊپ ۽ اهو لرزي رهيو هو.

۽ هن جوسوال هو“ڪهڙي ڪار“ منهنجي ڪار ته ڪانه ڊرائيو ڪري رهي هئينءَ؟“

”نه تنهنجي ڪانه هئي“

۽ مون فون رکي ڇڏيو منهنجون اکيون ڳوڙهن سان ڀرجي ويون منهنجي روم روم

روئي ڏنو هو.ائين به نه پڇيو ”توکي ڏک ته ڪون لڳو زخمي ته ڪانه ٿئين؟ڪيئن ٿيو؟ڇا ٿيو؟پنجنامو نڪتو يا نه؟پوليس ڪيس ٿيو يانه؟“

ڪجهه به نه! منهنجي موٽر تنهنجي موٽر بس رڳو ايترو!“

پنهنجي موٽر ۾ ايڏو موهه ؟اهڙو ته ڪونه هو هُو اڳي؟ڇا مون هن کي سڃاتو ئي ڪونه هو؟

ڪهڙو رشتو هو اسان جو؟احساس وهيڻو رُکو رُکو بلڪل خشڪ !!

ان ڳالهه کي به ڏهه سال ٿي ويا.

هاڻي هو گهڻو گهر کان ٻاهر وڃڻ لڳو هو.هن جي بيوفائيءَ جا داستانمنهنجنڪنن تائين پهچڻ لڳا هئا.مونکي هتا هُتان خبر اچڻ لڳي ته هو ڪن ڇوڪرينجي مايا ڄار ۾ ڦاسڻ لڳو هو.ڪڏهن ڪنهن ڇوڪريءَ سان ته ڪڏهن ڪنهن ڇوڪريءَ سان رستو رکڻ لڳو هو.

هن جو ڌيان گهر طرف ،مون طرف گهٽجڻ لڳو هو.گهر جي سموري جوابداري ٻن ٻارن جي سار سنڀال سس جي نگراني ،منهنجي مٿان هئي.هو راتيون گهر کان ٻاهر گذارڻ لڳو هو.ڪڏهن ڪنهن شهر ۾ ته ڪڏهن ڪنهن شهر ۾ منهنجي ورجائڻ پُڇڻ ۽ روئڻوغيره ڪنهن ڳالهه جو اثر هن تي نه ٿي رهيو هو.ويتر

منهنجي ڪجهه چوڻ تي هو ڏمرجي ٿي ويو.نيٺ هڪ ڏينهن هن چئي ڏنو“تون ڇا ٿي سمجهين مان توسان گڏ ڏاڍو خوش آهيان؟مون کي توسان گڏ هڪ ئي گهر ۾ زندگي گذارڻ گوارا ناهي.اسان کي جلدي الڳ ٿيڻو پوندو.“

مان روئڻ لڳيس“مگر منهنجو قصور ڇا آهي؟اهو ته ٻڌاءِ ..ٻڌاءِ مونکي!“

هو جاوب نه ڏيئي سگهيو.

”منهنجو ڇا ٿيندو ؟منهنجي ٻارن جو ڇا ٿيندو؟مون کي جواب گهرجي“ مون سڏڪا ڀريندي چيو.

”مان توکي ۽ تنهنجي ٻارن کي ڪابه مالي تڪليف رسڻ ڪونه ڏيندس.تون ان باري ۾ بي فڪر ٿي وڃ.اها منهنجي جوابداري آهي.مان رڳو چاهيان ٿو ته تون بنا ڪنهن جهيڙي جهٽي يا ناگوار حالتون پئدا ڪرڻ جي مون کي آزاد ڪري ڇڏين.“

منهنجي آزي نيازيءَ منهنجي روئڻ رڙڻ ڏانهن هن جو بلڪل ڌيان نہ ويو.

پوءِ بہ اها ڳالھ ٻڌڻ ۾ آئي تہ هُو هڪ ڇوڪريءَ سان رستو وڌائي رهيو هو.جيڪا ٻئي شهر ۾ رهندي هئي مگر مڙس کان ڌار ٿي ويني هئي.هاڻي هو مون کان ڪچي طلاقنامي تي صحيح ڪرڻ جي گُهر ڪرڻ لڳو.ان لاءِ اسان ٻنهي کي فئملي ڪورٽ ۾ وڃي سائين(صحيح)ڪرڻو هو.ڇهن مهينن بعد پڪو دستاويز تيار ٿيڻو هو.هن کي اهو ڪچو ڪاغذ پنهنجي ساهيڙيءَ کي ڏيکارڻو هو جيئن هوءَ بہ پنهنجي مڙس کان طلاق گهري سگهي.اهو هو ان ساهيڙيءَ جو شرط يا ............ارمان!.

مگر مان ائين ڪرڻ لاءِ ڪٿي تيار هئس؟مون کي ڌمڪايو مون رُنو التجا ڪئي هٿ جوڙيا ”مان ايڏو وڏو قدم ڪيئن کڻان؟“منهنجي مائٽن کي ڪيڏو صدمو رسندو؟منهنجو ٻارن جو ڇا ٿيندو؟هڪ صحيح ڪرڻ سان ڪيڏيون دليون ٽٽنديون.هڪ صحيح پوڻ سان ڪيڏا رشتا ٽٽندا؟“ليڪن هن جي اکين تي الائي ڪهڙي انڌ جون پٽيون چڙهيل هيون!“مان دستخط ڪانہ ڪري سگهنديس اصل نہ ڪري سگهنديس نہ نہ اهو ممڪن ئي ناهي...شل منهنجي ساڄي ٻانهن ڀڄي پوي منهنجي ساڄي ڪرائيءَ جو فريڪچر ٿي پوي.منهنجو هٿ زخمي ٿي پوي.ڪجھ بہ ٿئي جيئن مان صحيح ڪرڻ کان بچي وڃان ....“پر مون کي ڪجھ بہ ڪونہ ٿيو مون کي صحيح ڪرڻي ئي پيئي.

هو پنو ڪٺي جهٽ گهر ڇڏي هليو ويو.ڪيڏي تڪڙ هئي هن کي مهينن جا مهينا گم ٿي ويو.مگر ڇهن مهينن جي اندر ئي موٽي آيو.هن جي ساهيڙيءَ سان بہ ڪانہ پئي.هو ڦڪو ٻڇڙو ٿي موٽي آيو.هن مون کي ڪابہ سمجهاڻي ڏيڻ جي ضرورت ئي ڪانہ سمجهي.ڇو ڏئي سمجهاڻي مونکي؟ يا شايد ڪجھ ٻڌائڻ جي همت نہ ٿي رهي هئي هنکي!

نہ هن مون کان معافي گهري نہ پنهنجي وهنوار لاءِ افسوس ظاهر ڪيو نہ وات سان نہ پنهنجي ورتاءَ سان.آخر مرد آهي نہ سو بہ پارتي مرد پٽنيءَ جو آخر درجوئي ڪهڙو آهي؟گجر ۽ موريءَ جهڙو“اهڙي ئي سکيا ڏني ويئي آهي .شايد هنن کي پنهنجي ماءُ وڻان تي !زالون ئي تہ زالن جون دشمن ٿي ويندبون آهن.عورت نيٺ ويندي ڪاڏي؟ائين مرد سمجهن ٿا.هنن جي هٿن ۾ مربادائن جو پرمپران جو جهنڊو آهي يا ڏنڊو آهي.جنهن سان زالن کي ڪُٽڻ چاهين ٿا.ڪُٽي رهيا آهن هن تي ابلا جو نپو لڳل آهي.

مان هاڻي پنهنجو گهٽي ۾ گهٽو ڌيان ڪم ۾ ڏيڻ لڳيس ۽ پنهنجي ميدان ۾

ترقي ڪرڻ لڳيس.سماج ۾ منهنجو مان مرتبو وڌڻ لڳو.مگر هن نظر ۾ منهنجو وجود شونيہ(ٻڙي) جي برابر هو.مان هن جي سامهون ساڳي جي ساڳي رهيس.مون پنهنجي طرفان پوري ڪوشش ڪئي.جيئن هو پاڻ کي اظهاري سگهي.پنهنجي دل کولي پاڻ کي هلڪو ڪري سگهي.پنهنجي ناڪامياب سفر سبب هو موکو ۾ مايوس رهڻ لڳو هو.هن کي ڊپريشن ويڙهي ويو هو.شايد هو ذهني طرح سان بيمار هو.گِلٽي هو مگر هو پاڻ کي اظهاري نہ سگهيو.هن کي تہ مون سان اکيون ملائڻ جي بہ جرائت نہ ٿي رهي هئي.مون کان هن کي الائي ڪهڙي اميد هئي؟هن وٽان رد عمل جي ڪوتاهيءَ مون کي خاموش ڪري ڇڏيو.هن طرف بيپرواهہ ٿي ويس.آخر ڪيسيتائين هن جي پرواهہ ڪندي رهنديس؟مونکي پاڻ تي ياڙٿو پوندو.بس هاڻي گهڻو ٿيو!.

۽ هن کي هڪ ٻي ساهيڙي ملي ويئي.

بس هاڻي منهنجي دل ڪٺي تي چُڪي هئي.مان پنهنجو سامان سڙو ڪٺي گهر مان نڪري آيس.هن پيري مون کي ڪونہ ڇڏيو مون ئي هن کي ترڪ ڪيو.مون کي منهنجي آفيس طرفان فلئٽ ملي ويو ۽ مان اُتي رهڻ لڳيس.مون کي پنهنجي ٻارن لاءِ خوشگوار ۽ پر سڪون ماحول پئدا ڪرڻو هو.هنن ويچارن کي تہ ٻالڪپڻ کان وني تناءُ پريو ماحول مليو هو.ماتا پتا جي چڪتاڻ جو هُو شڪار ٻڃي پيا هئا.برابر هنن کي پتا جيجپر چانو کانمحروم رهڻو پوندو ۽ پتا کي پنهنجي سنتان کان الگ.مگر هيل تائين بہ تہ حالتون صحيح ڪونہ هيون.هو سنو خاوند پلي نہ هجي پر سنو پيءُ ضرور آهي.هنن جي پنهنجين ڪمزورين هن کي پنهنجن ٻارن کان جُدا ڪري ڇڏيو آهي.هن خود اهڙيون حالتون پئدا ڪيون آهن.جن هن کي گهريلو خوشين ۽ راحتن کان وانجهيل رکيو آهي.سڀ ڪجهہ هوندي بہ هو اڪيلو آهي.

مگر مان هن تي افسوس ڇو ڪري رهي آهيان؟هن ڪڏهن منهنجي خوشي ۽ ناخوشيءَ جي پرواهہ ڪئي آهي.جو مان ڪري رهي آهيان؟ڇا منهنجي دل ۾ اڄ هن جي لاءِ ڪو جذبو آهي؟آخر ڪهڙو آهي اهو جذبو؟

اڄ تہ ان رشتي جو انت ٿيڻو آهي هاڻي وقت اچي ويو آهي.اڄ جي سورج غروب ٿيڻ کان اڳ منهنجي ان رشتي جو سورج بہ ٻڏي ويندو.اڄ تہ ان رشتي جو انت ٿيڻو آهي؟

پر ڇا هڪ پني تڪريءَ تي صحيح پوڻ سان رشتي جو انت ٿي ويندو آهي؟

# اسين به ته ساڳيون ننهون هيون سين!..........

## سَسون ٽيون ڳالهائين

(پنج ڏهاڪا)

سن 1964ع:

ڪهڙو زمانو اچي ويو آهي.جوڪرين مان لڄ حيا ته صفا گم ٿي وئي آهي!اسين ته پنهنجي سس سهري سامهون مٿو ڍڪي اينديون هيونسين ۽ وڏڙن سامهون مڙسن سان به فضيلت پريو فاصلو رکنديون هيون سين.هي جوڪريون ٽيون آهن.مٿا اگهاڙا ڪري مڙسن سان لڳو لڳ ڪرسين تي ويهن پيون گپ شپ ڪن!.

سن 1974ع:

توبهه توبهه بلائن جهڙيو ننهون ٽيون آهن گهوٽ جو نالو پيون ڳنهن ۽ ڪين تون تون ڪريپيو سڏين هيءُ ڪو زمانو ٿيو آهي؟اسين ڪيڏو سنيالي سنيالي ڳالهائينديون هيون سين.

سن 1984ع:

اڄ جي جوڪرين ڪي ڪير سمجهائي؟سجو ڏينهن پير گهرکان ٻاهر ۽ جيڪڏهن گهر ۾ هجن ته فون تي ٽان ٽان .اسان ته ڪڏهن به فون ائين ڪتب ڪونه آندو هو.مان ايترو فون ڪريان ها ته منهنجي سس گهر کان ٻاهر نه ڪيڍي ڇڏي ها اسين ته ڀائي پنهنجي سسن کان ڊڄنديون هيون سين!

سن 1994ع.

هي هيلٽ ڪلبون ڇا ڪليون آهن.سپ جوڪريون پيون رڳو ڪسرتون ڪن.پنهنجو وزن وڌن يا پاڻ ڪي ٽيپ سان ماپين.توبهه وجن پيون سنهڙيون سُڪڙيون ٿينديون ڇڻ ته نهن ٽيون اهي ته جوانن کان به جوانڙيون ٻڻجڻ جون ڪوششون آهن.۽ اهي پنهنجن ئي ٻارن سان ڇٽا پيٽي پل پيون دل خوش ڪن بدن تي ويندن ڪانيءَجهڙو ۽ بوٽ ايندن

پاهر نڪري هي ننهون ٿيون آهن.

سن 2004ع:

اسين ننهون هونديون هيونسين ته گهر گهر لڳندو هو.هاڻي ته بس گهر اپاٽڪو ٿي پيو آهي.گهوٽ وني وچي جدا رهي آهي.ڪڏهن اچي ته ماريو موبائيل هٿ ۾ .هي موبائيل ٿي يا چٽي هر ڪو ڪن سان چنبڙائي پيو گهمي! جڻ ته ٻيو ڪو ڪم اٿن ئي ڪونه.پر پائي ننهن ڪي ته ڪا فضيلت هئڻ گهرجي.ساهري گهر ۾ سڀ وقت موبائيل تي بڪواس ويني ڪري! سڀ حدون لتاڙي ويون آهن! اسين به ته ساڳيون ننهون هيون سين! (انهن ساڳين سسن ڪان وسري ويو آهي ته اڈائي تي ڏهاڪا اڳ پاڻ به ننهون هيون ۽ سندن سسن جو سندن لاءِ رايو ڪجهه اهڙو ئي هو)

◈

# پرزم جا پرزا

رات جو پهريون پهر راڳ تلڪ ڪاموڊ جي سرن جي وايو منڊل ۾ ورڪا

ساري گ س ري م پ ڌ م پ سا

سا پ ڌ م گ ساري گ ساني سا

۽ هن جون آڱريون ستار جي تارن ڪي چيڙي رهيون هيون.ڪڏهن هلي رهيون هيون .ڪڏهين ڊوڙي رهيون هيون ٺهڪڏهن نچي رهيون هيون .هن جون اکيون ٻوٽيل هيون.مان ڪڏهن هن جي چهري ڪي ته ڪڏهن هن جي ترڪندڙ آڱرين ڪي ڏسي رهي هئس.رڪي رڪي درشڪن جي واهه واهه جي آواز سان هوٽل جو هال گونجي ٿي اٿيو.

مون اکيون پوري ڇڏيون ۽ سنگيت جي سرن ۾ ڪوڪجي ويس.ريشب(رکب) ۽ شڙج(کوج) جي وچ ۾ هڪ شُرتي(سرن جي وچ ۾ جڳهه) هن اهڙي سهڻي وڄائي جو منهنجيون اکيون اوچتو کلي پيون ۽ چت ۾ لتڪيل جهومر جي لڏندڙ بلورن ۾ اٽڪي پيون.جيڪي سنگيت جي تال تي جهومي رهيا هئا.نتيجي طور انهن چهن ڪندن وارن شيشن مان اندلٺ جا رنگ نڪري چت ۽ پتين تي رقص ڪري رهيا هئا ۽ ان وقت

جڏهن تارن تي ترڪندڙ هن جي آڱرين تي نظر پيم تي لڳم ته انهن مان پڻ بلوري رنگن جو چشمو ڦٽي رهيو هو.منهنجون اکيون وري هن جي چهري تي کپي ويون.ڪجهه ته هو هن جي چهري ۾ ڪلا جو جلوو هن جي ساڏارڻ شخصيت کي هن جي ڪلا ٻهڪائي ڇڏيو هو.منهنجي ڪلپنا هن کي اوچو اوچو اڏائي پهاڙ جي شکر(چوٽي) تي پهچائي ڇڏيو.پنهنجون منتر مُگڌ اکيون وري ٻوٽي ڇڏيم ۽سنگيت جي مڌرتا کي اندر جي گهراين ۾ وجڻ ڏنم.

مان خاص پنهنجي شهر ديرادون مان هن مشهور سنگيتڪار کي ٻڌڻ دهليءَ آئي هيس ۽ پنهنجي شاديءَ جي سالگرهه جي پارٽي لاءِ دعوت ڏيڻ پڻ.پروگرام پورو ٿيڻ ڪانپوءِ مون هن کي پنهنجي شهر ۾ اچڻ جي دعوت ڏني ۽ پڻ سندس هوٽل تائين پهچائڻ لاءِ پنهنجي گاڏيءَ ۾ لفٽ.

گاڏي تيز رفتار سان رستي تي ڊوڙي رهي هئي.ڊرائيور اڳينءَ سيٽ تي هو ۽ مان پٺين سيٽ تي هن جو هٿ اڳينءَ سيٽ جي بئڪ رکيل هو.

مان هن آڱرين ڏانهن نهاري رهي هئس ۽ انهن جي جادوءَ جي باري ۾ سوچي رهي هئس ته هن مون ڏانهن نهاريو ۽ پوءِ پنهنجي آڱرين ڏانهن ۽ هن جي لبن تي مرڪ مڙي آئي.

”ميران جي مون پيون ته گهٽيئي هل استيشنون ڏنيون آهن پر مسوري وڃڻ نصيب ڪونه ٿيو اٿم.عرصي کان دل اٿم اُتي وڃڻ جي“.

”نيڪ آهي جڏهين ديرادون ايندا ته پروگرام ٺاهي وينداسين.“

”سچ“

ها فرينڊس جو هڪ گروپ ٺهي ويندو منهنجو پتي به خوشيءَ سان هلندو“”

”نه نه ائين نه“

”تڏهن ڪيئن؟“

”رڳو توهين .....۽ مان ...هلنداسين!“

هڪ مترڪي جو احساس هماليه جي چوٽيءَ تان بلوري شِشو هيٺ ڪري چڪناچور ٿي ويو.

◈

# وقت جا نشان

پنهنجي پاڃائي ۽ جي مهمانن کي ڇڏڻ لاءِ جڏهن اسين سندن بلڊنگ جي ٻاهران هيٺ موٽر ۾ تي ويناهئاسين ته هو زور ڪري اسان کي پنهنجي فليٽ ۾ مٿي وٺي ويا ۽ اسان جي سٺي خاطرداري ڪيائون.اتي ٻن زالن جون نيون شڪليون پئي ڏسڻ ۾ آيون.اهي بمبئي مان آيل پئي لڳيون.

هڪ ڄڻيءَ مون کي مخاطب ٿي مشڪي چيو"ريکا ڇا تون مون کي نه ٿي سڃاڻين؟"

مون دستوري مرڪ سان هن ڏانهن نهاريو ۽ ٿورو سوچي چيم "مون کي ....معاف ...ڪجو ..نٿي سڃاڻان"توکي ياد ڪونهي؟ مان سيتا آڏواڻي هن وقت مسز مير چنداڻي توکي حيدرآباد ۾ اسڪول ۾ پاڙهيندي هئس."

مون وري هن ڏانهن ڌيان سان نهاريو ۽ چيو"مون کي ياد نه ٿو اچي"

پر پوءِ اوچتو ياد اچي ويم پر ڪهڙي نه زبردست جهٽڪي سان

مس آڏواڻيءَ جو گول،گورو،سهڻو چهرو اکين اڳيان ڦرڻ لڳو ۽ سندس شاهاڻي شخصيت اکين اڳيان نچڻ لڳي.اسين سڀ ڇوڪريون اصل هن جي پنيان ديوانيون هونديون هيون سين.هيءَ مس آڏواڻي هن شخصيت ج ته پاڇي ماتر به نه هئي.سنهڙي ڳلن ۾ ڪڏون پيل ٻيڙي ڪارائيل،صفا ڪا ٻي پئي لڳي.ڪيڏانهن ويئي منهنجي مس آڏواڻي؟

گهر آيس پر منهنجي دل ۽ دماغ تي سيتا آڏواڻي ئي ڇانيل هئي.منهنجي ذهن تي هر وقت هن جو خيال طاري هو.سندس جهونو چهرو اصل وسري ئي نه پيو.پراڻيون وسريل يادگيريون وري هردي جي پردي تي ايرڻ لڳيون..................

مان سندس فيوريٽ اسٽوڊنٽ هئس ۽ مون کي ان ڳالهه تي فخر هو.ڪلاس جون سڀ ڇوڪريون هن کي پائينديون هيون ۽ مون تي رشڪ ڪنديون هيون.سندس گول چهرو گول ڪلها گول گول گوريون ٻانهون،ڏگهو قد هلڻ جو انداز ڳالهائڻ جو انداز اصل اسان سڀني کي موهي ڇڏيندو هو ڇا ته ساڙهيون پائيندي هئي ۽ ڪيئن نه وار

سنواريندي هئي!.

هڪ واقعو اکين اڳيان ڦرڻ لڳو.....

....اسڪول جي ساليانيءَ جلسي جي موقعي تي گرين روم ۾ هوءَ اسان جو ميڪ اپ ڪري رهي آهي.لپسٽڪ هڪ هٿ ۾ جهلي ٻئي هٿ سان منهنجي ڪاڏي پڪڙي چئي رهي آهي "تنهنجا چپ ته اهڙا ڳاڙها آهن جولپسٽڪ لڳائڻ جو ته ضروري ئي ڪونهي"پوءِ به هن منهنجن چپن کي رڱيو هو.

مان ته بس نرڀيئي هئس(ان وقت مان ڏهن سالن جي مس هونديس)

رات جو ننڊ ۾ مس سيتا آڏواڻيءَ جا ٻئي چهرا جهونو ۽ نئون ور ور ڪري هڪ ٻئي جي پنيان من جي دريءَ مانجهي جهانڪيا،جڻ ته پروجيڪٽر مان ڪنهن ٻه سلائيڊز گهڙي گهڙيءَ پٽ تي پئي ڏيکاريا.

مان سوچڻ لڳيس"ڇا هن جي صحت ٺيڪ نه رهي؟ڇا هن پنهنجي شڪل صورت جي اصل سنڀال ڪانه ڪئي؟ڇا ڏکن جا اهڙا ڪي پهاڙ اچي مٿان ڪريس جو ويچاريءَ جو اهڙو حال ٿي ويو آهي؟

۽ مان هن تي افسوس ڪرڻ لڳيس!

ڪجھ ڏينهن ڪان پوءِ ڳالھ وسري ويم.

ٻه ڏينهن ٿيا مارڪيٽ مان پاڇيون ونندي ونندي هڪڙي پار سياڻي سجاڻپ واري(مون کان عمر ۾ ڪجھ وڏي)ڪن سالن کانپوءِ گڏي.اول ته مون ڪيس سڃاتو ئي ڪونه پر جڏهن ويجهو آئي ۽ اچي ڪيڪاريائين ته سڃاتم ته ڪير هئي؟مسز پوناوالا جي ڪنهن زماني ۾ منهنجيءَ ڏيءَ کي ٻئل ڊانس سيکاريندي هئي.هن جي شڪل مون کي ڦريل لڳي.منهن تي شايد سوچ هئس.چهرو ٽوٽريل پئي لڳس.اها سونهن ۽ پرسنلٽي جا ڪجھ سال اڳ منهنجس هئي.ساڻ هئي ڪانه!

ڪيڏانهن ويئي مسز پونا والا جي سونهن سوپيا؟ڇا ٿيو اهڙي زبردست شخصيت واري ليڊيءَ کي؟!

..۽ مان مٿس افسوس ڪرڻ لڳيس.

ڪالھ صبوح جو ڊريسنگ ٽيبل جي آرسيءَ سامهون وارن کي برش ڪند ڪند

منهنجي نظر پنهنجي چهري تي بيني ۽ اتي ئي ٽيبل تي رکيل پنهنجي شاديءَ تي نڪتل تصوير تي بيني.

منهنجون اکيون ڪن پل لاءِ جڻ ته اتي وڃي اٽڪيون.ڪيتري دير ڪڏهن آئيني ۾پنهنجي عڪس ڏانهن ۽ ڪڏهن فريم ۾ جڙيل ميز تي رکيل چهري ڏانهن نهاريندي رهيس،نهاريندي رهيس...

۽ پوءِ مسز ميرچنداڻي ۽ مسز پونا وال تيافسوس ڪرڻ چڙي ڏنم!!

◈

## ٿاڪو نئون شيشو

راجن راڪيٽ جيان اسڪول بس مان هيٺ لٿو.آپا جيڪا اُتي هن لاءِ ترسيل هئي.ان جي پرواهه نه ڪندي ڊوڙندو ڊوڙندو گهر وٽ پهتو.لٽ سان گيٽ کوليندي ڪمپائونڊ لتاڙي گهر جي کليل دروازي مان گهڙي ڪلهن تي لٽڪيل ٿيلهو ٽڪڙو لاهي.صوفا تي ڦٽو ڪري وڃي ماءُ کي چنبڙيو.

”اڙي راجن جُتي متيءَ سان ڀريل ۽ وار جهنگلين وانگر وکريل هتان هليو وڃ.پهرين جُتي لاهي هٿ منهن ڌوئي صاف سترو ٿي اچ ۽ پوءِ اچي مون سان ڳالهاءِ“

” او مما ڏاڍي بک لڳي اٿم ڪجهه کائڻ لاءِ ڏي نه“

ماڻس هٿ ۾ نئپڪن ڏيندي باٿ روم طرف اشارو ڪندي چيو“پهرين واش ۽ پوءِ بي ڳالهه“

راجن ماءُ جو چيو مڃي هٿ منهن ڌوئي ميز جي ڪرسيءَ تي ويهي.پليٽ مان سئنڊوچ کائڻ لڳو ۽ ڪير جا ٽڪڙا ٽڪڙا ڍُڪ ڀرڻ لڳو.

”ٻڌ راجن ڪائي وڃي يڪدم هوم ورڪ لاءِ ويهڻو اٿيئي.راند ڪرڻ پوءِ وڃج.هڪوار ٻاهر نڪتين ته هوم ورڪ چٽو.سمجهين تو منهنجي ڳالهه؟شام جو منهنجي ڪِٽي پارٽيءَ جي ميٽنگ آهي“

”او مما روز روز ميٽنگ“راجن شڪل ناهيندي چيو.

”بس بس گهڻو ٿيو! پنهنجو ڪم ڪر.“

اوچتو پنيان قدمن جي آهٽ ٻڌي راجن ٽپو ڏئي ڪرسيءَ تي چڙهي بابا جي ڳلي ۾ ڪٽي ٻانهون وڌيون.“بابا آءِ لو يو“

”يس ڊيئر آءِ لو يو تو“رميش پٽ کي ڀاڪرن پائيندي چيو.

”دئٽ از انف راجن! جلدي پنهنجو ڪم پورو ڪر“سنيتا چڙٻيندي چيو

”او مما پيار ڪرڻ ڏي نہ “

رميش پٽ جي مٿي تي هٿڙو ڦيري باٿ روم ڏانهن هليو ويو.

تيسيتائين سنيتا چانهہ جي ٽري ۽ سئنڊوچز جي پليٽ ميز تي رکي.رميش ٽوال سان منهن اُگهندو ٻاهر آيو ۽ سئنڊوچز کائڻ شروع ڪيائين.سنيتا ڪوپ ۾ چانهہ اوتڻ لڳي.

”سنيتا جلدي ڪم پورو ڪري تيار ٿي.اڄ گرڌر جي گهر پارٽي آهي.منهنجي آفيس جا سڀ ساٿي اچڻا آهن.زالن سوڌا مون توکي ٽيون ڏينهن چئي ڇڏيو هو.“

”مان گرڌر ورڌر جي گهر ڪانہ هلنديس،مون کي نہ ٿيون وڻن توهان جون اهي پارٽيون.“

رميش ٺورو تکو ٿيندي“مگر سنيتا مون جڏهن توکي ٽيون ڏينهن چيو هو.تو هلڻ قبول ڪيو هو.مون تہ تنهنجو نالو بہ ڏيئي ڇڏيو آهي.سڀ ڇا چوندا؟“

”جيڪي ڪپين سو چون انهن زالن مان هڪڙي زال آهي جنهن سان مان ڪجهہ ڳالهائي سگهان ؟مان اتي اصل منجهان پيئي..ٻيلا مان پاڻ کي تڪليف ۾ ڇو وجهان؟مون کي ڪلب ۾ وڃڻو آهي.مون کي سنگيتا پڪ اپ ڪرڻ اچڻي آهي.“

”او ڊئم اٽ تون تہ منهنجي عزت خاڪ ۾ ملائڻ واري آهين؟“

راجن پنهنجينوڏين اکين مان ڪڏهن مميءَ ڏانهن تہ ڪڏهن پاپا ڏانهن نهاري رهيو هو.هن جي هٿن مان پينسل ڪري پوي ٿي.سندس هيٺيون چپ لرزڻ لڳي ٿو.جنهن کي هُو پنهنجي ڏندن سان دٻائي ٿو رکي.

”منهنجي تہ هلڻ سان توهان جي عزت خاڪ ۾ ملڻ لڳي.سڀ عورتون ٺوروئي ايندين

آهن؟ڪي نہ ڪنوارا آهن؟

رميش زور سان ميز تي مڪ هڻندي وڏي واڪي“پر منهنجي مرضي آهي تہ منهنجي وائيف مون سان گڏ هلي.“

زور سان ”مان ڪانہ هلنديس“

راجن آهستي آهستي ڪرسي کسڪائي اٺي روم مان ٻاهر نڪري ويو.ٻاهرئين در مان نڪري گارڊن ۾ ڦيرا پائڻ لڳو.اندران ممي ۽ پپا جي ڳالهائڻ جو آواز اچي رهيو هو.هو بينچ تي ڪنڌ جهڪائي ويهي رهيو.هن جو چهرو وارن سان ڍڪجي ويو.هو هلڪا هلڪا سڏڪا ڀرڻ لڳو.

ٻئي ڏينهن رات جو اٺين بجي رميش گهر آيو تہ ڏٺائين تہ راجن سٽنگ روم ۾ ڪارپيٽ تي ويهي السٽريٽيڊ وويڪليءَ جا پنا ورائي رهيو هو.بابا کي ڏسو تہ سهين بورنيٽا جي اشتهار ۾ ڇوڪرو ڪيئن پيو ڊوڙي مسلس تہ ڏسوس منهنجا مسلس ائين ڪڏهن ٿيندا؟“

”او ماءِ سن! تون مظبوط ٿيڻ ٿو چاهين؟“

”ها بابا مان استرانگ ٿيڻ ٿو چاهيان“

”مون سان گڏ ڪسرت ڪندين؟يا مون سان گڏ جاگنگ تي هلندين؟“

”اڙي ها پپا جاگنگ تي هلنداسين“هو نچڻ ٿو لڳي.

”ٺيڪ آهي سڀاڻي اٿندين سويل صبوح جو ڇهين لڳي؟“

”ها ها بابا اٿندس“

”ممي کي ڪونہ ٻڌائندين؟“

”ڪونہ ٻڌائندس بابا“ٿپو ڏيندي

”پڪ“

”پڪ بابا“

”پرامس“

”پرامس بابا“

”هٿ ملاءِ“

هٿ ملائيس ٿو

راجن نچي نچي ڳائي ٿو.

”اسين جاگنگ تي ويندا سين

بابا ۽ مان ،مان ۽ بابا

مزو ايندو مزو ايندو

رميش پٽ ڪ پني تي چاڙهي ڳائڻ ۽ نچڻ ٿو لڳي

ٻئي ڏينهن صبوح جو ستين بجي سنيتا گهر ۾ خوب گوڙ مچائي رهي هئي ۽ غصي ۾ آيا ڪان پُڇي رهي هئي.“ڪيڏانهن ويو صاحب ڪيڏي ويو راجن؟ٻئي گم“

”مون کي ڪا خبر ناهي مئڊم“

”ڪمال ڪيو اٿن بس هليا ويا بنا ٻڌائڻ جي بنا ڇتائڻ جي راجن جي اسڪول جو وقت اچي پريو آهي.“

رميش ۽ راجن اڇيون قميصون ،اڇا شرٽس ۽ جاگنگ شوز پهريل سهڪندا سهڪندا گهر ۾ گهڙن ٿا ٻنهي جا چهرا پگهر ۾ تر آهن.

سنيتا واڪي سان“توهان ٻنهي کي ٿيو ڇا هي؟بنا ٻڌائڻ جي بس هليا ويا؟ٻي جوابداريءَ جي ٻه ڪا حد ٿيندي آهي مان پچان ٿي هيءَ ڪهڙي فضيلت ٿيندي آهي؟ٻار کي هٿ وٺي وينا ڪاريو؟“

رميش(سهڪندي) ”سنيتا هڪ منٽ ترس اسان کي راجن کي سگهارو ڪرڻو آهي نه هن جا مسلس ناهٽا آهن نه؟“

”اڙي اسڪول ۾پيئي دير ٿئي ۽ توهان کي مسخري سجهي آهي اصل گنيير ڳالهه سمجهو ئي نٿا!!! ڌهن منٽن ۾ ڪيئن ڪائيندو ڪيئن تيار ٿيندو ۽ ڪيئن اسڪول ويندو؟

”ساري سنيتا مون کان وسري ويو“

”ساري چوڻ سان کم کونه هلندو مون کي توهان جون اهي ڳالهيون اصل نه ٿيون وڻن.“

راجن کي اچي ٿي ٻانهن کان پڪڙي هو ڪڏهن مما ڏانهن ته ڪڏهن پاپا ڏانهن پيو نهاري هن جا چپ لرزڻ لڳن ٿا.جن کي هو پنهنجن مٿين ڏندن سان وني ٿو پڪڙي سنيتا ٻانهن کان جهلي اندر گهلي وني ٿي وڃينس

ڪجهه ڏينهن بعد شام جو چئين لڳي.سنيتا آرام ڪرسيءَ تي ويهي سويٽر مڙهي رهي هئي ته دروازي جي بيل وڳي.

”ڏس آيا ڪير آهي؟“

آيا اچي ٿي ڪيس ٻڌائي“بابا جي ٽيچر آئي آهي.توهان سان ملڻ ٿي چاهي.“

”وني اچينس اندر“

اٽڪل ٽيهن سالن جي محترمه اندر گهڙي ٿي.

”اچو اچو مسز ميرچنداڻي!توهان تڪليف ڪيئن ورتي؟ رهندا ته ساڳئي پاڙي ۾ آهيون پر گڏجڻ رڳو اسڪول ۾ ٿيندو آهي.اچو ويهو“

مسز سامتاڻي مون کي توهان سان ڪجهه ڳالهائڻو آهي.راجن جي باري ۾.“

سنيتا جي شڪل لهي وجي ٿي ۽ هوءَ ٽيچر جي چهري ۾ چتائي نهاري ٿي.

”چئو مسز ميرچنداني ڪهڙو پرابلم آهي؟ منهنجي راجن ڪجهه ڪيو آهي ڇا؟“

”نه نه راجن ڪجهه ڪونه ڪيو آهي.سچ ته هُو ڏاڍو پيارو ٻار آهي.مان هن کي دل سان پيار ڪندي آهيان پر ...ڪجهه ڏينهن کان هن جي هلت چلت مون کي چنتا ۾ وجهي ڇڏيو آهي؟“

”ڇا ماءُ تي توهان کي هن ۾ ڪو فرق نظر ڪونه آيو آهي؟“

سنيتا سوچڻ لڳي ٿي.“هاڻي توهين چئو ٿا ۽ مان خيال ڪريان ٿي ته ...برابر ......مگر مون کي ڪُليءَ طره سمجهايو؟“

”تہ ٻڌو مون مهيني ڪن ڪان راجن ۾ ڦيرو ڏٺو آهي.جيڪو ٻار هردم پيو نچندو ٽپندو هو ان ۾ هڪدم خاموشي اچي وڃڻ سنو اهڃاڻ ناهي.هن جو من ڪنهن ٻئي هنڌ پيو وسي.پڙهڻ ۾ بہ ڌيان ڪانہ آهن.هن مهيني جي يونٽ ٽيسٽ جون مارڪون بہ سٺيون ڪونہ ڪنيون اٿس.ڪڏهن ڪڏهن هن جي چهري جي ياد ڪي ڏسي مان ڊڄي ويندي آهيان. انين سالن جو ٻار ڪهڙي اونهي خيال ۾ غلطان ٿي تو وڃي؟توهين ان ڳالهہ جي سمجهاڻي ڏيئي سگهندا؟“

”مسز ميرچنداڻي توهين اجائي پيا ڳڻتي ڪريو.راجن بلڪل نيڪ آهي.خوش آهي.هو اسان جو سڪيلڊو لاڏلو پٽ آهي.مان ۽ رميش هن ڪي بيحد پيار ڪندا آهيون.هو رڳو ڪا شيءِ گهري بس حاضر ٿي ويندي آهي.وڏنڊر ٻار ڪڏهن ڪڏهن مُڊي ٿيندو آهي.مان سمجهان ٿي تہ توهان ڪي اجايو خيال اچي وينو آهي.هُو بلڪل نيڪ آهي.“

”مسز سامتاڻي .....مون ڪي معاف ڪجو.توهان اهو جاچيو آهي تہ راجن هڪلائڻ يعني اسٽئمر (Stammer)

ڪرڻ لڳو آهي“

سنيتا سوچڻ ٿي لڳي،ٿورو ترسي ”ها جي سوچجي ويهي تہ راجن جو ڳالهائڻ جو سلسلو ڪڏهن اٽڪي تو پوي.....سو ڇا؟“

”اها سٺي نساني ناهي.توهين ان ڳالهہ طرف ڌيان ڏيو.مون ڪي رڳو ايترو چوڻو آهي.“

”توهان منهنجي راجن ۾ ايتري دلچسپي ورتي آهي.مان توهان جي ٿورائتي آهيان.ليڪن توهين بيفڪر رهو ڪابہ چنتا جي ڳالهہ ناهي.“

”چڱو ڀلا مان هلان ٿي گهڻيئي ڪم رهيل آهن.ٽيوشن تي بہ وڃڻو اٿم.“

”نمستي وري اسڪول ۾ گڏباسين“

”نمستي“

سنيتا ٽيچر ڪي در تائين اُماڻي آئي ۽ پوءِ اچي ڪرسيءَ تي ويهي رهي ڪجهہ وقت سوچ ۾ پئجي وئي ۽ پوءِ سويٽر مڙهڻ ۾ لڳي ويئي.

ٿوري دير بعد گيٽ ڪلڻ جو آواز ٿئي ٿوراجن آهستي آهستي ڪمري ۾ گهڙي ٿو.ڪنڌ

هيٺ ٽڪل ،ٽتل ،ٽيلهو ڪلهن تن لاهيپاسيرو رکي،صوفا تي ٽيڪ ڏيئي ويهي رهي ٿو.

سنيات ”چو پٽ ڏاڍو ٿڪو پيو آهين؟“

راجن“ها ممي ڏاڍو ٿڪ ٿيو آهي.“

سنيتا ”بک لڳي اٿيئي“

راجن ڪنڌ ڌوڏي“ها“ ڪري ٿو.

سنيتا آيا کي سڏي ٿي جا پڪوڙا پليٽ ۾ ڪٽي اچي ٿي.راجن بيدليءَ سان کائي ٿو.

”راجن هن جمعي تي اسڪول بند آهي نه؟ ٿي ڏينهن مها بليشور هلندين؟“

راجن ڪنڌ مٿي ڪري ممي‌ءَ ڏانهن نهاري ٿو.چهري تي ٿوري رونق اچيس ٿي.“ها ممي هلندا....سين“

”اسان جي ڪلب جي ليڊيز هڪ پڪنڪ جو بندوبست ڪيو آهي پنهنجين فيملين سان گڏ.پاپا کي اڄ چونداسين پاپا قبول ڪري ته هلنداسين مزو ايندو نه؟“

”ها ممي“

ٻاهر موٽر بيهڻ جو آواز ٿئي ٿو.ٿوريءَ دير ۾ رميش هٿ ۾ بريف ڪيس ڪٽي اندر گهڙي ٿو.اچڻ سان راجن جي وارن ۾ هٿ ڦيري ٿو.“هاءِ سن“

”هاءِ پاپا“

رميش باٿ روم ۾ وڃي ٿو.ٽوال سان منهن اُگهندو ٻاهر اچي ٿو.ميز جي پرسان ڪرسيءَ تي ويهيپڪوڙا کائڻ شروع ڪري ٿو.سنيتا چانهن پاٽي شروع ڪري ٿي.

سنيتا:“ٻڌو اسان جي ڪلب جي ليڊيز هن ويڪ...اينڊ تي مها بليشور جي ٽرپ جو بندوبست ڪيو آهي.فئملين سان گڏ. راجن کي جمعي ڏينهن موڪل آهي.توهين به ٻه ڏينهن موڪل وٺو.ڪيڏو نه لطف ايندو.“

راجن پنهنجيون وڏيون وڏيون اکيون ڪٽي مٿي پيءُ ڏانهن نهاريو ٿوري دير خاموشي.

”مون کي ڪونه هلڻو آهي؟“

”مان پُڇي سگهان ٿي تہ ڇو؟“

”آرتوار ڏينهن شام جو اشوڪ جي گهر ميٽنگ رکي وئي آهي.تنهن ڪان سواءِ تنهنجين ساهيڙين جي مڙسن جي ڪمپنيءَ ۾ مون کي مزو ڪونہ ايندو.“

”مگر اسان تنهي لاءِ مهابليشور جي آبهوا خوشگوار ۽ مفيد ٿيندي پليز“

”مون چيو نہ تہ مان ڪونہ هلندس.راجن بہ ڪونہ هلندو سمجهئہ نہ؟توکي ڪپي تہ تون وڃ پنهنجين ساهيڙين سان گڏ.“

راجن جي چپن ۾ چرپر اچي ٿي ۽ اهي لرزڻ لڳن ٿا.جن کي هو پنهنجن مٿين ڏندن سان پڪڙڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.

آهستي آهستي هُو اُٿي ٻاهر نڪري وڃي ٿو.باغ جي بينچ تي ويهي چهرو گوڏن ۾ لڪائي زار زار روئڻ ٿو لڳي.

ڊاڪٽر جي ڪلينڪ جو ڪمرو

هڪڙي ڪُنڊ ۾ ڊيسڪ پيئي آهي.ٻئي پاسي هڪ سوڙهو پلنگ جنهن جي مٿان سفيد چادر وڇايل آهي.شيشي جي ڪٻٽ ۾ دوائن جون ٻاٽليون پيون آهن.

ڊيسڪ جي سامهون واريءَ ڪرسيءَ تي ڊاڪٽر پاسي واري ڪرسيءَ تي سنيتا سامتاڻي ۽ سنيتا جي سامهون واري ڪُرسيءَ تي رميش سامتاڻي ويٺا آهن.

رميش منجهيل پنهنجو مٿو ٻنهي هٿن ۾ جهلي ويٺو آهي.سنيتا ڪنڌ هيٺ ڪري هلڪا هلڪا سڏڪا پري رهي آهي.۽ رومال سان اکيون اُگهي رهي آهي.

سنيتا ”ڊاڪٽر ڊاڪٽر ڪجهہ ڪريو! منهنجي راجن کي بچايو اسان ڪانوڏيڪ برداشت نہ ٿو ٿئي.“سڏڪا پري روئي ٿي.

ڊاڪٽر:“مسز سامتاڻي مون توهان کي وري وري چيو آهي تہ توهين پاڻ کي ضابطي ۾ رکو،ڪنٽرول ۾ رکي توهان جو روئڻ رڙڻ ڪيس وڌيڪ ڪمزور بڻائيندو.پهرين روئڻ بند ڪريو ۽ تڏي سيني مونکي ٻڌايو تہ ڪالهہ ڇا ٿيو؟“

سنيتا اُٿي واش بيسن ۾ منهن ڌوئي ٿي،نڪ صفا ڪري.چهرو اُگهي ڪرسيءَ تي ويهي ٿي.

”ڊاڪٽر راجن ڪوشش ڪري ٿو پر ڳالهائي نہ ٿو سگهي.ممي ۽ پپا اڪر بہ ڏاڍي مشڪل سان وات مان ٿا نڪرنس.نہ ڪلي ٿو نہ ڳالهائي ٿو رڳو پيو ئي پيو آهي اوننگهہ ۾“

ڊاڪٽر :“اها چنتا ڪرڻ جي ڳالهہ ناهي ڇو جو اهو منهنجين دوائن جو اثر آهي رات جو ڇا ٿيو؟“

سنيتا ”ڊاڪٽر رات جو بہ دفعا راجن واڪا ۽ ڪيڪونڪري اٿيو“وري روئڻ ٿو اچي وڃيس.پر پاڻ کي روڪي ٿي وڃي.

”ساري ڊاڪٽر راجن جو سڄو بدن پگهرجي ويو ۽ ڇپ ڦڙڪڻ لڳس.مون راجن کي پنهنجي سيني سان لڳائي ڇڏيو.هو بہ مونکي چنبڙي پيو.آهستي آهستي پيار ڪري سمهاري ڇڏيو مانس.“

ڊاڪٽر:“هي توهان ٻنهي جي صبر جو امتحان آهي صبر ڪندا ۽ جيئن مان چوان ٿو تيئن ڪندا تہ راجن ٺيڪ ٿي سگهي ٿو.“

سنيتا:“ڊاڪٽر صاحب توهانکي راجن کي ٺيڪ ڪرڻو ئي پوندو.سائڪياٽريءَ هيڏي ترقي ڪئي آهي.ڇا اسان جي جگر جو ٽڪرو ابهم ٻار اسان جي اکين اڳيان پيو پيڙا پوڳيندو؟نہ نہ ڊاڪٽر نہ! مان هٿ ٿي جوڙيان پيرين ٿي پوان.منهنجي لعل کي بچايو“(وري اڇي ٿي روئڻ ۾ ڇتڪي)

ڊاڪٽر(زور سان) مسز سامتاڻي بس ڪريو.جذباتڻ نہ ٿجو توهان جي جذبات اڳ ۾ ئي گهڻو ڪجهہ بگاڙيو آهي .هاڻي شانت ٿي وڃو.هن وقت توهان جو صبر ۽ ضابطو ئي ڪم ايندو.ٻيو ڪجهہ بہ نہ سمجهيو ڳالهہ؟توهان ٻنهي زال مڙس ٻار اڳيان جهڳڙا ڪري معصوم ٻار جي دل جي نازڪ شيشي کي ڇيهون ڇيهون ڪري ڇڏيو.ڇا توهان جو اڃا ڊوءَ نہ ٿيو آهي؟توهان کي ڏکي ڏسي روئندو ڏسي راجن اڃا بہ وڌيڪ بيمار ٿي پوندو(سنيتا هلڪا هلڪا سڏڪا) پنهنجي ٻار جي خاطر پنهنجي جگر جي ٽڪري جي خوشيءَ خاطر توهان کي خوش رهڻو آهي.توهان جي دل ڀلي روئي پر ٻاهران ڪلڻو اٿو.پنهنجين ڀُلن پنهنجين خطرناڪ چُڪن جو پرائشچت(پڇتاءُ) ڪرڻو پوندو...ڪندا؟اٿو قبول؟“

سنيتا ۽ رميش گڏ(روئي روئي) ”ها ڊاڪٽر ڪجهہ بہ ڪنداسين“

ڊاڪٽر“روئي روئي نہ مُشڪي مشڪي ،کلي کلي“

سنيتا ۽ رميش(زوري ءَمشڪي) ”ها ڊاڪٽر اسين ڪجهه به ڪرڻ لاءِ تيار آهيون“

ڊاڪٽر: ”گُڊ پنهنجي چنتا ۽ ڳڻتي راجن اڳيان ظاهر نه ڪريو.پاڻ ۾ پريم ڏيکاريو.“ ٻئي ڪنڌ ڌوڻين ٿا.

ڊاڪٽر:“جيئڻ جيئڻ توهين روئڻ بند ڪندا واه وواه بند ڪندا.جذبات جو نماءُ بند ڪندا پيار ۽ خوشيءَ جو اظهار ڪندا.راجن ۾ فائدو ڏسڻ ۾ ايندو.ان ڳالهه جي مونکي خاطري آهي.توهان جي سهڪار سان ئي مان اڳتي وڌي سگهندس.“

رميش:“پر ڊاڪٽر راجن نيڪ ڪڏهن ٿيندو؟“

ڊاڪٽر:“اهو چوڻ ڏکيو آهي.هاڻي توهين ٻاهر وڃو ۽ راجن ڪي اندر وني اچو.(ٻئي وڃڻ لاءِ اٿن ٿا) ياد ڪجو مون توهان ڪي ڇا چيو آهي؟“

ٻئي ڪنڌ ڌوڻين ٿا ۽ ٻاهر وڃن ٿا.

ٿوري دير ڪان پوءِ نرس جي مدد سان راجن ڪي اندر وني اچن ٿا.هڪ پاسي ماءُ جي ۽ ٻئي پاسي پيءُ جي ڳلي ۾ ٻانهن وجهي راجن آهستي آهستي مندڪائيندو اندراچي ٿو.پنياننرس هن ڪي چيلهه ڪانپڪڙي پئي هلي.ٿيئي ڳڏجي هن ڪي پلنگ تي ليٽائن ٿا.

وڏيون وڏيون اکيون ڦاڙي راجن ڊاڪٽر ڏانهن وائڙن وانگر نهاري رهيو آهي.

رميش ۽ سنيتا راجن ڏانهن نهاري زوريءَ مشڪن پيا.هڪ ٻئي ڏانهن نهاري به مشڪن پيا.رميش سنيتا جو هٿ تو پڪڙي ۽ هن جي وارن تي هٿ تو ڦيري.سنيتا ڏانهن نهاري مشڪي ٿي.راجن وري عجب ۾ ٻنهي ڏانهن تو نهاري ڪڏهنپيءُ ڏانهن ته ڪڏهن ماءُڏانهن.

راجن جي چپن تي مني مرڪ اچي ٿي.هو ماءُ پيءُ ڪي هلڪو هلڪو گونگو مشڪندو ڏسندو تو رهي.سنيتا ڊاڪٽر ڏانهن نهاري تي ڊاڪٽر مشڪي ڪنڌ ڌوڻي تو ڄڻ ته هنن ڪي شاباس ڏيئي رهيو آهي ۽ ڏيئي رهيو آهي ڏڍ“!

◈

# هاڻي بس بہ ڪر !

جڏهن مکيہ مهمان جي واقفيت ڏيڻ واسطي پروفيسر بتاڻيءَ مائيڪ طرف وڌيو تہ مکيہ مهمان ڪمليشون جي هٿن ۾ پنن جي ٿهي کي ڏسي.پر ۾ وينل پرنسپال صاحب کي چيو“مهرباني ڪري پروفيسر کي چئو تہ پنهنجي تقرير کي مختصر ڪري.مان هن جي مبالغي کان واقف آهيان”

پر پروفيسر بُتاڻيءَ جو ڀاشن شروع ٿي چڪو هو.“ڪمليشور جي پريچيہ(سجاڻپ) ڏيڻ سورج کي ديپڪ جي روشنائي ڏيکارڻ مثل آهي.هو جو ڪوي سمراٽ آهي.اُپنياس(ناول) جو راجا آهي.هو پنهنجي ڪلپنا شڪتيءَ سان پاڻ بہ عرش جو سفر ڪندو آهي تہ ٻين کي بہ ڪرائيندو آهي.هڪ ڪويءَ چيو آهي“جتي نہ پهچي روي اُتي پهچي ڪوي”هو سچ تائين پهچي سگهندو آهي.چنڊ ۽ تارن تائين پهچي سگهندو آهي.هو سنڌي ساهت جو بي تاج بادشاهہ آهي.سنڌي ساهت ۾ هن جو نالو سدا روشن رهندو...............

مکيہ مهمان بي آراميءَ وچان پنهنجي ڪرسيءَ ۾ جُري پُري رهيو هو ۽ چنتا ڀري درشتيءَ سان پرنسيپال ڏانهن نهاري رهيو هو ۽ پريچيہ هلي رهيو هو“هن جي جيون مان ٻين کي سکيا وٺڻ گهرجي.هو هڪ آدرش پتي آهي آدرش پُٽ آهي ۽ آدرش پتا آهي............................”

”اڙي! هو منهنجي شخصي جيون جي باري ۾ ڇو ڳالهائي رهيو آهي؟“

”جيڏا آڪاش ۾ ستارا آهن اوترا ئي هُن جا گُڻ آهن.........“پروفيسر بتائيءَ جي چُپ ٿيڻ جا ڪي آثار نظر نہ اچي رهيا هئا.هو ساڳئي لهجي ۾ ساراهہ جون پُليون ٻڌندو پئي ويو ۽ مائيڪ تي پنهنجي گجندڙ آواز تان ٻلهار ٿيندو پئي ويو.واقفيت پنهنجي وقت جي حدن ۽ مريادائن کي لتاڙي چڪي هئي.

جيئن تيئن فنڪشن سمايت ٿيو.ٿورن مهينن ڪانپوءِ اهو ساڳيو پروفيسر بتائي الائي ڇو ڪمليشور جي ڪنن تي پيو تہ هو هن جي نندا ڪري رهيو هو“هي ڪمليشور پاڻ کي سمجهي ڇا ٿو؟ڇا هن شهر جو هڪ واحد ليکڪ هُو ئي آهي؟ڇا اسين سڀ مري ويا آهيون؟يا اسان جي ڪا هستي ئي ناهي.پنهنجي ايڊٽ ٿيل رسالي ۾ مون کان رچنا جي گهُر نہ ڪيائين! هو ايڊيٽر بڻجڻ جي لائق ڪٿي آهي؟ڪنهن ٺاهيو آهي هن کي ايڊيٽر؟اچي منهنجي سامهون بيهي ڪري ڪوتا پاٺ.تي وجي پلي ڇتا پيتي هن جي مون

سان! ڏسون ڪير تو گٽي؟هوندو امير پنهنجي گهر جو اسين ٻه گهٽ ڪونه آهيون؟

اهي ڳالهيون ٻُڌي ڪمليشور مشڪي وينو پنهنجن جذبن ۽ لفظن ۾ ميزان رکڻ هر ڪنهن جي وس جي ڳالهه ناهي.هڪوار شروع ٿئي تو ته بس ئي نه ٿو ڪري.

◈

## ماءُ جي پيرن هيٺان.........!

”سما ٻڌ اڄ وري گهر ۾ زبردست جهڳڙو ٿيو آهي.اصل مارڪٽ ٿيڻ لڳي“

”ڪنهن، ڪنهن تي هٿ هلايو“

”مما توکي خبر آهي ته جڏهن هوءَ غصي ۾ ايندي آهي ته الائي ڇا ڇا ڪندي آهي.مون کي ڌڪ هڻڻ شروع ڪيائين ۽ مون به ته ٿي هنيا مانس.“

”پٽ هي توهين ڇا ڪري رهيا آهيو؟هيءَ ڳالهه نهي ٿي؟“

”مما مان ڇا ڪريان؟هوءَ توکي گنديون گاريون ٿي ڏئي ۽ چوي ٿي ته مان به هن کي سُر وٺايان.نه ته هوءَ ڪجهه ڪندي.مون کي گهر کان ٻاهر ڪري ڇڏيندي ۽ ببلوءَ کي پاڻ وٽ رکندي“

”پٽ تيکي همت ڪان ڪم وٺڻو پوندو.“

”مما هوءَچوي ٿي ته مان ماءُ جو مجو آهيان.چو ته مان هر ڪا ڳالهه توکي ٿو ٻڌايان.“

”ته نه ٻڌاءِ نه مون کي! توهين زال مڙس پاڻ ۾ خوش رهو.مون کي ٻيو ڪجهه به نه گهرجي.“

”مما هوءَ ٿي چوي ته مان توکي فون تي گنديون گنديون گاريون ڏيان.هن کي اهو سڀ ٻڌي خوشي ٿيندي.مون کي ثابت ڪري ڏيکارڻو آهي ته مان ماءُ جو مجو ناهيان نه ته ته هوءَ.............!“

”نه ته ته هوءَ ڇا ڪندي؟“

”نہ نہ مان نٿو ٻڌائي سگهان توکي....ٻڌ مما هن وقت مان ٻاهران وينو فون ڪريان.ڊهنمنٽن بعد گهر پهچي.هن جي اڳيان توکي گاريون ڏيندس.تون ڏک نہ ڪجانءِ اهو رڳو هن کي خوش ڪرڻ واسطي ڪندس.تون رڳو ڳالهيون ٻڌج.“

”چڱو پٽ“

ٿوري دير بعد فون جي گهنٽي وڄي ٿي.

”مما تہ مون تي ۽ منهنجي سونوءَ تي ظلم ڪيا آهن.تون ظالم آهين؟“

”ڇا پيو چوين؟“

”مما تون ڪِني آهين.تون خراب سَسُ آهين.تو پنهنجي ننهن کي ڏک ڏنا آهن.مان توکي معاف ڪونہ ڪندس.“

”ڇا“

”تو منهنجي زندگي برباد ڪئي آهي.“

”.........................................“

”تو اسان ٻنهي جي زندگي برباد ڪئي آهي؟“

اهڙيءَ طرح هن جو فون تي گارين جو وسڪارو ٿيندو رهيو.مما چپ چاپ ٻڌندي رهي پوءِفون ڪٽ ٿي ويو.پندرهن منٽن بعد وري فون وڳو“مما هاڻي مان ٻاهران فون تي آهيان.مما ساري مما مون کي معاف ڪج.“نہ پُٽ“

”مما مون تنهنجي دل کي ڏکويو آهي.اهو مون رڳو هن جي چوڻ تي ڪيو.رڳو منهنجي وات ڪيو دل ۾ نہ ڪيو آءِ لو يو مما ساري ساري“

”پٽ ساري چوڻ جي ضرورت ناهي“

”چو“

”هوءَ چوي تي تہ مما جو ڪوبہ رد عمل ئي ڪونہ ٿيو!“

”هن کي ڪهڙي خبر؟“

”هن فون جي اسپيڪر جو بٽڻ آن رکيو هو ۽ هوءَ سڀ ٻڌي سگهي ٿي.هوءَ چوي ٿي ته ”مما ڪاوڙ ڇو نه ڏيکاري؟نه ئي هُن رُنو.هنکي غصو اچڻ گهربو هو.هوءَ هن کي اجا سنتوش نه مليو آهي.“

”مان رات جو وري گهران هُن جي اڳيان فون ڪندس ۽ وري گاريون ڏيندس.تون ريئيڪٽ ڪج ۽ موٽ ۾ مون کي گاريون ڏج.“

”مان ؟گاريون ؟“

”ها مما توکي ڪرڻو پوندو.مما منهنجي صدقي پليز!“

”چڱو پٽ مان ڪوشش ڪنديس“

”ڪوشش نه توکي ڪرڻو پوندو مما پليز!........نه ته هوءَ.....“

”هوءَ ڇا؟“

”نه نه مان ٻڌائي ڪونه سگهندس“

هن فون رکي ڇڏيو.

رات جو مانيڪائي مما اجا ليٽڻ جون تياريون ڪري رهي هئي ته فون جي گهنٽي وڳي.

”توکي ڪو شرم آهي يا نه؟“

پهرين ته مما گهٻرائجي ويئي پر پوءِ ”شرم ته توکي ناهي جو ماءُ کي گاريون ٿو ڏين؟“

”تون ڪهڙي ماءُ آهين؟تومنهنجي حياتي تباهه ڪئي آهي“

”حياتي ته تو منهنجي تباهه ڪئي آهي“هاڻي هوءَ روئڻ لڳي هئي“

”مان توکي ڏسي وٺندس.“

”ڏسان ٿي ڇا ٿو ڪرين؟“هوءَ وڏيڪ روئي رهي هئي،

”تون مون کي ڪتي جو ڪونه رکيو آهي.توکي پرڻائي ڦاسجي ويئي آهيان“هن جي وات مان اکر ڏکيا ٿي نڪتا.

”ها تنهنجي ته مرضي هئي ته مان ڪنوارو ٿي رهان“

”ها اهو سچ آهي“

پٽ پنهنجي فون جي اسپيڪر جو بٽڻ آن رکيو هو ۽ ننُهن ٻنهي ڌرين جي گفتگو ٻڌي رهي هئي.هن جي چهري مان خوشي بکي رهي هئي.هوءَ مڙس کي گاريون ڏيڻ لاءِ اتساهه ڏيارائي رهي هئي.ڪيس نيون نيون گاريون ٻڌائي.مدد ڪري رهي هئي.نيٺ جڏهن سندس سنتوش جو پيالو پُر ٿيو ۽ پوري خوشي ملي ته هن جو اُن جو اظهار ڪيو ۽ مڙس کي بس ڪرڻ جو اشارو ڏنو.مڙس فون جو چوغو رکي ڇڏيو.ان کان اڳ فون تي مما جي اوچنگارن جو آواز برابر اچي رهيو هو.

هن پاسي ماءُ فون رکي اکيون پوري ڇڏيون سندس روئڻ بند ٿي چڪو هو ۽ ڪيس چڻ ته سُن وني ويئي هئي.

ڪجهه وقت ڪانپوءِ وري فون وڳو.

”مما آءِ ايم سوري ..مون کي معاف ڪر ساري ساري“

”هاٽي ڪنوار خوش ٿي؟“ هن نرليپ ڀاوءِ سان چيو

”ها مما!“

”۽ تون به خوش آهين“

”ها مما هوءَ خوش ته مان به خوش توکي خبر آهي نه نه ته هوءَ............“

”ٻئي خوش هجو شال“مما ڍرڪندڙ آواز ۾ چيو.

◈

# واڪنگ، واڪنگ اسٽڪ

”ترسو ترسو انڪل ! موٽر مان نہ لهو!“موهت چيو.

”ڇو ڀائي ڇو نہ لهان؟“

”انڪل اڃا گاڏي ڇٽڻ ۾ جام ٽائيم آهي پورو اڌ ڪلاڪ“

مگر هيٺ لهڻ ۾ ڇا آهي؟“

”ٻڌو منهنجي ڳالهہ! هيءَ ڪهڙي واڪنگ اسٽڪ ڪنئي اٿو پاڻ سان“

”ڇو ڪهڙي خرابي آهي هن ڪاٺيءَ ۾.“

”اڙي انڪل ڪمال ٿا ڪريو ! وڃو پيا هاليڊي تي هِل اسٽيشن تي رهندا اُوچي سُنيءَ هوٽل ۾ اهڙي واڪنگ اسٽڪ! توبهہ توبهہ اڙي منهنجا انڪل آهيو.ڪجهہ تہ منهنجي اسٽيٽس جو خيال ڪريو!.“

”تہ ڇا ڪريان؟“ انڪل عاجزيءَ وچان چيو.

”اسٽائيل انڪل اسٽائيل مون کان سکو.“

”الائي ڇا پيو چوين؟“

”مون کي پنج منٽ ڏيو نہ نہ ست منٽ توهين گاڏيءَ مان هيٺ نہ لهو مان اڃهو آيس.“

موهت جهٽ ڪاني ڪٽي اڳيان وڌيو.هن کي جاڻ هئي تہ گاڏي پليٽ فارم نمبر پهرئين تي بيٺي هئي ۽ گاڏو cc-2 گيٽ جي بلڪل سامهون بيهندو آهي.هو ٽڪڙو ٽڪڙو گاڏيءَ ۾ چڙهي پيو.هڪ دروازي کان چڙهي.گاڏي جو جائزو وني ٻئي دروازي کان لهي ويو.هڪ قُلي هڪ پارسي عورت جو سامان مٿي تي کٽي گاڏي طرف وڌي رهيو هو.اها عورت پنهنجي ڪنهن مائٽ جو هٿ پڪڙي آهستي آهستي پنڌ ڪري رهي هئي.امت قُلي کي انڪل جي ڪاني ڏيندي اشاري سان ۽ پٽڪي ۾ ڪجهہ چيوقُلي ڳالهہ سمجهي ويو.


www.sindhsalamat.com

قُلي وري ان عورت کي ڪاٺي ڏيندي چيو“مڊم؟هن اسٽڪ جي مدد سان پنڌ ڪريو توهان کي سولائي ٿيندي.“

پهرين ته ان عورت هن ڏانهن عجب وچان نهاريو ۽ پوءِ لٺ وٺندي چيو“او بليس يو ماءِ سن.“

گاڏو ته ويجهو ٿي هن قُليءَ عورت کي گاڏيءَ ۾ سولو ويهاريو.

عورت هن کي واپس ڪرڻ لاءِ لٺ وڌائي.

”مئڊم توهين هنکي پاڻ وٽ رکي سگهو ٿا.توهان کي لوٽا والا ۾ ڪم ايندي.“

”رکانپڪ.“

”ها مئڊم.“

مئڊم هن کي ڏهين رپئي جي بدران پنجاهه رپئي جو نوٽ ڏنو ۽ آشيرواد پڻ.

”بليس يو ماءِ سن!.“

گاڏي مان هلندي قليءَ چيئر ڪار جي پت تي لڳل هڪ هُڪ تي لٽڪيل.هڪ نئين چلڪنڊڙ واڪنگ اسٽڪ کي ڪٽي ورتو.ان جو مالڪ پنئين دروازي وٽ اخبار خريد ڪري رهيو هو.قلي تڪڙو تڪڙو اڳئين دروزي ڪان هيٺ لهي ويو.ٻاهر بيٺل نوجوان کي هن اها لٺ سپرد ڪئي.جنهن جي عيوض هن وري هن کي پنجاهه روپيا خرچي ڏني.

”هان انڪل ونو هيءَ نئين شاندار لٺ.“موهت واچ ۾ نهاريندي چيو”پورا ست منٽ لڳا.“

”اڙي تون ته ڪو جادوگر آهين؟“ انڪل خوش ٿي موٽر مان لهڻ لڳو.cc-2 ۾ چڙهي انڪل اها چڙي پنهنجي پنيان پت تي هڪ هُڪ تي لٽڪائي ڇڏي.

لوٽا ولا اسٽيشن تي لهڻ لاءِ پهرين اُن چڙي جو اصلي مالڪ اُٿيو.

”اڙي منهنجي اسٽڪ ڪاڏي وئي؟“مون ته هن پاسي رکي هئي.“هن پٽڪندي چيو ۽ ٻئي پاسي نهاريو.“اڙي هوڏانهن ڪيئن ويئي هلي.“

”بداپي ۾ ائين ٿيندو آهي شايد وسري ويم ته ڪٿي رکي هئم.“

هن اها استڪ ڪٽي ورتي ۽ ان کي پڪڙي هيٺ لهڻ لڳو.

ٻڍي مائي به ڪاني پڪڙي هيٺ لهڻ لڳي.

جڏهن انڪل اٿيو ته ڪاني نادارد هُڪ تان ڪيئن گُم ٿي ويئي؟هن چوڌاري نهاريو.تڏهن هن هڪ مسافر کي ان ڪانيءَ جي آڌار سان پليٽ فارم تيلهندو ڏٺو.هن جي سامهون ئي هڪ ٻڍي پارسياڻي سندس ئي لٺ جي سهاري هلندي پئي ويئي.سندس ئي جهوني لٺ هئي.پر هو چوي ڪيئن ته اها سندس ئي لٺ هئي.

هن کي لڳو ڄڻ ته ٻئي ڄڙيون پاڻهي ٻنڌ ڪنديون.هن جي هٿ کي ڄڏي ٻين جي هٿن هليون ويون.هو لاچاريءَ وچان هيڏانهن هوڏانهن نهارڻ لڳو.

”منهنجا ته ٻه ويا ته ڇهه ٻه ويا. هاڻي هاڻهن جي ساگر مان ٻنا ونجهن جي ڪيئن پار پوندس؟مان ته ترين مان لهي به ڪونه سگهندس؟“نيٺ هن هڪ قُلي جي مدد گهري.هن جي ڪلهي تي هٿ رکي هيٺ لهڻ لڳو.

”سيٺ اوهين لوناولا ۾ اڪيلا بنا ڄڙيءَ جي آيا آهيو؟“

”اڙي منهنجي استڪ چوري ٿي ويئي آهي“ هن نرڙ تان پگهر اگهندي چيو.

”مون کي ڪاٻه ڄڙي آڻي ڏي ڪتان به ڪهڙي به.“

”سيٺ پليٽ فارم ڪان ٻاهر وڃڻو پوندو.“

”هان هي وٺ پنجاه جو نوٽ ڪاٻه ڄڙي سنهي ٿلهي ڏنگي ڀاڏي جهوني نئين آڻي ڏي“.

قُلي ڪانئس نوٽ وٺي ٻاهر نڪتو.ٻاهريون گيٽ ته ڇگو پري هو پر قُلي ان پاسي ڪونه ويو.انڪل کي لڳو ته هو ٻئي پليٽ فارم تي وڃي رهيو هو.پر هن کي پڪ ڪانه هئي.ٻاڙهين وردين ۾ سڀ قُلي ساڳيا پئي لڳا.“وري هن عمر ۾ اڪيلو سفر ڪونه ڪندس.“هن فيصلو ڪيو

ٻين پليٽ فارمن تي ٻه ٻه گاڏيون آيون هيون.هڪ بمبئي ڏانهن پئي وئي ته ٻي پوني طرف ٻئي چيئر ڪارس واريون پئي لڳيون.

ٿوري دير ۾ قُلي ڄڙي ڪٽي واپس آيو ۽ هن کي هٿ ۾ ڏنائين.

”اڙي هيءَ ته اگين بن چڙين کان گهٽي گهٽي اُچي آهي.بلڪل چلڪي پيئي.شايد ولايتي آهي.ها ها ميڊ ان يو ڪي ۽ فولڊنگ به آهي.واه خوب مهانگي هوندي.“ هو سوچي رهيو هو.

”تو هيءَ ٻاهران خريد ڪئي؟“

”ها صاحب“

”پنجاهه رپئي ۾“

”نه صاحب هيءَ مهانگي آهي.سو رپئي جي .پنجاهه روپيا ٻيا به ڏيو.“

انڪل ڪيسي مان پنجاهه رپئي جو نوٽ ڪڍيو ۽ هن کي ڏنو.

”صاحب هيئن ڇو ٿا نهاريو؟مون ته توهان جو ڪم ڪيو؟“

”ها تو منهنجو ڪم ڪيو.“ پر هو سوچي رهيو هو هيءَ ڇڙي ته سو روپينڪان به وڌيڪ مهانگي آهي.پڪئي پڪ ...وڏي ڳالهه ته هن کي ان ننڍڙيءَ اسٽيشن جي ٻاهران ڪيئن ملي؟“

پوءِ به هو آهستي آهستي ڇڙيءَ جي سهاري گيٽ طرف وڃڻ لڳو.

◈

## ڇهري مٿان ڇهرا

”راج ڏس ته سهين سُشما پنهنجي شڪل صورت روپ رنگ جي ڪيڏي تي سنڀال رکي! ڏس ته ڪهڙي سلم(slim) ۽ سوڏي پئي لڳي! ڪنهن ائڪٽريس کان شڪل شبيهه ۾ گهٽ ته ڪانهي!“

”اڙي پريتي ان ڳالهه کي نه وسار ته ڪنهن زماني ۾ هوءَ“مس پونا“ رهي چڪي آهي ۽ راشٽريه سطح تي هوءَ انعام کٽي چڪي آهي.تنهن ڪانسواءِ هوءَ ماڊل به ته رهي چڪي آهي،ڪنهن وقت“

”ها ڪنهن وقت! هن وقت هن جي عمر گهٽي هوندي؟ جوان جماڻ ڌيءَ اٿس ذري گهٽ

سَسُ ٽيڻ واري آهي."

"هن جي عمر چاليهن پنجيتاليهن سالن جي وچ ۾ هوندي ضرور."

"پوءِ به ڏس نه کهڙي نه ناهوڪي پئي لڳي.چهري تي عمر جا نشان ڪٽي اٿس؟" پريتيءَ چيو.

"مجال تي .پر هوءَ پاڻ تي محنت به ته ڪيڏي تي ڪري! سڄو ڏينهن جم(gym) ۾ پيئي آهي.ڊائيٽنگ به زبردست ڪندي رهندي آهي ۽ پارلر ته آهن ئي آهن."

"ها ان طرح جي اوچي طبقي جون عورتون جيڪي پروفيشنل ناهن يعني اسان وانگر نوڪريون نه ٿيون ڪن.انهن کي ته بس وقت ئي وقت آهي ۽ سهوليتون به ته هر طرح جون ميسر آهن."

"سندس ڏيراڻي رتو به ته ان ساڳي قطار ۾ آهي."

"ها چو نه هي سوسائٽي ليڊيز ائين ئي آهن.پنهنجي شڪل ۽ فگر مينٽين ڪرڻ ۾ استاد هنن ۾ چٽا پيتي به ته زبردست آهي.هر ڳالهه ۾ ڪپڙن ۾ ،فيشن ۾،موٽرن ۾ ،ايتري قدر جو موبائيل فون ۾ به ڪنهن جو موبائيل گهٽي ۾ گهٽو ماڊ آهي مهانگو آهي ۽ بهترين."

ٻئي کلڻ لڳن ٿيون."ٻالڪيون آهن جڻ ته." راج چيو

"ڇا ٿيون ڪپڙا پائين ۽ ڇا ٿيون شاپنگ ڪن."

"مگر سشما جي گهوٽ پريم جو نالو ته اهڙو سنو ناهي."

"اهڙو سنو ناهي جو مطلب ڇا؟."

"اڙي سڄو ڏينهن ريس ڪورس تي پيو آهي ياڪلبن ۾ ساهيڙيون به جام اٿس"

"تون ئي ٻڌاءِ ساهيڙيون ڪنهن کي ڪونهن؟اهو به ته فئشن آهي اسان جي طبقي جو سُشما وري ڪهڙي کير ۾ ڌوتل آهي."

"يعني"

"ڇا توکي خبر ناهي؟" هن جا ڪيترائي افيئرس پيا هلن لڳاتار اڄ هِن سان سڀان هُن

سان“

”واقعي! ڏاڍيون عجيب ڳالهيون ڳالهيون ٿي رهيون آهن.اسان جي سوسائٽيءَ ۾ ڄاڻ سڃاڻ سڀ ٺا پر ڪجھ ڪونه ٺا.مڙسن ڪي ساهيڙيون آهن ته زالون به گهٽ ڪونهن.اهي به ته دوست رکي وينيون آهن.

”وقت بوقت بدلين به پيون.“

”ٻاهران سڀ نيڪ ناڪ لڳي رهيو آهي پر اندر وڏا گهوٽالا آهن.“اوڏي مهل سشما ڪلنڊي ٿڙندي هنن جي گروپ وٽ آئي ۽ هڪ خالي ڪرسي ڇڪي ويهي رهي.“هلو راج! هاءِ رتو ! توهين سڀ آرام سان آهيو نه؟سڀ اوڪي آهي نه؟“

”او ييس بلڪل فرسٽ ڪلاس نائيس پارٽي!“

”ٿئنڪ يو توهان سيني ڪي ڊرنڪس وغيره ته هٿن ۾ آهن نه؟او گڊ ويٽر ويٽر هتي سنئڪس وغيره سَروِ ڪر“هن ويٽر کي سڏيندي چيو..

”سشما تون اسان جي چنتا نه ڪر.اسين مزي ۾ آهيون.تون پنهنجي ٻين مهمانن ڪي وجي ڏس پلي!“

”اوڪي“ چئي سشما ٻينمهمانن جي سنڀال لهڻ هلي ويئي.اها ئي ڪلنڊڙ مشڪنڊڙ ڇهه ٻهه ڪندڙ سشما.

ٿوري دير بعد.

”ڪهڙي سوچ ۾ پئجي وئي آهين پريتي؟“

”مان سوچڻ لڳي آهيان راج ته هو صحيح آهن يا اسين صحيح هيون سين.“

”مان سمجهي ويس ته تون ڇا ٿي چوڻ چاهين؟“

”ڏس هي ڪيئن سمجهوتا ڪري وينيون آهن! ڇهري تي ڇهرو لڳائي پيون گهمن ڦرن! هنن جا ته گهر ڪونه ڊنا نه؟هي سڀ ته ٻنهي جهانن جا سُک ماڻي رهيون آهن.اسان هٿ وٺي پنهنجو سڀ ڪجھ وڃايو.“

”اڃايو پاڻ تي افسوس نه ڪر.اسان جيڪي ڪيو سوچي سمجهي ڪيوسين.جيڪا ان وقت جي تقاضا هئي.ان ڪي منهن ڏنو سين.ڇا تون هنن وانگر ٻهروپي جيون گهاري

سگهين ها؟اندران هڪڙي ۽ ٻاهران ٻي؟“

”اصل ۾ نہ هرگز نہ اهو ممڪن ڪونہ هو اهائي تہ اسان جي ڪمزوري آهي؟“

”اها ڪمزوري ناهي .اها اسان جي طاقت آهي.“راج پختي لهجي ۾ چيو.

”ڏس اسين ٻئي ساڳيءَ ڪشتيءَ جي ياترا ڪري رهيون آهيون.تو پنهنجي مرضيءَ سان پنهنجي مڙس کي ڇڏيو توکي پنهنجا سبب هئا.اسين برداشت نہ ڪري سگهيون سين ۽ الڳ ٿي ويون سين.“

”پر ڪيڏو ڀوڳڻو پيو! اسان کي تہ جدوجهد ڪرڻي پئي پر ٻارن کي بہ ٻي گهر ٽيڙو پيو.ڪيڏو سَنو آهي هنن ويچارن.“ پريتيءَ چيو.

”پر نيٺ پار پيون سين نہ؟ گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي سوايمان کي قائم رکي سگهيون سين! آهي ايئن يا نہ؟“

”تون ڇا ٿي سمجهين هنن جا ٻار ڪونہ ڀوڳيندا هوندا؟سڀ اکين سان ڏسندا هوندا ،سمجهندا هوندا هنن جي اڳيان ڪهڙا مثال آهن؟“

”پر اسين فيصلو ڪرڻ وارا ڪير آهيون؟“پريتيءَ تياڳ جي ڀاونا“ سان چيو.

”ها سچ ٿي چئين اسين چو ٻين جا فيصلا ڪريون؟اسان پنهنجي جيون جا فيصلا پنهنجي سمجهہ مطابق ڪيا.“

”اڙي توهين ڪهڙين ڳنڀير ڳالهين ۾ غلطان آهيو؟“ونيتا جي آواز ٻنهي ساهيڙين کي چونڪائي ڇڏيو.“

”ها ڀائي ڏسو بہ پروفيشنل ۽ انٽليڪچوئل ليڊيز ڪنهن پيچيده ڳنڀير مسئلي جو حل ڳولهڻ ۾ رُڌل آهن“ ونيتا جي گهوٽ سنجوءَ هنن کي چيڙائيندي چيو.

”سنجو يو ناٽي مين ڊونٽ بي سارڪئسٽڪ ”راج ڪوڙيءَ ڪاوڙ مان چيو.

”چڱو پنهنجي پنهنجي ڪيتر ۾ سقل ليڊيز ٻڌايو ڪهڙو سنجيده سبجيڪٽ آهي اوهان جو.“

”سچ ٻڌايانو سنجو اسين سشما ۽ اهڙين ٻين عورتن جي زندگيءَ جي پنهنجي زندگين سان ڀيٽ ڪري رهيون هيون سين.“

ونيتا عجب ڪائيندي چيو“اڙي سشما ۽ توهان جي زندگين ۾ ڪھڙو تعلق آھي؟ڪھڙي سمانتا آھي آخر.“

”آھي نہ“

”ڪيئن“

”توڪي پريم جي ناموس جي تہ خبر آھي نہ؟“

”ڪھڙي ناموس ؟“

”اڙي ھن ڪي ڪيتريون ساھيڙيون آھن؟ ڪيڏي فاست لائيف اٿس؟ھي پتنيون ڪيئن برداشت ڪري وينيون آھن؟اسان چو نہ ڪيو؟“

سنجو سوچ ۾ پئجي ويو.

”ھنن بہ پنھنجي لاءِ ڪي رستا ڳولھي ورتا ھوندا.“

ٽيئي زالون کلڻ لڳيون.

”لڳي ٿو سنجو تہ تون اسان جي سوشل گاسپ کان چڱي طرح واقف آھين.“

پريتي کلندي چيو ”لڳي ٿو سشما جي سوشل لائيف جي صحيح رڳ تي ھٿ رکيو آھي سنجوءَ“

”ٿئنڪ يو پريتي توهان مون کي مورک سمجھيو آھي ڇا؟پر منھنجي جواب تي ڌيان ڏيو.مون چيو ”رستا ڳولھي ورتا ھوندا؟“ مون ڪونہ چيو ”رستا ڳولھي ورتا آھن“

”ساڳي ڳالھ آھي توکي ڇاڻ آھي تہ ھنن ڳولھي ورتا آھن.“

”تہ پوءِ“

”مون چيو تہ ھي سمارٽ زالون آھن.اسن کان وڌيڪ عقلمند آھن.جيئن تيئن سمجھوتا ڪريڀنھي جھانن جا سُک ماڻي رھيون آھن.شايد اسان ئي ڪجھ غلط ڪيو.“پريتيءَ سمجھاڻي ڏيندي چيو.

”مون کي توسان ان ڳالھ تي اختلاف آھي پر مان پنھنجو رايو ڀاڻ تائين محدود رکڻ چاھيندس.“

”پر ڪجھ تہ ڪامينٽ ڪر.“

”ڏس هر ڪنهن جون حالتون نراليون آهن.سياوء نرالا آهن.سُور برداشت ڪرڻ جي شڪتي نرالي آهي.پڻ زندگيءَ ڏانهن رويو سڀ کان اهم چيز آهي رويو يعني ائٽيٽيوڊ ڪن بہ ٻن ڌرم پتنين جي حالتن ۾ فيصلن کي پيٽڻ جي غلطي ڪڏهن بہ نہ ڪرڻ گهرجي.توهان کي چا ڪنهن کي بہ نہ!“

تون شايد نيڪ چئي رهيو آهين“پريتيءَجواب ڏنو.

”پر مان سمجهان ٿو تہ We are the best “هن ونيتا جي ڳلي ۾ ٻانهن وجهندي چيو.“اسان جهڙو ٻيو ڪو جوڙو هوندو ئي ڪونہ.“

”هيل تائين“ ونيتا هنکي وچ ۾ ٽوڪيو.

”چا مطلب؟“

”سو فار سو گُڊ So for so good“

يعني توکي آئيندي تي ڀروسو ناهي؟توکي شڪ آهي.پاڻ تي ۽ مون تي بہ؟“سنجوءَ عجب وچان چيو.

”ڪجھ چئي نٿو سگهجي“ونيتا ٿهڪ ڏيندي چيو.“زمانو تمام تڪڙو بدلجي رهيو آهي ڊارلنگ“ هن ڊارلنگ تي زور ڏنو.

”هل هتان مون کي چيڙائڻ واري.“ سنجوءَ زال کي ٻانهن کان ڇڪيندي چيو.

ونيتا ٽهڪ ڏيندي پئي ويئي.

”اوڪي باءِ ليڊيز!“

راج ۽ پريتي ڪيتري دير تائين انڪلنڊڙ ۽ مذاق ڪندڙ جوڙي جي پٺڀ ڏانهن نهاريندا رهيون.

سچ پچ اڄ ڪالھ جي جوڙن تي ڪهڙو بقاءُ آهي؟“ راج چيو.

◈

# دنيا کو لات مارو ،دنيا سلام ڪري!

ريڪا تون هتي ڇو بيٺي آهين؟“منهنجي ساهيڙيءَ مون کي ٻانهن کان جهليندي چيو.

”ڏس هن هئنڊ بئگ جي مرمت ڪرڻ واريءَ موچيءَ وٽ ڪيڏي ڀيڙ آهي.مان پنهنجي واري جو انتظار ڪري رهي آهيان؟“

”ڪمال آهي تون هن ڪِيو ۾ بيٺي آهين؟“

”ڇا ڪريان ؟“

”تنهنجي ڪار ڪٿي آهي؟“

”ڪار پارڪ ۾ !“

”هل تون مون سان .....مان تي تنهنجو ڪم ڪريان.“

”پر .............“

”اڙي هلڪڙي“ هن منهنجي ٻانهن کي ڇڪيندي پاڻ طرف گهليو.

”هاڻي دروازو کولءِ جيئن مان چوانءِ تيئن ڪر.“

مون موٽر جو دروازو کوليو ۽ هوءَمنهنجي پر واري سيٽ تي ويهي رهي.

”هاڻي موٽر هلاءِ انموچيءَ جي دڪان طرف“

جڏهن دڪان آيو تہ وچ رستي تي هن موٽر بيهارڻ لاءِ چيو

مون موٽر بيهاري.

هن دريءَ مان اسٽائيل ۾ واڪو ڪيو“اڙي پرس والي ايڌر آئو“هن انگريزي اچارن سان هندي ڳالهائندي هن کي سڏيو.

موچي پنهنجو ڪم ۽ گراهڪ ڇڏي ڊوڙندو آيو ۽ هٿ جوڙي چوڻ لڳو ”ڪيا حڪم هئہ

ميم صاحب“

”يھ پرس لي لو ھم کو جلدي بناکي دو ھم تورا دير ۾ آتا ھئہ“

”جي اچا ميم صاحب“

”دس منٹ ۾آتا ھئہ“

”جي اچا ميم صاحب“

ٻيا گراھڪ ماٺ ميٺ ۾ نهاري رهيا هئا.ٽرئفڪ پنيان بيهجي وئي هئي.مان ٽپرس وچان هيڏانهن هوڏانهن نهاري رهي هئس ۽ پنهنجي ڪل کي روڪڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئس.

”هاڻي تون پلي اڳتي هل.........مون کي هتي لاهہ ....ڏهن منٽن ڪانپوءِ ان ئي اسٽائيل ۾پرس وٺندي وڃج.“

◈

## چوٽڪارو

”گهوڙا ڙي گهوڙا ........ڪيڏو سور آهي...هاءِ هاءِ ...مران ٿي ....ممي ممي چا ڪريان؟...ڏاڍو سور ٿئي ٿو...اڙي مون کي ڪهڙي خبر هئي تہ ائين ٿيندو آهي ....او ...هو ...هو چا ڪريان؟“

انيتا سور ۾ ٻاڏائي رهي هئي ۽ مان ڪيس آٿت ڏئي رهي هئس.

”بس باقي ٿورو ..ايترو ...تہ سهڻو ئي پوندو!“

”ايترو؟ توهين ان کي ايترو ٿا چئو؟....ممي ڪيترو آهي سور ...اڙي رام ...زبردست سور....وري آيو سور...“

مون پنهنجي پٽ سنجوءَ کي اشارو ڪيو ۽ مان اتي پاسيري ٿيس.هاڻي سنجو اچي انيتا جي پر ۾ ويٺو ۽ هن جو هٿ پڪڙي ورتائين.مان سمجهي ويني هئس تہ اهي ويم جا ئي سور هئا.هاڻي اهي هر ڏهين منٽين اچي رهيا هئا.

مان سامهونڪاريدار جي دروازي وٽ اچي بيٺس.پنڌرهن کن زالون اتي رکيل بينچن تي ويٺيون هيون.سيني جا پيٽ کن جا ننڍا کن جا وڇولا ته کن جا تمام وڏا نڪتل ،ويٺيون هيون ۽ ڊاڪٽرياڻيءَ وٽ اندر وڃڻ لاءِ پنهنجي واري جو انتظار ڪري رهيون هيون.انهن سيني عورتن کي اهڙن ساڳين سورن مان گُذرڻو هو.ساڳيءَ طرح واڪا رڙيون ڪرڻيون هيون.انهن سورن سهڻ کانسواءِ ڇوٽڪارو ممڪن نه هو....۽ ان کانپوءِ؟

هاڻي وري انيتا جي ڪٽ تان ڪُرڪڻ ڪنجهڻ جو آواز اچڻ لڳو هو.آيا وري سور ! ڏهه منٽ جو سک سان گذريا هئا.اهو ڪرڪڻ وڌندو ويو.سنجوءَ کي مون ٻاهر وڃڻ لاءِ چيو ۽ مون وڃي سندس جڳهه والاري.

”هاءِ ڙي هاءِ!... هي ڇا پيو ٿئي؟.........سور ڙي سور......ڏاڍو سور ..آ.....آ...او گاڊ....سيو مي فرام دس پين.....هيلپ مي گاڊ.........ڇا ڪريان؟....باباڙي ...ممي..........!

هن جي نرڙ تي پسيني جون بوندون اڀري آيون هيون.مان پنهنجي رومال سان انهن کي اگهڻ لڳي هئس ۽ آٿت ڏيڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳيس........پر هوءَ پنهنجن سورن ۾ ئي بيزار هئي.سو هن کي ڪجهه اثر ئي ڪونه ٿي رهيو هو.هاڻي وري سور موٽ کائڻ لڳا ۽ هن پنهنجيون اکيون ٻوٽي ڇڏيون .مون کي لڳو ته هن کي آرام وچان اک لڳي ويئي هئي.

ها سورن جو انت ڪڏهن ٿيندو؟ڪڏهن ٿيندو به يا؟ مان پاڻ کان پڇڻ لڳيس.

مون کي ياد آيو ته ٻار ڄمڻ کانپوءِ به راتين جون راتيون جاڳڻيون پونديون آهن.هر پنجين ڏهين منٽين ٻار جون ڇيڙيون مٽڻيون پونديون آهن.ٻار پيو روئندو آهي ۽ خبر ئي ڪانه پوندي آهي ته ڇو پيو روئي ڪڏهن پيٽ ۾ سور ڪڏهن ڪن ۾ سور ڪڏهن پيٽ خراب ته ڪڏهن ڏند نڪرڻ ڪري ڪانه ڪا تڪليف چوويهه ڪلاڪ هلچل ننڊڙي پراڻيءَ جي سنڀال جي جوابداري.....۽ ان وقت خيال ايندو آهي.“جڏهن پيٽ جي اندر هو ته ڪيڏي نه سولائي هئي.قدرت ماڻيهي پئي پنهنجو ڪم ڪيو.گهٽ ۾ گهٽ رات جو آرام سان سمهي ته سگهندي هئس.ها اهڙو خيال منهنجي من اندر آيو هو.ياد آيون اهي راتيون جڏهن ننڍڙي سنجوءَ کي هنج ۾ کڻي پلنگ تي ويني ويني جهوٽا کائيندي هئس...۽ مان اهو به ڄاڻان ٿي ته اها ئي ڪنواري ٽاڻ پنهنجن جاڳندڙ ڪلاڪن ۾ منهنجي هنج ۾ ٻار کي ڏسي منهنجي خوشقسمتيءَ تي ايرڪا ڪندي هئي.شايد ته مون کي ماتاپڻي جو

سوياڳيه حاصل ٿيو هو.

زندگيءَ جي اها هڪ تلخ حقيقت آهي ته هر ڪو شخص پنهنجي منجهيل من ۾ پنهنجي سامهون واري شخص کي پاڻ کان وڌيڪ خوشنصيب سمجهندو آهي.اهڙن وقتن تي وري منهنجي من ۾ خيال ايندو هو"ڪڏهن سنجو وڏو ٿيندو جڏهن ٻار جي نيپاج جي تڪليفن کان آجي ٿينديس."

پر جڏهن ٻار وڏا ٿيندا آهن ته وڏا مسئلا پاڻ سان ڪٺي ايندا آهن.ٻاري ۽ منجهائيندڙ مسئلا ڪيڏو سمجهائڻسان به هو مائٽ جي هڪ ڳالهه به نه مڃيندا آهن ۽ ان وقت ٻچڙو من چوندو آهي "هن کان ننڍڙا هئا ته سنا هئا ته گهٽ ۾ گهٽ چيو ته مڃيندا هئا.ٻي حالت ۾ هنن کي هڪ چماٽ سان سڌو ڪري ڇڏبو هو.هاڻي ته پنهنجي هڪ به نه ٿي هلي!..انسان هر حالت ۾ پاڻ کي لاچار سمجهي ٿو.گذريل پل کي بهتر ۽ ايندڙ پل جو آسائتين اکين سان انتظار ڪري ٿو.

هاڻي وري "اونهه اونهه" جو آواز اچڻ لڳو.انيتا "سور سور "چوڻ شروع ڪيو هو.سور وڌندو ويو.

"ممي ...ممي.........ڪجھ ڪريو ڪڏهن ملندو هنن سورن مان ڇوٽڪارو؟"

"انيتا اونو نه ڪر توکي اوس ۽ جلد ئي ملندو.هنن سورن مان ڇوٽڪارو"

◈

## سڀ منهنجو ڏوهه!

اڄ ڪيڏو نه خاص ڏينهن آهي.منهنجي لاءِ ته آهي.هنن لاءِ الائي آهي يا نه؟ان جي مون کي ڪهڙي خبر؟اڄ اسان جي شاديءَ جي پندرهين سالگرهه آهي.مون ڪيو بيڪ ڪيو آهي.مون هن جي دلپسند ڊنر تيار ڪئي آهي.گهر کي ڦوڪڻن ۽ رنگين پٽين سان سجايو آهي.ڪئنڊل لائيٽ ڊنر جو پورو پورو بندوبست ڪيو اٿم.هاڻي مان بي صبريءَ سان مڪيش جو انتظار ڪري رهي آهيان.هن مرہون کي چئي ڇڏيو هو"شام جو ضروري ميٽنگ سبب هوندئن کان به وڌيڪ ٻزي هوندس."پوءِ به منهنجون اکيون ور ور گهڙيال طرف ڪجي رهيون هيون.

ايڏي دير؟شام جا ڇهه لڳي ويا ست به لڳي ويا آهن.سنجو به اسڪول مان گهر ڪونه موٽيو آهي.الائي ڪاڏي ويو هليو؟اڄ ڪلهه ته هن جو ڪو نڪاٽو ئي ڪونهي.سڄو وقت گهر کان ٻاهر وري ٻڌائي به ڪونه وڃي.اڪيلي هجڻ جو احساس مون کي شدت سان ستائڻ لڳو.پرديس ۾ اڪيلائپ ته هونئن به رهندي آهي.پر اڄوڪي ڏينهن مان وڌيڪ بيچين ٿيڻ لڳيس.نيٺ مون کان رهيو نه ويو.مون فون هٿ ۾ کڻي آفيس جو نمبر ڦيرايو.سندس سيڪريٽريءَ مون کي ٻڌايو ته ميٽنگ ان وقت تائين هلي رهي هئي.ان بعد مون سندس موبائيل فون جو نمبر ڦيرايو.ان تان به جواب نه مليو پڪ ئي پڪ هن فون بند ڪري ڇڏيو هو.مان لاچاريءَ وچان هٿ ٻڌي ويهي رهيس.اڌ ڪلاڪ کانپوءِ سندس فون آيو"مان پنهنجي بزنيس جي ساٿين سان ٻاهر ڊنر لاءِ وڃي رهيو آهيان.منهنجو انتظار نه ڪج."

"پر اڄ ته اسان جي......................"

۽ فون ڪٽ ٿي ويو.

هو رات جو ٻارهين لڳي کانپوءِ گهر آيو.مان رات جا ڪپڙا پائي پلنگ تي پاسا ورائي رهي هئس.

هن بتي ٻاري گهر جي سجاوت ڏٺي.ميز تي رکيل سامان به ڏسي آيو هو.عجب وچان چوڻ لڳو "هي سڀ ڇا آهي؟"

"هي سڀ ڇا آهي؟"توهين ٿا پڇو توهان کي ياد ڪونهي.اڄ جو ڏينهن؟"

"اڄ جو ڏينهن ؟" هي سوچڻ لڳو "او ها ..ها.. ياد اچي ويو! اڄ اسان جي ويڊنگ انيورسري آهي نه؟"

"اڄ ڪالهه تي چڪو آهي"مون گهڙيال ڏانهن نهاريندي چيو.منهنجي آواز ۾ هڪ سڏڪو.

"تو مون کي ياد ڇو نه ڪرايو؟"

"مان ياد ڪرايان؟هيترا سال ڪڏهن ياد ڪرائڻ جي ضرورت پيئي هئي؟"

"پر توکي ته خبر آهي ته مان ڪيڏو بزي ٿو رهان؟جيئن پوءِ تيئن ڪم وڌندو ٿو وڃي توکي مون کي ياد ڪرائڻ گهربو هو."

"ها ڏوھ منهنجو"

مان ننڍڙي شهر ڪولهاپور ۾ رهندڙ هڪ سادي سودي ڇوڪري هئس.اتي ئي ڄائي هئس.اتي ئي نپئي هئس ۽ اتي ئي ڪاليج ۾ گرئجويٽ ٿي هئس.منهنجي ڏاڏاڻن پارت اچي ورهاڱي وقت پنهنجو اباڻو ملڪ سنڌ ڇڏي اپر مهاراشٽرا جو ننڍڙو شهر وسايو هو ۽ ڏاڍي ڏنڌو ڌاڙي شروع ڪيو هو.وڏي پٽ هئڻ سبب منهنجي پيءُ کي ننڍي ڄمار ۾ ئي گهر جون سموريون جوابداريون سنڀالڻيون پيون هيون.

مان ارڙهين ورهين جي ٿيس تہ منهنجي شاديءَ جون ۽ اڪلائڻ جون ڪوششون ٿيڻ لڳيون.هتان هُتان مائٽيون اچڻ لڳيون.ان وقت مُڪيش جي بہ مائٽي آئي.مڪيش آمريڪا ۾ رهندو هو.هن کي اتي نئين نوڪري ملي هئي.شاديءَ لاءِ هو پارت آيو هو ۽ مون کي ڏسڻ لاءِ ڪولهاپور چڙهي آيو.هڪ ئي نظر ۾ هن مونکي پسند ڪيو.جهڙي نموني جي ڇوڪري ڪيس کپندي هئي.گهريلو پارتيہ سنسڪارن جي وچ ۾وڏيل ۽ انهن تي ئي اڏيل پارتي ناري ان جون جهلڪيون هن کي مون ۾ نظر آيون.الائي ڇو وديش ۾ آباد ٿيل هندستاني نوجوان شهري سمارٽ ڇوڪرين کان ڪنارو ڪري ڳوناڻين کي ترجيح ڏيندا آهن؟ان جو سبب شايد هنن جي اندر وينل پنهنجي انسيڪيورٽي هوندي آهي.وديش ۾ ڪجهہ سال رهڻ بعد هو سمارٽ تہ وقت پوندي ئي ٿي وينديون آهن.پر جهونا سنسڪار اڳتي هلي هنن جي گهر گرهستيءَ لاءِ لاڀدائڪ ثابت ٿيندا آهن.هن جهٽ مون کي پسند ڪري ورتو.مون بہ هن کي پسند ڪيو.حالانڪ منهنجي پسند ۽ ناپسند کي ايڏي اهميت هئي ئي ڪانہ جيئن اڪثر ٿيندو آهي.مون کي سنگيت ۾ خاص رُچي آهي.مون کي هڪ ڀڄن ڳائڻ لاءِ چيو ويو ۽ هو منهنجي آواز تي اڪن ڇڪن ٿي پيو.گونگي گانءِ وانگر منهنجو پلئہ هن جي دامن سان ٻڌو ويو.

شاديءَ بعد هو مون کي ڪئليفورنيا ۾ وٺي ويو.هڪ هندستاني ننڍڙي شهر جي سڌي سادي ڇوڪريءَ کي آمريڪا ۾ ٺائينڪو ٿيڻ ۾ ڪافي ڏکيائي پيش آئي ۽ وقت تہ لڳو پر مڪيش جي پيار مون کي اتي پنهنجا پير کوڙڻ ۾ مدد ڪئي.ڪهڙا نہ سهڻا ،سهاوڻا ۽ رومانٽڪ ڏينهن هئا اهي! پياري پتيءَ جو پيار پائي مان ڦولي نٿي سمايس.نئون گهر نئين گرهستي ،نئين سنسڪرتي ۽ نوان نوان سپنا چو طرف بهار ئي بهار هئي.سال ڏيڍ اندر سنجيہ جو بہ جنم ٿيو.مڪيش پنهنجو نئون ڌنڌو شروع ڪيو ۽ هن ترقيءَ جي راهہ تي تڪڙيون تڪڙيون وکون وڌائڻ لڳو.

ڀين زالن وانگر هن مون کي نوڪري ڪرڻ جي اجازت نہ ڏني.رڳو مون ايترو ڪيو جو ڊرائيونگ اسڪول جوائن ڪري ورتم ۽ موٽر هلائڻ سکي ورتم.چوڏهن سال الئي ڪيئن نبري ويا؟هن جو ڏنتو وڌڻ لڳو ۽ هو گهر ۾ گهٽ وقت گهارڻ لڳو.مصروفيت جي ڪارڻ هن جو منهنجي لاءِ پيار بہ شايد گهٽجڻ لڳو هو يا شايد اظهار ڪرڻ جو ڍانءُ هن مان گم ٿيڻ لڳو هو.هن کي سوچڻ ۽ ڪرڻ لاءِ گهٽيون ڳالهيون هيون.پرمون وٽ ڇا هو؟صرف گهر جو ڪم ڪار،گهر جي صفائي،وقت تي ڪاڏو ميسر ڪري ڏيڻ.جيسيتائين سنجو ننڍو هو مون ڪ سوچڻ جو وقت ڪونہ ملندو هو.پر جيئن هو وڏو ٿيڻ لڳو،پر مون کي ڪيئن بہ ڪنهن بہ طريقي سان پاڻ کي مشغول رکيو.مون ڊائري لکڻ شروع ڪئي ۽ ڪجهہ وقت پڙهڻ ۾ گذارڻ لڳيس.

سنجو هاڻي اُجاترا جواب ڏيڻ لڳو هو.هن جي اسڪول جون رپورٽون بہ تسلي بخش ڪونہ هيون.مون کي لڳو تہ هو سٺي سنگت ۾ ڪونہ هو.مون مڪيش جو ڌيان اُن پاسي ڇڪائڻ جي ڪوشش ڪئي پر هو ان ڳالهہ کي گنڀيرتا سان ڪٽڻ لاءِ تيار ئي ڪونہ هو.هن ڳالهہ ٻڌي اڻ ٻڌي ڪري ڇڏي.ڄڻ تہ مان وڏاءُ ڪري رهي هئس يا اهو صرف منهنجو تصور هو.

ولايتي ماحول ۾ وڌندڙ ٻارن کي وڏيڪ ڇڙواڳي ڏني ويندي آهي.گهڻو ڪري هو پنهنجن نجي معاملن ۾ ٻين جي دست اندازي برداشت ڪونہ ڪندا آهن.پر مان پنهنجي هندستاني سڀاءُ کي ڇا ڪريان؟مان هن ڪان اوير اچڻ جي باري ۾ سوال پڇڻ لڳيس.رات جو ليٽ اچڻ صبوح جو ليٽ اٿڻ.ڪمري ۾ صفائي نہ جهڙي هجڻ.هر وقت لائوڊ ميوزڪ ۽ ناچ ٽاپ مون کي بلڪل نہ ٿي وڻيو ۽ مون انهيءَ ڳالهين تي اعتراض اٿارڻ شروع ڪيو.نتيجي طور سنجوءَ مون سان پائي ڪنئي.هو ابتا سبتا جواب ڏيڻ لڳو.

مون کي هن جي آئيندي جي چنتا ٿيڻ لڳي.جڏهن مون کي خبر پئي تہ هو اسڪول ۾ اڪثر غير حاضر رهڻ لڳو هو تہ مان بيحد پريشان ٿي ويس.

پنهنجي روزاني نيم موجب مڪيش رات جو دير سان آيو.سنجوءَ جو تہ ڪو پتو ڪونہ هو.ڪاڏي جي ميز تي مون سنجوءَ جي اسڪول ۾ غير حاضريءَ جي ڳالهہ ڇيڙي ۽ پنهنجي چنتا جو اظهار ڪيو تہ مڪيش ٻگڙجي پيو.

”اجا گهر ۾ پير رک مس تہ تنهنجين شڪايتن جا چنا ڪُلي ٿا وجن ڇا منهنجي مٿان ڏنڌي ڌاڙيءَ جون جوابداريون گهٽ آهن.جو گهر جا مسئلا ٻڌائڻ ويهي رهي

آهين؟“

”اهو تنهنجو ڊپارٽمنٽ آهي.آخر تون ڪهڙي مرض جي دوا آهين؟“

”سنجو اوترو ئي توهان جو پٽ آهي.جيترو منهنجو.منهنجي خيال موجب هن کي پيءُ جي رهبريءَ جي سخت ضرورت آهي“شاديءَ کانپوءِ اڄ پهريون ڀيرو مان محڪم ۽ پختي آواز سان ڳالهائي رهي هئس.الائي ڪٿان مون ۾ همٿ اچي وئي هئي؟ها اهائي وقت جي تقاضا هئي.

”هيل تائين تو پنهنجي لاڏلي پٽ جي سموري جوابداري ڪنئي آهي ۽ هن کي ڪارڻ ۾ تنهنجو ئي هٿ آهي“.

”جيڪا ڳالهه غلط ٿئي ان جي قصوروار مان ئي آهيان“

منهنجي آواز ۾ غصو هو ته سڏڪو به

”ها تنهنجو ڏوهه آهي تون هن سان گهٽي گند ڪنڊ ڪرين ٿي.تو غنده زنيءَ جو رويو اپنايو آهي.دست اندازي به ڪرين ٿي.زمانو ڦري ويو ان ڳالهه جي توکي بوجهه آهي يا نه؟هن کي تنهنجون اهي ڳالهيون ناگوار لڳن ٿيون“

”توهان کي ائين ڪنهن چيو آهي؟“

”سنجو پاڻ مون کي اها ڳالهه ٻڌائي آهي“.

”ته ان ۾ منهنجو ئي ڏوهه آهي“.

”ها“

ڳالهيون ائين ئي بد کان بدتر ٿينديون ويون.سنجوءَ کي ماسترن ۽ پرنسيپال جي صلاح سان هاسٽل ۾ ڀرتي ڪيو ويو.چاڪاڻ ته هن کي گهر ۾ سنڀالڻ ڏکيو ٿي پيو هو.ائين ڪرڻ سان خرچ ٻيڻو ٿي ٿي پيو.پر ان کان سواءِ ٻيو ڪو چارهو به نه ڪونه بچيو هو.مڪيش جي آمدنيءَ ۾ اضافو ٿيو هو ۽ هو خرچ ڀري سگهيو ٿي.

سنجوءَ جي هاسٽل وڃڻ کانپوءِ مانوڏيڪ ادس رهڻ لڳيس.اها اداسي ۽ واندڪائي مون کي اندر ئي اندر کائڻ لڳي.پنهنجي وطن ۽ عزيزن کان پري هئڻ جو احساس وڌي ويو ۽ مان مائٽن جي يادن ۾ ڪوهجي ويندي هئس.مان پنهنجي ڀاوناڻ ۽ ويچارتن کي

قلم ذريعي اظهارڻ لڳيس ۽ ڪيترا ڪلاڪ ڪمپيوٽر جي سامهون گذارڻ لڳيس.

مان پنهنجيماضيءَ جي تڪ تور ڪرڻ لڳيس.مون پنهنجي حياتيءَ جا انمول پنرهن سال پنهنجي پتيءَ پٽ ۽ گرهستيءَ کي ارپيا هئا.انهن جي پٺيان خرچ ڪيا هئا.ڇا اهي سڀ اجايا ويا؟مون کي موٽ ۾ ڇا مليو؟

مڪيش پنهنجو ڪم وڌائي رهيو هو.هن جي نئين آفيس جو مهورت هو.هن هڪ ننڍڙي پارٽي رکي هئي.مان به هن سان گڏ اتي ويس.

هن جي خانگي سيڪريٽري مارگريٽ لڳ ڀڳ ڏهن سالن کان هن وٽ ڪم ڪري رهي هئي.ان عرصي ۾ هن جي شخصيت ۾ سهڻو نکار آيو هو.هوءَ چڱي بردبار هوشيار سمارٽ ۽ آتم وشواس واري عورت بڻجي پئي هئي.مون کي هن جي ڪم ڪرڻ جو انداز پسند آيو ۽ مان هن جي قابليت تي رشڪ ڪرڻ لڳيس.گهر اچي مون پنهنجي من جي ڳالهه مڪيش سان ڪئي.

”هنن ڏهن سالن ۾ مارگريٽ ۾ ڪيڏي نه صحتمند تبديلي آئي آهي ٻاهر ڪم ڪرڻ سان انسان ۾ ڦيرو اچي تو وڃي آهي نه ائين؟“

”پر تو نه ڪجهه به ڪونه ڪيو نه؟“

”مان پنهنجين گهر جي جوابدارين ۾ مشغول رهيس.“

”پر تو مون کي ٻاهر ڪم ڪرڻ ڪٿي ڏنو؟“

”مون ڪرڻ ڪونه ڏنو يا تنهنجي مرضي ئي ڪم ڪرڻ تي ڪانه هئي؟“

”لڳي ٿو توهان کان سڀ وسري ويو آهي؟“ مون ڏکويل لهجي ۾ چيو

”ڇا وسري ويو آهي؟“

”مون سنگيت سکڻ چاهيو هو توهان موڪل نه ڏني.ياد ڪريو مون توهان کي توهان جي آفيس ۾ مدد ڪرڻ جي آڇ ڏني هئي.پر توهان کي اها ڳالهه پسند نه آئي.توهان چيو هو ”ڇا گهر ۾ ڪم گهٽ آهن؟تون گهر گهر سنڀال توهان ائين چئي ڳالهه ٽاري ڇڏي هئي.“

”جي سچ پچ چاهين ها ته ڪم ڪري سگهين ها اهي سڀ بهانا آهن.“

منهنجون اکيون ڳوڙهن سان پرجي آيون.پر روئڻ مان ڪهڙو فائدو؟مڪيش کي ته ڳوڙهن کان به چڙ آهي.هو انهن کي ڪمزور عورتن جو هٿيار سمجهندو آهي.مان انهن کي پيئڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳيس.“واهه ڳالهه ڦيري پنهنجي فائدي ۾ موڙ ڏيڻ جي ڪلا ۾ بيشڪ اوهين پڙ آهيو!”مون دل ئي دل ۾ هن کي داد ڏيندي چيو.

منهنجو من تلخيءَ سان پرجي ويو.

هر ڳالهه جا غلط تي رهي آهي ان جي نتيجي جو الزام مون تي ئي لڳايو پيووجي ۽ لڳايو ويندو.

”ها ڏوهه منهنجو ئي آهي“ مون پٽڪي ۾ چيو.

اهو سڀ ڪيسيتائين هلندو؟هاڻي مان پنهنجن پيرن تي بيهندس.پنهنجي نجي زندگيءَ جا فيصلا پاڻ ڪنديس.ڪنهن جي به نه ٻڌنديس!

مون پڪو ارادو ڪري ورتو.

∴

# پهرين پيٽ پنجوءَ جو............!

”اڄ مون کي ان ماريي پنجوءَ ڏاڍو هلاڪ ڪيو آهي.“

”ڇو پوپڙي ڇا ٿيو؟“

”مون کي ٻڌاءِ ته مون ماريي پٽيي کي ان لاءِ رکيو آهي نه ته منهنجي لاءِ ڪاڏو رڌي يا پنهنجي واسطي ويهي ديگڙا پُچي.“

”سولو ٻڌاءِ نه ته آخر ٿيو ڇا آهي؟“

”ٻڌ موليءَ ماءُ... . . مان اڪيلي جيوءِ ڇا ڪائي ڇا ڪائيندس؟هڪ ٿڌي نڙي سبزي ۽ ٻه ڦلڪا ٻيو ڇا؟“

”پر پرابلم ڪهڙو آهي؟“

”مان چوانس منهنجي لاءِ هڪ پاڄي ناهه سو ٻه گهٽ تيل ۽ گهٽ مصالحن سان پر هو ٿي ٿي سبزيون پيو رڌي سو به پنهنجي پسند جون! خوب مرچن مصالحن سان چڱي طرح پُچي پُچي“

”ته منع ڪرينس نه“

”ڇورو ٻڌي ڪٿي ٿو“

”ته ڪاوڙ ڪرينس دپ ڪدينس“

”دپ ڪدانس ۽ مان؟مون کي گهوگهو ڏيئي ڇڏي ته؟“

”ڇا پيئي چوين؟هيڏو جهونو نوڪر آهي تنهنجو.“

”جهونو آهي تڏهن ته رکي ويني آهيانس نه ته ڏسو ته اخبارن ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون ڳالهيون پيون ڇپجن.“

”سچي ڳالهه آهي نوڪرن کان ته ڊڄڻو ئي ٿو پوي.“ موليءَ ماءُ وڻائيندي چيو.

”پوءِ رکو ڇو ٿيون نوڪر“ موليءَ پيءُ کين وچ ۾ ٽوڪيندي چيو.

”توهان کي خبر آهي تہ چو ٿيون رکون اسين نوکر پنهنجي سک جي لاءِ ٻيو چا؟“

”پوءِ ڏکي تہ نہ ٿيو.“

”اڙي اسان کي ڳالهائڻ ڏيو نہ.“

هو ٽيئي پوپڙي،موليءَ ماءُ ۽ سندس گهوٽ شام جو گارڊن جي هڪ بينچ تي ويهي گپ شپ ڪري رهيا هئا.

”هاڻي مان توهان کي پنهنجي راموءَ جي ڳالهہ ٻڌايان“موليءَ ماءُ ڳالهہ کي وڌائيندي چيو“رات پڇيو مانس چا تو رڌين ڊنر لاءِ“

تہ چوي ٿو ڳ ”اڄ منهنجو ڪاڏو ٻاهر آهي.“

”ماريا تنهنجو ڪاڏو ٻاهر آهي تہ چا اسان لاءِ ڪونہ رڌيندين؟“

”فرج ۾ منجهند جو پالڪ پنير جي سبزي رکي آهي اها توهان لاءِ ڪافي آهي چار مانيون توهان لاءِ پچائي تو ونان.“

”۽ تو ڪجهہ ڪونہ چيس“

”مان بہ تو وانگر ئي ڏڄٽي آهيان.“

”۽ توهان ؟“ پوپڙيءَ مولي پيءُ ڏانهن نهاريو

”اهو ڪم آهي گهر ڌياڻين جو مان انهن ڳالهين ۾ پوان ئي ڪونہ“

”ڪمال آهي! مان تہ ٿيس اڪيلي توهين تہ گهٽ ۾ گهٽ بہ آهيو.“

”ڇڏيو ان ڳالهہ کي مون کي پنهنجو هڪ قصو ياد اچي ويو ٻڌنديون.“

”ها ها چو نہ ....... ......ٻڌايو نہ.“

”مان ٽرين ۾ سفر ڪري رهيو هوس.گاڏي هڪ اسٽيشن تي بيٺي تہ سامهون هڪ سمبوسن جو اسٽال ڏٺم پنهنجي دريءَ مان هڪ ماڻهوءَ کي سڏي ۽ کيس چار رپيا ڏيئي چيم ”ڀائي صاحب مهرباني ڪري بہ سمبوسا آڻي ڏيوم.“

وري خيال آيم ”ويچارو مفت ۾ چو منهنجو ڪم ڪري؟“ چار رپيا ٻيا ڏيئي چيو

مانس“ہ سمبوسا توهين ہ وٺي ڪائو“ خبر اٿو چا ڪيائين

”چاہ

.هن واپس اچي چار رپيا موٽايا ڇي ”هن وٽ رڳو ہ سمبوسا هئا سو مون ڪنيا“

”تہ توهان کي ڪونہ مليا؟“

”نہ پائي هن جو کائڻ وڌيڪ ضروري هو“ ۽ هو اچي ٿهڪن ۾ ٽڪيو.

”اڙي توهين ڪلو ڇو نہ ٿيون ؟توهان کي ڪلڻ اچي ئي ڪونہ ٿو؟“

”آهي تہ ڪِل جهڙي ڳالهہ..................سيني کي اچي پنهنجي لڳي آهي اهو تہ ٿيو پهرين پٽ پنجوءَ جو ٻيا سڀ پوءِ ......“

”ائين ئي سمجهو ۽ ائين سمجهي ڪِلو“

◈

# هڪ ہ شوڪ سيا ٽيڻ ڏي ،يار!

جيئن تہ اخبار واري ٻاهرين دروازي جي ڇير مان ”ٽائيمس آف انڊيا“ روزاني اخبار جي ڪاپي اندر وڌي.شيوڪرام ان اخبار کي جهٽ هٽ ۾ ڪٽي ورتو.هو ڪيتري دير کان اخبار جو ٻي صبريءَ سان انتظار ڪريرهيو هو.هن پهريون صفحو غور سان ڏٺو ٻيو ۽ پوءِ ٽيون ،چوٿين صفحي تي هن کي مطلب جي شيءِ نظر آئي.ها،اُتي سندس ڦوٽو هو اڇو ۽ ڪارو نہ تمام ننڍو نہ تمام وڏو.....پر چگيري سائيز هو ۽ ڇٽو ہ هو.هون کي خوشيءَ پريو سنتوش مليو مٿان سرو لکيل هو:

اڳيون ڪارپوريٽر ۽ سماج شيوڪ شري شيوڪرام هن جهان ۾ نہ رهيو.

مشهور سماج شيوڪ شيوڪرام صبوح جو سويل پنهنجي دوست شري مرچو مل سان جُو هُو ٻيچ تي واريءَ تي چهل قدمي ڪري رهيو هو تہ اچانڪ ساگر جي هڪ لهر هن کي پاڻ سان ڪٽي وئي.سندس ساٿيءَ مدد لاءِ واڪا ڪيا .هن کي بچائڻ جي ڪوشش

ڪئي ويئي.پر هن جو جسم سمنڊ ۾ غائب ٿي ويو.پوليس جي تفتيش ڪانپوءِ هن جا قاتل ڪپڙا ۽ جُتي جو پادر مليا آهن.جنهن مان لڳي ٿو تہ هن جو عموما موت ٿي ويو آهي.هن جيون جو گهڻو حصو سماج شيوا کي ارپڻ ڪيو هو ۽ هن نسوارٿ شيوا جا ڪاريہ ڪيا هئا.هن جي ديهانت جو بڌي ماڻهن ۾ دک جي لهر ڇانئجي ويئي آهي.

هن جي واڪاڻ ۾ اٺ ڏهہ ستون بيون بہ لکيون ويون هيون.اهو سڀ پڙهي هنکي سنتوش مليو.پر اجا پورو نہ هو پنهنجي ساٿي مرچو مل جو انتظار ڪرڻ لڳو جيڪو بيون اخبارون ڪٺي اچڻ وارو هو.

شيوڪرام هڪ ووادي شخص هو هن سان واسطو رکندڙ ماڻهن ۾ مختلف گروهہ هئا.جن جو هن جي مخالفت ڪندا هئا.پنهنجي ڪليل ۽ بيباڪ سياءَ سبب هن کي دوستن کان وڌيڪ دشمن هئا.هن سماج لاءِ گهڻو ڪجهہ ڪيو هو ۽ ماڻهن جي دل وجان سان شيوا ڪئي هئي.هن ڪارپوريٽر جي حيثيت ۾ نوان نوان ستارا بہ ڪيا هئا.هن کي اهو احساس هو تہ پبلڪ هن جو ايترو قدر نہ ڪيو هو.جيتري جو هو لائق هو.

ٿي ڏهاڙا اڳ هن مرچو مل کي پنهنجي دل جي ڳالهہ ٻڌائي هئي مرچو مل هن جو ٻالپڻ جو ساٿي ۽ گهرو دوست هو.شيوڪرام جا هن تي گهڻا ئي ٿورا هئا.

”سالن کان منهنجي هڪ دلي اپلاڪا رهي آهي؟“

”ها يار ڪهڙي آهي اها اپلاڪا“

”توکي سڌ آهي تہ مون پنهنجي وت آهر غريبن ۽ گهرجائو ماڻهن جي مدد ڪئي آهي.مون کي ڪي ماڻهو پسند ڪن ٿا ۽ ڪيترا ئي ناپسند.تون ڄاڻين ٿو تہ منهنجا وروڌي ماڻهو منهنجي خلاف گهڻو ڪجهہ ڳالهائي رهيا آهن.مان جنتا جو پنهنجي باري ۾ رايو ڄاڻڻ چاهيان ٿو.“

”؟اهو ڪيئن ڪيو ويندو“

”ٻڌ دنيا جي اڳيان جي اها ڳالهہ اچي تہ مان پرلوڪ پڌاري ويو آهيان تہ منهنجي باري ۾ ضرور اخبارن ۾ ايندو ۽ ماڻهو ڳالهائيندا.“

”دوست تون سياڻو آهين توکي تہ خبر هوندي تہ مرڻ پڄاڻان تہ دشمن بہ پلو ڳالهئيندا آهن.“

”نه نه اهو ضروري ناهي منهنجي خواهش آهي ته ماڻهن ۾ اها خبر ڦهلائي وڃي ته مان سنسار مان ڪوچ ڪري ويو آهيان پوءِ ڏسون ته اخبارن ۾ منهنجي باري ۾ ڇا ٿو اچي.ڏسون ته شوڪ سڀائون وغيره ٿين ٿيون يا نه“

”هي منهنجو دوست به الائي ڪهڙا ڪهڙا ويچار ٿو مغز ۾ پالي؟“مرچو مل سوچڻ لڳو.ظاهري طرح چيائين ”پوءِ يار اهڙو ويچار عمل ۾ ڪيئن آڻڻ جو ارادو اٿيئي؟“

”هيڏانهن ويجهو اچ ته توکي سڀ سمجهايان ٿو.“

ٻئي ڏينهن صبوح جو سويل سج ايرڻ کان اڳ ٻئي جدا جدا موٽرن ۾ جُوهُو سمنڊ جي ڪناري طرف وڌيا.مرچو مل پنهنجي وڏالا جي هڪ بيڊ روم واري فليٽ جون ڪنجيون سيٺ شيوڪرام کي سونپيونهيون ۽ پاڻ سيٺ جي هڪ ڦاٽل قميص ۽ جُتيءَ جو پادر ڪٽي سمنڊ جي ڪناري تي پهچي ويو.ٻئي سمنڊ جي بلڪل ويجهو ڪناري جي ريت تي چهل قدمي ڪرڻ لڳا.ٿوري دير ڪانپوءِ سيٺ پاڻ ته هڪ موٽر اسٽارٽ ڪري نڪري ويو ۽ مرچو مل سيٺ جي قميص ۽ پادر سمنڊ جي حوالي ڪري ڇڏيا.جڏهن اهي ٻئي شيون هڪدم دور پهچ کان ٻاهر هليون ويون ته هن واڪا ڪرڻ شروع ڪيا.

”ٻچايو ٻچايو.. .....سيٺ شيوڪرام کي سمنڊ جي لهر پاڻ سان ڪٽي ويئي.“صبوح جو سوجهرو ٿيڻ لڳو هو.ايڪڙ ٻيڪڙ ماڻهو جيڪي هئا سي ڊوڙڻ لڳا.هڪ ٻن شخصن سمنڊ ۾ ڇلانگ به هنئي.مرچو مل پوليس کي فون ڪيو.ٿوري دير بعد ۾ پوليس پهچي ويئي.سمنڊ جي ڪناري وارا گارڊ پهچي ويا.سيٺ کي ڳولهڻ جي پرجوش ڪوشش شروع ٿي ويئي.هتان ايمبوليئنس تيار بيٺي هئي.هتان ٻيڙيون ۽ موٽر پوليس پنهنجي تلاش ۾ سرگردان هيون مگر سيٺ جي زنده يا مرده جسم کي هو ڳولهي نه سگهيا هئا.شام جو اتڪل چئين لڳي هنن کي سيٺ جي ڦاٽل قميص ۽ جتيءَ جو پادر هٿ آيو.ٻه ڏي اخبار ۾ سيٺ جي گم ٿيڻ جون خبرون ڇپجي ويون“سيٺ شيوڪرام کي صبوح جو سئر ڪندي جُو هُو ٻيچ تي سمنڊ جي لهر پاڻ سان گڏ ڪٽي ويئي.هو اڃا تائين لاپتا آهي.“

سيٺ جيئن تيئن اڪيلي سر ان وڏالا واري فليٽ ۾ رات گذاري ۽ صبوح ساڻ هو اخبار جي خبر پڙهڻ لڳو.

خوشقسمتيءَ سان شيپڪرام ڇڙوڇانڊ هو.هن شادي ڪانه ڪئي هئي.ڪيس نه ٻار هو نه ٻچو ۽ نه ئي ڪو پريوار.پرين مائٽن ڪانسواءِ هن کو خاص سنبنڌي هئو ڪونه.ها

دوست بيشمار هئس.

صبوح جو مرچو مل شهر جون سڀ روزانيون اخبارون کڻي اچي سيٺ جي سامهون ڦهلايون”هان هيءُ وٺ پنهنجو املهه ذخيرو“

سيٺ کي پيو چا گهربو هو.هر هڪ اخبار ۾ سيٺ جي سارهه جا چنا چپيل هئا.ساکن جون پليون ڀڏل هيون.ڪن ساراهه جا ڍڪ پريا ته ڪن ڳيتون پئي پيتيون.

هو پنهنجي ڪيتر جو بيتاج بادشاهه هو“

”هن جهڙو نسوارتي سماج شيوڪ چراغ کڻي ڳولهڻ سان به ڪونه ملندو.“

”هو هن دکي سنسار لاءِ سک جو سنديشو کڻي آيو هو“

”هو اونداهي دنيا جو هڪ پرنور ڏيئو هو.“

”هڪ چمڪندڙ لاٽ هئي.“

”هو جهڙو اندر هو تهڙو ٻاهر اهڙو شفاف دل انسان وري ڪٿان ملندو؟“

”سماجڪ ڪيتر ۾ هڪ دور جو انت ٿيو.هڪ نئين دور جي شروعات جنهن جو مستقبل سياهه آهي.“

”هو هڪ ڪوهنور هيرو هو“

”سيٺ شيوڪرام هڪ سچو شيوڌاري“

سيٺ شيوڪرام ڪڳيون هڻڻ لڳو.منهنجي جيون سڦلي ٿي ويئي مون جيڪي چاهيو مون کي مليو.

واهه واهه ماڻهن مون کي صحيح سڃاتو.

”هاڻي دوست تون پنهنجي جڳهه تي واپس پهچي وڃين ته بهتر ٿيندو.سياڻي ڪنهن به حالت ۾ منهنجي زندهه هجڻ جون خبرون اخبارن ۾ اچڻ گهرجن.“

”يار هڪ به شوڪ سڀا ٿي وڃي“

”نه نه اصل به نه ورنه تڪليف ۾ اچي ويندا سين.“

”مگر واپس وڃڻ جي رٽ ڪهڙي آهي؟“

”هنييري مان توکي سمجهايان ..ٻڌ سنجها تيڻ کان اڳ ڪارو چشمو ،ٽوپي ۽ ڦاٽل پتلون پهري پنهنجي چهري کي اڏگابرو ڊکي ناريمن پائنٽ جي ڏاٽي پر پهچي وڃ.ڪالهه صبوح جو هوا جو رخ ڏکڻ طرف هو.مون پچا ڪئي آهي.لهرن کي ان طرف وڃڻ گهرجي.تون قميص لاهي هڪ هنڌ ويهي رهه.مان جلدي اتي پهچي ويندس.توکي موٽر ۾ وجهي پوليس کي تنهنجي ليجڻ جي خبر ڏيندس ۽ اتي ئي پنهنجي دوست ۽ ڊاڪٽر جي ڪلينڪ ۾ تنهنجي ملم پٽي ڪرائيندس ۽ آبرو دار ڪپڙا پهرڻ لاءِ ڏيندس.“

”ملم پٽي؟“

”اهو ته ڪرڻو ئي پوندو نه! تون پنهنجي ننهن سان پاڻ کي رهندون پائي وٺ نه ته مان توکي پايان؟“اڳيان وڌي ٿو.

”ٺيڪ آهي ..............ٺيڪ آهي ڇڏ مون کي ٿي ويندو“

”شايد رات جو ڪلنڪ ۾ وهڻو پوي.شايد نه به رهڻو پوي.پوليس اچڻ کان پوءِ توکي پنهنجي گهر پهچائيندس.تنهن کانپوءِ تون سنڀالي وٺج.“

مرچو مل پنهنجي ٿي وي چالو رکي هئي.ان وقت خبرون اچي رهيون هيون.اچانڪ سيٺ شيوڪرام جو نالو ٻڌي هنن ٻنهي جا ڪن سرلا ٿيا.خبر هن طرح هئي.

”ممبئي شهر جي مشهور سماج شيوڪ شيوڪرام جنهن کي جهُو ڪناري تي لهرون پاڻ سان ڪٽي ويون هيون جو لاش برآمد ٿيو آهي.لاش جو چهرو سڃاڻڻ کان ٻاهر آهي.مگر پوليس وارن جو چوڻ آهي ته اهو شيوڪرام جو ئي آهي.“ٻئي دوست اکيون ڦاڙي هڪ ٻئي ڏانهن نهارڻ لڳا.

”هل اسان کي هاڻي ئي نڪرڻو پوندو.ڪڍ پنهنجو چشمو ۽ مڦلر ٻاهر.“

”يار هڪ ٻه شوڪ سيا ٿيڻ ڏي نه“

هاڻي بس ڪر گهڻو ٿيو.“

# بچايو...........

”پيارا پائرو ۽ پينرو ! توهين ڪلپنا ڪريو تہ توهين هماليہ پهاڙ جي اوچي ۾ اوچي شکر مائونٽ ايورسٽ تي بينا آهيو.چئني طرف آهن برف سان ڍڪيل ننڍيون چوٽيون.اچانڪ ڪير هزارين ٽنن جا رفائينڊ تيل جا هزارين دبا انهن چوٽين تان هاريندو ٿو وڃي.اهو تيل لسي برف طان ترڪندو هيٺ پيانڪ ڪاهين ۾ ڪوهجي ٿو وڃي.“

”هاڻي وري پنهنجي تصور ۾ ڏسو مٺي شڌ کير جي نهيل مٺي شڌ ڍهيءَ ڪان خوب ولوڙيو ويو آهي.مٿان خوشبودار پڪڙيل پيئي آهي.اتي ان لسي جون هزارين چاڏيون رکيون آهن.هزارن جي تعداد ۾ ۽............

انهن کي پهاڙن تي ليٽايو ٿو وڃي.لسيءَ جي ندين کي نہ رڳو برف ٿڌو ڪري رهي آهي پر ڪٿي ڪٿي لسي پاڻ بہ برف ٿيندي پئي وڃي.پر گهڻي لسي گهاٽيءَ جي اونداهيءَ ۾ غرق ٿي ٿي وڃي.

سڀ درشڪ حيرت ۾ دنگ منتري صاحب جو زوردار ڀاشڻ سُڻي رهيا آهن.ڪن جا وات ڦاٽل تہ ڪن جون ڏندن هيٺيان آڱريون.

” يا بيسڻ جا مڻ ئي مڻ آهن انهن ۾ بصر جو مصالحو، ڪوٽمير ۽ ساوا مرچ وجهي ذائقيدار پڪوڙا تيار ڪيا پيا وڃن ۽ انهن گرم گرم پڪوڙن کي هماليہ جي چوٽي تان ڦٽو ڪيو پيو وڃي.“

ڪن درشڪن جي واتن مان آہ نڪري وئي ۽ ڪي وري پنهنجن چپن تي چپ ڦيرڻ لڳا.

”هاڻي ٻڌايو توهين ٻڌايو ان کي کهڙو نالو ڏيان؟اهو قومي نقصان آهي يا نہ؟ نئشنل لاس آهي يا نہ؟

سيني پنهنجا ڪنڌ ڌوڻيا.

”تہ اهڙي ئي نموني جڏهن اوهين هڪ ڪمري مان ٻئي ۾ وڃو ٿا ۽ اوهان کي بتي وسائڻ وسري ٿي وڃي يا پنکو بند ڪرڻ وسري ٿو وڃي ۽ اهڙي نموني هزارين ماڻهو ائين ڪن ٿا تہ اهو بہ اهڙو ئي قومي نقصان آهي.جهڙو جبل تي هزارين تيل جي دبن جو ڪرڻ لسيءَ جو ڪنچنچنگا تان هارجڻ يا پڪوڙن جو ڪاهيءَ ۾ گم ٿي وڃڻ.“

تاڙين سان هال گونجڻ لڳو.منسٽر پنهنجن ڏندن واري مسڪراهٽ سان چوڌاري نهاريو ۽ اوچن هٿن سان سنتوش پريو نمسڪار ڪيو.

سندس وڏي شاهي موٽر تيار بيٺي هئا.موٽرن جي قطار ۾ ٻيا ماڻهو به ويهجي ويا.ڳاڙهي گهمندڙ لائيٽ واري موٽر جي پٺيان ٻين موٽرون ،جيپون وردي پهريل پوليس وارن جون موٽر سائيڪليون سائرن جي آواز سان گڏ ڳاڙهيون بتيون بندوقون وائرليس سيٽ ڊوڙڻ لڳا........

***پوروٽيو***

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

ڊجيٽل سنڌي ڪتابن جي سڀ کان وڏي لائيبرري